جدیدیت پچانکان

Post Modernism

(Soiety and Literature)



ڈاکٹر غفور میمن

جديديت پچاڻان

(سماج ۽ ادب)

ڈاڪٽر غفور ميمڻ

سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2016ع

سپ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جديديت پچاڻ

موضوع: سماج ۽ ادب

ليکڪ: ڊاڪٽر غفور ميمڻ
(03332323516)

لي آئوٽ ۽ ترتيب: ڊاڪٽر شير مهراڻي

ڇاپو پهريون: جنوري 2016

ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽرس، ڪراچي

ٽائيٽل: قربان علي سولنگي

قيمت: 250 رپيا

ملڻ جو هنڌ

سنڌي شعبو

يونيورسٽي آف ڪراچي

ڪراچي

انتساب

پنهنجي بابا محمد اسمٰعيل ميمڻ جي نالي جنهن کان مون صبر جي انتها،
درگذر ڪرڻ، توڪل ۽ سادگي جهڙا گڻ سکيا...

پنهنجي نندڙي پٽ سروش جي نالي جنهن جي روپ ۾ مون سچ ۽ معصوميت ڏٺي...

پنهنجي جيون ساٿياڻي رخسانه جي نالي جنهن جي لاءِ آئون مصطفيٰ زيدي جو هيءُ شعر چوندو آهيان،

فنکار خود نہ تھی، مرے فن کی شریک تھی
وہ روح کے سفر میں بدن کی شریک تھی

ڈاڪٽر غفور ميمڻ

فهرست

- مهاڳ — اڪبر لغاري — 6
- جديديت پڇاڙ جو سنڌي مفڪر — ڊاڪٽر سيدعالم شاھ — 12
- تان ڪي ساڻن اور... — ڊاڪٽر شير مهراڻي — 14
- جديديت پڇاڙ جو اڪيلو ليکڪ... — ڊاڪٽر نواب ڪاڪا — 19
- پنهنجي پاران — ڊاڪٽر غفور ميمڻ — 24

1. جديديت پڇاڙ (پس منظر ۽ پيش منظر) — 30
2. حقيقت کان مٿانهين حقيقت (Hyper reality) — 54
3. ڪاري مسخري (Black Humor) — 61
4. جديديت پڇاڙ ۽ صوفي مت — 66
5. جديديت پڇاڙ ۽ ائبنارملٽي — 79
6. ساختيات پڇاڙ (دريدا جي ٽيوري چال) — 89
7. جديديت پڇاڙ ۽ سيڪس — 96
8. جديديت پڇاڙ ۽ مذهب — 102
9. جديديت پڇاڙ ۽ پاڪستان — 107
10. جديديت پڇاڙ جو زمان و مڪان — 113
11. ادب جي نفسياتي تنقيد — 119
12. مارڪسي تنقيدي جا ٽي دور — 128
13. ادب جي جمالياتي تنقيد — 136
14. فيمينزم ۽ ادب — 146

مهاڳ

اڪبر لغاري
ڪراچي

پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب سنڌ جي انهن ذي شعور ۽ عالم ليکڪن منجهان آهي جيڪي پي ايڇ ڊي ڪرڻ کان پوءِ به پڙهڻ ۽ لکڻ جو سلسلو جاري رکن ٿا. اصل تحقيق ٿيندي ئي ڊاڪٽريٽ ڪرڻ کان پوءِ آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب تي گهري نظر رکڻ سان گڏ، عالمي ادب، نفسيات، فلسفي، جديد سائنس کان ويندي فڪري توڙي ادبي تحريڪن جو به مسلسل مطالعو ڪندا رهن ٿا. نه صرف مطالعو پر هو ان تي گهٽو سوچين ۽ لوچين به ٿا. زيرِ نظر ڪتاب، سندن مشاهدي جي گهرائي، مطالعي جي وسعت ۽ فڪري پختگي جو ناقابلِ ترديد ثبوت آهي.

عقل ۽ فهم جي بالادستي جيڪا ڊيڪارٽ، لاڪ، هيوم، والٽيئر، هيگل، مارڪس وارن قائم ڪئي هئي (جنهن کي فڪري جديديت چئجي ٿو)، ان کي وجودين، جديديت پسندن، پسِ ساختياتين ۽ مابعد جديديت پسند ڏاهن اچي للڪاريو. انهن سيني ۾ طاقتور آواز مابعد جديديت جو آهي جيڪا ڪنهن به آفاقي سچ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي ۽ هر قسم جي سياسي، سماجي، اخلاقي توڙي مذهبي نظامن جي هڪ هٿي کي للڪاريو بيٺي آهي.

چا کا ڪاڪ يقين (certainty) سان چئي سگهجي ٿي؟ چا کو تشخص اڻ تبديل ٿيندڙ آهي؟ چا کو سچ آفاقي آهي؟ چا کو سونهن جو هڪڙو معيار آهي؟ انهن سيني سوالن جو نفي ۾ جواب ڏيڻ وارو فلسفي دريدا آهي؛ جنهن رد تشڪيل جو طريقو وضع ڪيو. هو چوي ٿو ته، ڪنهن به فڪر يا ادبي متن کي جڏهن مختلف قاري پڙهن ٿا ته مختلف معنائون جنم وٺن ٿيون جيڪي

ڪڏهن ڪڏهن متنوع ۽ متضاد پڙ هوندیون آهن. تنهنڪري متن جي ڪا بہ حتمي ۽ مستند معنيٰ نہ ٿيندي آهي. ساڳي حالت تشخص ۽ آفاقي سچ جي بہ آهي. ڪٿي ڪو آفاقي سچ آهي يا نہ؟ دريدا وٽ ان جي ڪا بہ اهميت ناهي؛ دريدا چوي ٿو تہ سچ بيان ڪرڻ لاءِ اسان پولي جو سهارو وٺون ٿا جيڪا حتمي معنيٰ بيان ڪرڻ کان قاصر آهي. هن جي فڪر جو مرڪزي نقطو آهي تہ جڏهن اهو ذريعو جنهن وسيلي اسان سچ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا اهو ئي هڪ هنڌ بيٺل ناهي تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ سچ آفاقي ٿي سگهي ٿو؟ توڙي جو دريدا جي ان فڪري نقطي تي گهٽو بحث ٿيو ۽ ڪجهہ ڏاهن ان کي رد ڪرڻ لاءِ دليل بازي پڙ ڪئي، پر ڪيس رد ڪندڙ پڙ مڃي وينا تہ هو پنهنجي جاءِ تي معتبر ۽ مڃڙ لائق ڳالهہ ڪري ٿو.

ڏسون ٿا تہ اڄوڪيَ مابعد جديد ادب، ڊرامي، فلم۽ مصوري ۾ اهو معلوم ڪرڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي تہ آيا هي ادب، ڊرامي، فلم توڙي مصوري جا نمونا افسانوي آهن يا حقيقي. ڇو تہ ناولن ۽ ڊرامن ۾ حقيقي واقعن جي پيوندڪاري اهڙي طريقي سان ڪئي وڃي ٿي جو افسانوي شيون بہ حقيقي لڳن ٿيون يا وري حقيقي شيون افسانوي لڳن ٿيون. اهڙي طريقي سان حقيقت جو تصور ڊنڊلائجي وڃي ٿو يا اهو ماڳهين پس منظر ۾ هليو وڃي ٿو. حقيقت جو ائين خيالن سان وڃائجي وڃڻ ئي مابعد جديد ٿيوري جي صورتحال کيَ پڌرو ڪري ٿو. اهڙي طرح مابعد جديد ادب پڙ پروفيسر موهن سنگهہ جي خيال وانگر ٿيندو پيو وڃي جنهن ۾ هن چيو هو تہ،

"رب اڪ گنجلدار ڳجهارت،
رب اڪ گورک دهندا،
اس دي گنجل کولڻ لگيان،
ڪافر هوجائو بندا...

ساڳي ڪچان تا ڪافر واري ڪار آهي.
مابعد جديديت جا ڪيئي لقاءُ آهن جيڪي ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب پنهنجي برجستي قلم ذريعي اسان تائين پهچايا آهن. هن مابعد جديد نظريي توڙي مابعد صورتحال کي ڏاڍو خوبصورتي سان سمجهايو آهي. نظريي سان ته ڏه پيرا اختلاف ڪري سگهجي ٿو پر صورتحال جو ڇا ڪجي؟
مابعد جديد صورتحال ڏاڍي پوائتي آهي جيڪا مها ٻوڏ وانگر اسان جو سڀ ڪجهه لوڙهي هاٿي اسانجي جهڙوڪر گهرن ۾ ٻه ڪاهي پيئي آهي يا ائين ڪٽي چئون ته هيءَ صورتحال سڄو پيري بلا وانگر اسان جي وجود کي وکوڙي ۽ نپوڙي رهي آهي. ميڊيا جي ذريعي اسان جي ذهنن کي سوچڻ کان روڪيو پيو وڃي. هاٿي جيڪو ميڊيا جو موقف هوندو اسان کي ان کي ئي مڃڻو پوندو. عجيب مصنوعي طريقن سان متاثر پيو ڪيو وڃي جو اسان کي خبر ٻه نٿي پوي. اسان گهر ڦرائي ٻه خوش وينا آهيون. اسان جي خواهشن کي ضرورت بنائي پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ اسان مارڪيٽ ڏانهن ڊوڙ پايون ٿا ۽ وڌي خوشي سان پنهنجا ڪيسا خالي ڪري موٽي اچون ٿا. وڌيڪ ڪمايون ٿا ۽ وڌيڪ خرچ ڪريون ٿا، خواهشون پئدا ڪيون وجن ٿيون، اهي خواهشون جن جو ڪو انت ئي ناهي. انهن بي انت خواهشن جو اڻ ڪٽ خال پرجڻ ئي نٿو، نه ڪو وري پرجڻو آهي. اهڙي صورتحال ۾ بئنڪن جا نمائنده اسان جي در تي ڏڪ ڏڪ ڪري اسان کي قسطن تي ڪار ۽ ٻيو سامان خريد ڪرڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. ڪريڊٽ ڪارڊ وسيلي نوان ڇار وڇائي اسان کي ڦاسايو وڃي ٿو. خوبصورت اشتهار ڏسي اسان نوان گهر قسطن تي وٺڻ جي چڪر ۾ لڳي وڃون ٿا. وائيٽ ڪالر ايم بي اي مزدور: ڪوٽ ۽ ٽائي لڳائي هٿرادو مرڪ چپن تي چنبڙائي پنهنجي آقائن لاءِ ڪن ۾ اسان کي ڦري سجو ڪري سگهي ٿو. نتيجي ۾ اسان هر طرف کان قرضن جي گهيري ۾ اچي وڃون ٿا. قرض لاهڻ لاءِ وري

ٻيو قرض کڻون ٿا. اسان بي خبري ۾ شين جا ۽ اڻ سڌي طرح بي رحم سرمائيدار جا غلام بنجي ويون ٿا. سرمائيدار خواب جي نالي ۾ سراب وڪڻي ٿو ۽ اسان زندگي ۽ آزادي جي قيمت ڏئي اهو سراب خريد ڪريون ٿا. خوشي پنهنجو آڇپو ۽ اميدون، خوشيون ۽ راحتون، چاهتون ۽ پيار، وصل ۽ وچوڙا وڪڻي فرد مان هڪ مشين ٿي جيئڻ تي مجبور ٿي ويون ٿا. اهو تصوير جو صرف هڪ هلکو رخ آهي جڏهن ته تصوير جو ٻيو رخ ڏاڍو خوفناڪ آهي.

سرمائيدار دنيا جنهن جا مهندار آمريڪا، انگلينڊ، جرمني، فرانس، جاپان ۽ اٽلي آهن انهن تي حڪمراني ڪندڙ بيشمار خفيه هٿ آهن جن جي مرضي سان اهي ملڪ پنهنجون پاليسيون ٺاهين ٿا جن جو مقصد صرف ۽ صرف منافع خوري ۽ سرمائي ۽ وسيلن جو حصول آهي. ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف انهن سرمائيدارن جا ايجنٽ آهن جيڪي گهٽ قومي ڪمپنين جا نادیده مالڪ آهن. عالمي مالياتي ادارا غريب ملڪن کي قرضن ۾ قاسائي انهن جو سرمايو مغرب ۾ منتقل ڪرائين ٿا. تيل ۽ معدنيات حاصل ڪرڻ لاءِ ، معدني وسيلن وارن ملڪن تي غير ضروري ۽ تباه ڪن جنگيون مسلط ڪن ٿا ۽ انهن ملڪن جو سڀ ڪجهه قبضائي اوڳرايون ڏين ٿا. عراق، افغانستان، ليبيا وغيره انهن فضول جنگين جي ور چڙهيل جيئرا جاڳندا مثال آهن. وچ اوير جي تيل تي اجاره داري قائم ڪرڻ لاءِ انهن تي پابنديون لڳائڻ ته انهن جي ڪابي هٿ جو ڪيل آهي. اهو سڀ ڪجهه کي جاهل ماڻهو نه پر وڏين يونيورسٽين جا اعليٰ تعليم يافته ماهر ڪن ٿا جيڪي وڏي معاوضي تي پنهنجون صلاحيتون وڪڻن ٿا ته جيئن سرمائيدار جي ٽجوڙي ويران ويرانوڏ هجي. جهڙوڪر انهن سکيو ئي سرمائيدار جي ٽجوڙي پرڻ جو هنر آهي. هنن جو ايجاد ڪيل نغرو ملڪين مشهور ٿيو آهي ته، "پاڻ کي وڪري لائق بڻايو" پاڻ وڪڻو، پنهنجي قيمت سرمائيدار جي

پوري ڪيو. ٽڪو پنجو توهان جو ب٘ ٽي ويندو. غريب جو ڇا ٽيندو؟ اهو سوچڻ سرمائيدار جي ڊڪشنري ۾ گناهه آهي. ان تي سوچڻو ئي ناهي. بلڪ ڪنهن ب٘ معاملي تي ناهي سوچڻو، جي سوچڻو آهي ته صرف ان تي ته سرمايو ڪيئن ٻيڻو، ٽيڻو ڇا بلڪ ڏهوڻو ڪيئن ڪرڻو آهي؟ دنيا ۾ وڏا ٽنڪ ٽئنڪ آهن. انهن جو ڪم ٽين دنيا جي ملڪن کي نه نظر ايندڙ غلامي جي ڇار ۾ ڦاسائڻ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي.

اڄ قومن وٽ قدر ناهن، ثقافت جي اهميت ناهي، ادب بي معنيٰ آهي، تاريخ کي هڪ وڃايل ٻارڙي وانگر وساريو ويو آهي. هن صورتحال ۾ تعليم جو مقصد ب٘ بدلجي ويو آهي. اڳ تعليم انسان کي روشن خيال، انسان دوست ۽ هڪ سٺو ماڻهو بنائڻ لاءِ ڏني ويندي هئي پر اڄ اها انسان کي پئسو بنائڻ جي مشين ٺاهڻ جي ڪم اچي ٽي. فرد مشين بڻجي ڪم ڪري ٿو. احساس وڪامن ٿا، جواب يرغمال بڻجن ٿا، جذبا بي معنيٰ وڪر بڻجي ويا آهن. ادب، ثقافت ۽ تاريخ ٽين دنيا جي ملڪن جا معاملا وڃي رهيا آهن. وڏا ملڪ فلم وسيلي مائيندِ سيٽ تبديل ڪن ٿا. يا اسٽيفن ڪووي ٽائيپ سوڪالڊ دانشور تيار ڪن ٿا. جيڪي اسان کي ٻڌائيندا ته دنيا ۾ خوش ڪيئن رهبو؟ ڪاميابي ڪيئن ماڻبي؟ هنن جي نظر ۾ اسانجي ڪاميابي انهيءَ ۾ ئي آهي ته اسان کو سوال نه اٽاريون. کو احتجاج نه ڪيون. جيڪو ٽئي ٿو ٽيئڻ ڏيون. مابعد جديد صورتحال موجب اسانجي ڪاميابي انهيءَ ۾ ئي آهي.

ڊاڪٽر غفور صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾ مابعد جديد صورتحال جا مختلف نمونا ڏنا آهن. مارڪس جي بن تضادن مان هڪ جي ڪنڊ ۽ بي جي هارائڻ واري ڳالهه جي حوالي سان سندس اهو چوڻ بلڪل درست آهي ته "جديديت پڃاڻان چوي ٿي تضادن جو بنياد ۾ ٽڪراءُ نه آهي اها ته انفرادي وجود جي بقا آهي، جن ۾ ڳالهين ۾ اختلاف آهي انهن ڪي ڇڏيو، جتي گڏ ٿي سگهون ٿا. اتي

اچو تہ گڏ ٿيون . مثال توهان جو ڪم بم ناهي ماڻهو مارڻ آهي ، منهنجو ڪم ماڻهن جو دوا درمل ڪرڻ آهي، پر اسان بنهي کي پاڻي پيئڻ يا ماني کائڻ ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي؛ پوءِ اچو تہ انهيءَ هڪجهڙائي تي گڏ ٿيون. باقي اسان جي اختلافن تي هڪ ٻئي سان ڪوبہ سروڪار نہ هجڻ کپي. جديديت پچاڻان win +winجو فلسفو ڏئي ٿي. هارائڻو ڪنهن کي ڪونهي ، بنهي کي کٽڻو آهي. هاڻ مزدور بہ خوش تہ سرمائيدار بہ خوش پوءِ انقلاب ڪٿان ايندو؟" اصل ۾ مابعد جديديت انقلابي سوچ کي ئي تہ مڏو ڪرڻ گهري ٿي. ۽ هوءَ ان ڏس ۾ ايڪا تہ ڪنهن کي وٺ نٿي ڏئي.

ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب سان پڙهندڙن کي سڪ ۽ سوچڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ملندو. خاص طور هيءُ ڪتاب اهڙن شاگردن ، استادن توڙي عام پڙهندڙن لاءِ هيءُ ڪتاب انتهائي اهم آهي؛ جيڪي مابعدجديدت کي سمجهڻ چاهين ٿا. .

Postmodern Sindhi Philosopher: Dr Ghafoor Memon

Dr Syed Alam Shah,
Sheffield, UK.

Professor, Dr Ghafoor Memon's book "Postmodernism" (society and literature) is an original and provocative treatment of both critique of modernism and postmodernism, he has successfully given a very clear account of parallels between critical social theory, modernism and postmodernism that depicts the novelty and plausibility of philosophical argument by the writer. The 14 chapters in this book make an important, illuminating contribution to explaining the complexity and influence of basic thoughts in postmodernism. The book on postmodernism is unrivalled in its scope and quality. Its comprehensiveness makes it the most useful writings so far available on postmodernism in Pakistan. It demonstrates writer's rich understanding of conceptual framework embedded with critique of modernism via general views of deconstructive historicity of rational beings (world view), philology, individualism, perspectivism, de-constructionism and post-structuralism.

Professor Dr Ghafoor Memon has tried to give a concise guide on postmodern thinking, deconstructive values, ideas and critique of moral precepts through postmodern critique of modernism. The book

opens up by focusing on the most significant issues in terms of the postmodern condition (Lyotard's specification of postmodern epistemes of knowledge relegated to information), critique of Rationalism, hyper realism. The book than goes on to provide a systematic and comprehensive exploration of postmodern thoughts. The contribution proceeds chronologically begening with the discussion on primative of postmodernism in relation s to mysticism, abnormality, Darridian critique of structuralism and constructivism through his attack on the metaphysics of presence, and moving on to the problems of sex and religion, spactio-temporality aggregates of postmodernism in terms of deconstructing teleological history (Foucault's critique of historical materialism and Marxism), modern values and, above all culture as a whole.

Professor Dr Ghafoor Memon conducts a careful analysis of major themes of postmodernism, and examines with painstaking care and objectivity, the shifting structures of argument from modern to postmodernism epismtemes. I think professor g m has opened up critique of modern literature (especially in Pakistan) via challenges of postmodernism to a far wider audience than they have appealed to at all until now (in Pakistan). Certainly Dr Memon's book on postmodernism is enormously required to further research in the postmodernism and critique of literature.

تان کي ساڻن اوڙ...

ڊاڪٽر شير مهراڻي

ڪراچي يونيورسٽي

آئنسٽائين چيو هو، 'هڪ استاد جو بهترين هنر اهوئي آهي ته هوتخليقي اظهار ۾ ڄاڻ ۾ راحت پري پيش ڪري.' توڙي جو اهو هنر ايترو سولو ناهي. ڇاڪاڻ ته ليڪچر دوران استاد جو گهٽو ڏيان موضوع ڏانهن هوندو آهي؛ انڪري اڪثر استاد اهو ويساري ويهندا آهن ته شاگرد سندن شخصيت جي ڊپ کان 'پن ڊراپ' خاموش آهن يا هو ليڪچر سمجهي به رهيا آهن. آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي تمام ذهين استاد مليا. آئون جيڪڏهن چار لفظ لکڻ ۾ پڙهائڻ جي اهل آهيان ته اهو پنهنجي استادن جي ڏنل دان طفيل آهيان. ڪنهن درست چيو آهي ته هڪ سٺو استاد ڪڏهن به نٽو ڳڌاري بلڪ هو پنهنجن شاگردن ۾ شاگردن جي شاگردن ۾ هميشہ جيئرو رهندو آهي. پي ايڇ ڊي جي ڊگري هڪ اعزاز کان گهٽ ناهي، آئون پاڻ لاءِ اهو پڻ اعزاز ٿو سمجهان ته مون پنهنجي ٿيسز ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جي نگراني ۾ لکي آهي. اها سندن مهربان طبيعت ئي هئي جو مون يونيورسٽي پاران مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ ٽائيم ۾ ٿيسز لکي ورتي. تحقيق جي ميدان سان واسطو رکندڙ چگيءَ طرح ڄاڻندا هوندا ته ٿيسز جي تياري دوران رهنما ڪيڏو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جيڪڏهن رهنما وقت سر تحقيقي ڪم جاچي موٽائي نه ڏيندو ته ٿيسز جي تياري ۾ سالن جا سال لڳي سگهن ٿا. اسان جي سامهون اهڙا به مثال آهن جو ٿيسز مڪمل ڪرڻ ۾ محققن کي20، 20 سال لڳا آهن. يونيورسٽين ۾

گائيڊ کي ٽيسز مڪمل ڪرائڻ تي هونئن ٻه کو فائدو نڏو پهچي انڪري گهٽا استاد پي ايڇ ڊي جي شاگردن کي مٿي جو سور سمجهي ٽارڻ جي کوشش ڪندا آهن. پر ڊاڪٽر غفور صاحب انهن استادن مان آهي، جن سماج ۾ موجود ميرٽ جي مقابلن لاءِ ماڻهو تيار ڪيا آهن. جن هڪ پيڑهي جي پرورش ڪئي آهي. جڳاڙ جي هن دور ۾ سچائي ۽ علم جي رستي تي هلندڙن کي چريو سمجهيو ٿو ويجي. پر ڊاڪٽر صاحب پٽائيءَ جي هنن سچين سٽن جو سچو پوئلڳ آهي ته،

اَڪ اُلِٽي ڏارِ، وانْ اُلٽو عامَر سين،
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تَہ تُون اُوچو وَهُ اُوپارِ،
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، وان پُنِيرو پِرينءَ ڏي.

ڊاڪٽر صاحب لوڪ جي لهواري وهڪ جي ابتڙ اوچو وهڻ کي ترجيح ڏئي ڪري پاڻ لاءِ کي مشڪلاتون ٻه پئدا ڪيون هونديون. پر هو مونکي هميشہ ان ڪري ٻه مطمئن نظر ايندو آهي ته هن ڪنهن مان ڪا طمع ئي ناهي رکي، هو اتي پڙ پٽائي جو سچو ميچينڊڙ آهي جنهن چيو هو،

طَمعَ جِي تَنوارَ، مَتان ڪَرين مَگٽان،
ڏِکي ڪَندءِ ڏارَ، ماڻِڪَ ڏيئِي مُٺِ ۾.

سندس 'لاطمع طبيعت' مان کو ڪهڙو ٻه مطلب ونڊي پر مون ڊاڪٽر صاحب کي هميشہ ٻاجهارو سمجهيو آهي. سندس علم ورهائڻ واري سخا ائين آهي جو جڙ هن علم حاصل ئي ورهائڻ لاءِ ڪيو آهي. اڄ اهو دور آهي جو ماڻهو پنهنجا آئيڊيا لوڪان لڪايو. پيا هلن ۽ جوڳو ملهه ملڻ تي پيا وڪڻن. پر ڊاڪٽر صاحب وٽ کو ٻه وجي ٿو ته علم ۽ آئيڊياز جا واهڙ وهايو. ڇڏي. پوءِ پلي کو پيو انهن خيالن مان فائدا ونڊي. پر ڊاڪٽر صاحب پنهنجي 'لاطمع طبيعت' سبب ڪڏهن کو کو فائدو ناهي

پرايو. يونيورسٽي جو پروفيسر هوندي يونيورسٽي ۾ پڙهندڙيا پڙهي نڪرندڙ پنهنجن ٻارڙن سنڌيا ۽ سارنگ جي لاءِ ڪڏهن ڪنهن استاد وٽ ڪا فيور ونڊ لاءِ نہ ويو. اهو ڄاڻندي بہ تہ ميرٽ بدران ٻين ڪيترن ئي مختلف بنيادن تي سندن ٻارڙن سان نا انصافي ٿي سگهي ٿي. اسان ٻيا استاد ڪوششون ڪندا آهيون تہ ٻتان ڪٽي ڪو سندس ٻارڙن سان نا انصافي نہ ڪري ڇڏي. پر ڊاڪٽر صاحب پنهنجن اصولن تي هميشہ ڪار بند ئي نظر آيو آهي.

يونيورسٽين ۾ ڪي استاد سڀا هوندا آهن تہ وري ايڊمنسٽريٽر سڀا ثابت ناهن ٿي سگهندا، ڪي وري ايڊمنسٽريٽر سڀا هوندا آهن تہ اهي استاد سڀا ناهن هوندا. اهڙا ڪيترائي مثال اسان وٽ موجود آهن پر ڊاڪٽر غفور صاحب انهن ٽورڙن ماڻهن مان آهي جيڪي سڀا استاد تہ آهن ئي پر ڪامياب ۽ بهترين ايڊمنسٽريٽر پڻ آهن. مون ڪڏهن بہ سندن ٽيبل تي ڪو پينڊنگ فائل ناهي ڏٺو. سنڌي شعبي ۾ سندن چئرمين شپ جو ٽينيوئر ڪامياب ترين ٽينيوئر مڃيو ويندو. سندن ڪوششن سان سنڌي شعبي پاران "ڪلياڻ" تحقيقي جرنل شروع ڪيو ويو آهي. ڪلياڻ جي نالي تجويز ڪرڻ ڪان مواد جي چونڊ ڇاڻ تائين ڊاڪٽر صاحب انتهائي مصروف هوندي بہ سڄو بار پنهنجي مٿان کنيو. علم، ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ورتل سندن ڪوششن کي سنڌي شعبي جي تاريخ ۾ ضرور مڃوتي ملندي.

آئون سندس علمي سطح تي هميشہ حيران ئي رهيو آهيان. مونکي اڄ بہ ڊاڪٽر صاحب جا ليڪچر ياد آهن. سندن ليڪچر دوران اسان شاگرد رڳو

ان کري 'پن ڊراپ سائلينس' ۾ هوندا هئاسين تہ ڪٽي کو لفظ اسان جي ٻڌڻ کان رهجي نہ وڃي. ڊاڪٽر غفور صاحب جو هر لفظ اسان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ پاڻ تي لازم سمجهندا هئاسين. ڊاڪٽر صاحب جي اها علمي خوبي نہ صرف اسان واري دور ۾ اسان محسوس ڪئي پر، هلندڙ سيميسٽر ۾ ورڪ لوڊ وڌي وڃڻ سبب ايم فل جا ڪلاس نہ ورتا تہ مون ايم فل جي نابين شاگرد اختر گهنجئي کي ڊاڪٽر صاحب کي چوندي ٻڌو هو تہ 'سائين اسان کي اوهان جي ليڪچر جي ٻاڙ لڳي آهي.' هڪ بهترين استاد وانگر ڊاڪٽر صاحب جو سمورو ليڪچر علم، ڏاهپ ۽ ڄاڻ جو پنڌار لڳندو هو. سندن پسند جا موضوع نفسيات، لطيفيات، سائنس، تصوف، جماليات، جديديت، مابعد جديديت ۽ فلسفو آهن. ڊاڪٽر صاحب بهترين کهاڙيڪار به آهن تہ اعليٰ درجي جو نقاد پڻ آهي. سندي ادب ۾ سندن تنقيد اهم حيثيت رکي ٿي. سندن تنقيد جو اسکول آف ٿاٽ الڳ آهي. جنهن ۾ وجدان کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي، سندن خيال آهي تہ،

"تخليق اها آهي جيڪا توهان جڏهن پڙهو تہ اها توهان تي پنهنجو وجداني اثر ڇڏي، توهان جي زمان و مڪان جا پردا کڄي وڃن، توهان جي اڳيان لفظ گم ٿي وڃن، توهان خاموشي جي سمنڊ مان ٽپي هٽي نڪرو تہ شعور جو وهڪرو توهان جي اندر جالارو ٿي وهي."

'جديديت پچاڻان' ڊاڪٽر غفور صاحب جو ستون ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جديديت پچاڻان بابت بنيادي ڄاڻ ڏني آهي. هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ اها به آهي تہ هن ۾ جديديت پچاڻان جي تحريڪ، تحرڪ ۽ لاڙي ۾ ڪتب ايندڙ جا اصطلاح سمجهايا ويا آهن. يعني هڪ طرح سان هيءُ بنيادي ڪتاب آهي. يورپ توڙي دنيا جي ٻين خطن ۾ تہ جديديت يا

جديديت پچاڻان تي تمام گھڻا ڪتاب موجود آھن پر اسان وٽ انھن موضوعن تي آگرين تي ڳٽڻ جيترا بہ ڪتاب ناھن. حالانڪ اھي اُھي موضوع آھن جن کي نہ صرف سمجھڻ جي ضرورت آھي بلڪ انھن کي سمجھي سنئين واٽ وٺڻ جي ضرورت آھي. چاڪاڻ تہ طوفاني لھر جي ھن دور ۾ عاقبت بچائي انسان دوستيءَ جي ڳالھ ڪرڻ ئي تہ اصل دانشمندي آھي. اھڙي دانشمنديءَ جو ثبوت ڊاڪٽر صاحب جو ھيءُ ڪتاب آھي. انڪري ھيءُ ڪتاب خاص طور شاگردن ۽ استادن لاءِ ھڪجيترو ئي لاڀائتو آھي.

منھنجي پھرين خوشنصيبي اھا آھي تہ آئون ڊاڪٽر غفور صاحب جو شاگرد آھيان ۽ بي خوشنصيبي اھا آھي تہ آئون يونيورسٽي ۾ سندن ماتحت آھيان. مون ڊاڪٽر صاحب کي جيترو شفيق ھڪ استاد جي حيثيت ۾ ڏٺو آھي ايترو ئي مھربان ڪيس شعبي جي چيئرمين جي حيثيت ۾ پاتو آھي. ڊاڪٽر صاحب ھڪ بھترين استاد، اعليٰ درجي جو محقق، شعبي جي چئرمين جي حيثيت سان ھڪ قابل ايڊمنسٽريٽر، ڏاھو ۽ دانشور ھوندي بہ ھن کڏھن کا دعويٰ ناھي ڪئي. بلڪ ھو ھميشہ دادو ديال جو اھو شعر شاگردن کي ٻڌائيندو آھي تہ، 'دادو دعويٰ ڇوڙ، بن دعويٰ دن ڪاٽ' پر آئون سندس علم ۽ دانش کان متاثر ٿي ھميشہ کين ٻڌائيءَ جو ھيءُ بيت ارپيندو آھيان تہ،

تان ڪِي ساڻَن اوڙ، جان آھِين اوطاقُن ۾؛
ڏَہ ڏَہ پيرا ڏِينھَن ۾، پاڻُ مَٽائنئن گھوڙ؛
وِيا جي ھِنگلوڙ، تہ ڪَرَمِ مِلَندَءِ ڪاپڙي.
(شاھ)

"جديديت پچاڻان" جو اڪيلو سنڌي مفڪر: ڊاڪٽر غفور ميمڻ...

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

سنڌ يونيورسٽي

سوچڻ، سمجهڻ ۽ فڪر جي خاصيت انسانن کي حيوانن کان جدا ڪري ٿي. دنيا جي ارتقائي سفر ۾ پنهنجي پنهنجي دور جي ڏاهن ۽ ڳٽوان انسانن پنهنجي فڪر ذريعي دنيا کي سمجهڻ سمجهائڻ جا جتن ڪيا. اهڙي طرح عالمي فڪري نظرين جنم ورتو ۽ ادب تي انهن جا اثر ٿيڻ لڳا چاڪاڻ ته ادب زندگيءَ جو فني اظهار آهي. وقت جي ڏاهن گڏيل انساني جدوجهد مطابق برابري جي بنياد تي وندي وريچي ڪائڻ ،امن ۽ پيار جي ڳالهه ڪئي.انسان جي وجود ۽ ان سان لاڳاپيل هر موضوع کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ به حريص ذهنن پنهنجي مفادن ۽ انا خاطر رياستي ادارن ۽ معيشت تي قبضو ڪري پنهنجي ذاتي سک آسائش جو سامان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو جڏهن ته پيا بنيادي گهرجن جي پورائي لاءِ سرگردان رهيا. سوچيندڙ انسانن لاءِ اهڙو نظام بي چينيءَ جو سبب بڻيو. مسئلو صرف ڪاڏي ڪپڙي علاج ۽ رهڻ جو نه هو بلڪ حق سچ ،احساس، روين ، سلوڪ ۽ سوچ جو به هو. دنيا جي نظام کي هلائڻ لاءِ مذهبي نظام به رهيو پر ان تي به عمل صرف بي پهچ ۽ ڏتڙيل ۽ مصيبت مارين کان ئي ڪرايو ويو. اهڙين حالتن ۾ جديديت ۽ ترقي پسند فڪر ايريو . انهيءَ فڪري ڌارا مان اشتراڪيت وجوديت، شعور جو وهڪرو، سر ريئلزم ، حقيقت نگاري، قوم پرستي، روشن خيالي جهڙا فڪر وقت ۽ حالتن جي نزاڪت تحت ظاهر ٿيندا ۽ جهڪا ٿيندا رهيا. انساني فڪري ڌرا ۾ يوناني ديو مالائي ڪردار سسيفس، ڪان ويندي زرتشت، گوتم بڌ، سقراط ارسطو والٽيئر،

روسو، سارتر، ڪرڪيگارڊ، مارڪس، فريڊرڪ نٽشي، هيگل، لينن، دوستو وسڪي،سگمنڊ فرائڊ، ٽالسٽاءِ ، مارٽن لوٿر، برنارڊ شا، فرانس بيڪن، شاھ لطيف ، ۽ ٻين انسانن دنيا ۾ مختلف فڪري ڪوششون ونڊي پنھنجي پنھنجي علم ۽ مشاھدي آڌار انسانيت کي گھٽو ڪجھ سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آھي.

سنڌي ادب ۾ جديد فڪري نظرين ۽ لاڙن تي تخليقي ادب کان ڌار تحقيقي حوالي سان گھٽو ڪم ناھي ٿيو. محترم محمد ابراھيم جويي،الھداد ٻوھيي رشيد پٽي ان موضوع تي ڪم ڪيو آھي. ان سلسلي کي ڊاڪٽر غفور ميمڻ وڏي ذميواري سان پنھنجي گھري اپياس ، سائنسي سوچ ۽ مشاھدي ذريعي اڳتي وڌائيندو پيو اچي.سندس پي.ايڇ.ڊي جومقالو" سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" تمام گھٽي مقبوليت حاصل ڪري چڪو آھي." شاھ لطيف جا فڪري رخ "ڪتاب ۾ شاھ سائين تي ٿيل ڪم ۾ اھم اضافو آھي.سندس ھي ڪتاب "جديديت پچاڻان" جديد فڪر جي پرک ، ادب ۽ سماج جي حوالي سان نھايت ئي اھم ۽ وقت جي گھرج مطابق آھي. جيتوٽيڪ اڪبر لغاري ۽ مبارڪ لاشاري ۽ جديد تنقيدي نظرين جي چنڊچاڻ ڪري رھيا آھن. پر ڊاڪٽر غفور جو ڪم الڳ آھي.

جديديت پچاڻان جو اصطلاح استعمال ڪندڙ مثل فوڪو مشھور فرانسي مفڪر آھي، ٻي عالمي جنگ کان پوءِ ايرندڙ اھڙن مفڪرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو جن جي فڪر دنيا جو ڌيان ۽ چڪايو پنھنجو اثر ۽ قائم ڪيو ۽ تڪراري ۽ رھيا.فوڪو فلسفي جو استاد رھيو آھي جنھن پنھنجي فڪري تحريرن ۾ ھي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انساني فطرت ۽ سماج جي لاءِ جن تصورن کي ماڻھو مستقل سچائي سمجھي قبول ڪري ويھن ٿا تاريخي عمل ۾ اھي سچائيون تبديل ٿيندیون رھن ٿيون، ھن مارڪس ۽ فرائڊ جي فڪري اثرن کي

بہ چئلينج ڪيو. هن کان علاوہ ايلون ٽافر، اسٽيون ڪووي، فيڊرڪ جيمس، ڊونالڊ ڊيوڊ سن رچرڊ نوٽري ۽ ٻين بعد جديديت جي مفڪرن جا موجوده حالتن سان ٺهڪندڙ حوالا ڊاڪٽر غفور صاحب ڏنا آهن. انساني فطرت سندس جديديت پڇاڻان واري فڪر جي پرک ڊاڪٽر غفورادب ۽ سماج جي مختلف موضوعن جي روشنيءَ ۾ ڪئي آهي . هڪ اهڙو دور هلي پيو جنهن جو ڪٽي بہ پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب سان واسطو نظر نٿو اچي. تهذيب جي شروعات لاءِ فرائيڊ چيو هو تہ " تهذيب جي شروعات ان وقت کان ٿي جڏهن ڪنهن ڪاوڙ ۾ اچي پٿر بجاءِ لفظن سان وار ڪيو". جديديت کان پوءِ هي هڪيئي تي ڇا سان وار ڪيا پيا وڃن،بم گولا، بيمارين جا وائرس، هٿرادو ڪوٽ، نقل گدلاڻ الائي ڇاڇا سان وار ڪيا پيا وڃن. ڊاڪٽر غفور اهڙي دور ۽ سماج جو اپياس ڪيو آهي جيڪو مارڪيٽ جي چمڪ دمڪ ڏيکاءَ ۾ ميڊيا جي پويان ڊوڙندي پنهنجو سپ ڪجهہ وڃائيندو اچي. هن ڪتاب جي ذريعي زبان ڏئي ٻڌائي ۽ سمجهائي ٿو تہ هي جديديت پڇاڻان جو زمانو آهي جنهن ۾ خاص ڪري اسان جي ٽين دنيا جي پنٽي پيل ملڪن ۾ ڪوبہ اصول، آدرش يا نظريو نہ رهيو آهي. ڪوبہ آفاقي سچ يا قدر بيهي نہ سگهيو آهي. انسان انسانيت وارا سمورا ليکا لتاڙي اڳتي نڪري ويو آهي. پنهنجي ناهيل ڇار ۾ پاڻ ڦاسندو، غمگين، هجوم ۾ اڪيلو، احساسن کان خالي ٿيندو پيو وڃي. زندگيءَ جو ڪوبہ شعبو اهڙو نہ رهيو آهي جنهن ۾ اسان سماجي حقيقت ، ترقي پسند، يا جدت کي برقرار رکيو هجي، هر پاسي کوکلائپ ماٺهپي ۽ انسانيت کان خالي روين کي هٿي ملي رهي آهي. سياست ڪوڙ منافقت ذريعي گهٽي کان گهٽي ملکيت ناهڻ وارو گورک ڏنڊو ٿي پئي آهي، مذهب ۾ ڏيکاءَ وڏندو وڃي، دوستيون تعلقات ڏي وٺ کير کيترو ڪم جو آهي بنياد تي نهن ۽ ڏهن پيا. رشتا ناتا پنهنجو مفهوم وڃائي وينا آهن، مفڪر ، ڏاهو دانشور اسٽيج تي يا ميڊيا ذريعي صرف پنهنجو اثر ڇمائڻ جي جتن ۾ ۽ اين جي .اوز ذريعي پاڻ کي ناهڻ ۾ پورو آهي، ڊاڪٽر، استاد، ڪامورو ،قانوندان پنهنجي ڏميوريءَ

جي ابتڙ ڪم ڪي رهيو آهي. مارڪيٽ ۾ خريداري لاءِ ويجو هر شيءِ جو نقل توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي.غم ڪي خوشيءَ جيان ملهايو پيو وڃي. بعد جديديت دنيا جي هرشيءِ پنهنجو وجود ، اصليت ۽ مقصد وڃائي ويٺي آهي. اطلاعات جا وسيلا ڪوڙ بليڪ ميلنگ، فحاشي ذاتي ڪمائيءَ واسطي جاڪوڙي رهيا آهن. آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتون ته ٺهي رهيون آهن پر انسان وري به اجهي لاءِ دربدر آهي، سڌريل ۽ ترقي يافته ملڪ پٺتي پيل ملڪن کي مقروض رکيو اڇن، وڏي پئماني تي هٿيارن جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن. دنيا گلوبل وليج نه بلڪ هڪ عالمي منڊيءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي ،جنهن ۾ صرف وڪري جون شيون پيل آهن، انسان به هڪ شيءِ جيان مارڪيٽ ۾ پيو آهي.ڪٿي ٻين کي خريد ڪري ٿو ڪڏهن پاڻ وڪامي وڃي ٿو، ماٺهپو ، انسانيت ، احساس جذبو، همدردي ، پيار، سهپ ،خلوص، پنهنجائپ،حق سچ قبرن ۽ مساڻن ۾ پيل ۽ برندڙ لاشن جيان فنا ٿي رهيا آهن. فصلن جا بج ليبارٽين ۾ زهريلن ڪيميڪلن جي ملاوٽ سان اهڙا تيا ڪيا ويا آهن جيڪي بظاهر پيداوار ته گهٽي ڏئي رهيا آهن پر انهن ۾ ٻيهر پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت ناهي. دنيا بارود جي ڍير تي رقص ڪري رهي آهي ، آگر جي ڇهاءَ سان جيڪڏهن علم ڄاڻ جا دروزا کليا آهن ته ان ئي آگر جي ڇهاءَ سان جيئرن سالم ماٺهن جا وجود ماس جي ڳچلن ۾تبديل ٿي پري تا ٿين پکڙجندي پتين ۽ چتين ۾ چنبڙي پون ٿا. نه مارڻ واري کي خبر آهي ته ڪنهن کي ۽ ڇو ماري رهيو آهي نه مرڻ واري کي سڌ آهي ته هو ڇو ماريو پيو وڃي ، ميڊيا لاءِ خاص خبر آهي سماج لاءِ عام خبر.دنيا جو چهرو مسخ ٿي اهڙي صورت ونڊي رهيو آهي جنهن کي ڪو به حتمي نالو نٿو ڏئي سگهجي. نالي ۾ قائم وڏا وڏا ادرا پنهنجي ڪارج کان هٽيل ڪوهين ڏور نظر اچن ٿا.فيمينزم جو آواز ميڊيا تي اهڙيون عورتون اڀاري رهيون آهن جيڪي گهٽي ياگي آزاد ۽ خود مختيار آهن. سنڌي سماج ۽ ادب ۾ اهڙي آگاهيءَ جو ڪم ڊاڪٽر غفور ميمڻ هن ڪتاب ذريعي ڪيو آهي. دنيا ۾ مختلف وقتن ۽ حالتن ۾ ڪهڙا نظريا ۽ لاڙا

اپريا ، انهن جون ڪمزوريون، انهن مان نڪرندڙ نون نظرين جو هڪ تسلسل سان اپياس پيش ڪيو ويو . ڊاڪٽر غفور وقت ۾ حالتن جي روشنيءَ ۾ سماج جي دڪندڙ رڳ تي هٿ رکيو آهي. ڪتاب ۾ شامل سمورا موضوع، بلڪل نوان ۽ وقت جي گهرج مطابق آهن سمورا مقالا موجوده سماج جي اندروني توڙي ٻاهرين جوڙجڪ کي پڌرو ڪن ٿا. ڪتاب ۾ شامل موضوع "جديديت پچاڻان" کان ويندي "فيمنزم ۽ ادب "تائين سمورا مقالا اڄ جي دور جو اپياس آهن. هي اپياس تنقيدي ۽ فڪري بہ آهي تہ چرڪائيندڙ بہ آهي. ڊاڪٽر غفور جون هي فڪري تحريرون موجوده سماج جي صورت جا سمورا پهلو چٽا ڪري ڏيکارين ٿيون. هر موضوع بابت عالمي مفڪرن جا سگهارا دليل ڏنا ويا آهن.پر انهن کان بہ اهم دليل ڊاڪٽر صاحب هلندڙ دور جي سماجي ريتن رواجن مان اهڙا ڪٽي ٿو جيڪي عام طور اسان سيني جي مشاهدي مان گذرن پيا، جن کان ڪوبہ انڪاري ناهي. سنڌي ادب ۾ سماج جي ڪيترن ئي موضوعن تي روزانو تحقيقي مقالا مضمون ۽ ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن، پر جديديت کان پوءِ سماج جنهن رخ ۾ وڃي پيو ان جو تجزيو فڪري طور نہ ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر غفور ان طرف وک وڌائي آهي.

سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو سوشيالاجي ۽ ادب جي شاگردن محققن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو. ڊاڪٽر غفور جون تحريرون حالتن جي مطابق ، روح کي ڇهندڙ، گهري ڇاڻ، عالمي سطح جي فڪر ، ميچيل دليلن ۽ وقت جي سچائيءَ سان پرپور هوندیون آهن . جنهن ڪري پڙهندڙن ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي وٺن ٿيون.

پنهنجي پاران...

جديديت پڃاڻان تي تمام گھڻو مواد اڳي چڪو آهي ۽ اڃي رهيو آهي . هي ڪتاب بنيادي طور جديديت پڃاڻان جي اثرن ۾ دنيا جو نئون روپ ڪي سمجھڻ جي ڪوشش آهي. ٿي سگھي ٿو تہ جديديت پڃاڻان انسان لاءِ يا دنيا کي سمجھڻ ۾ انتهائي اهم هجي، ٿي سگھي ٿو تہ مشل فوڪو جي ڳالھ درست هجي تہ دنيا کي سمجھڻ جو هي انتهائي نئون نظريو آهي. پر جنهن صورت حال کي انسان منهن ڏئي رهيو آهي اها ڏاڍي ڀيانڪ آهي . انهيءَ ڪري مون هن ڪتاب ۾ جديديت پڃاڻان جي دور جي سماج کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هر ماڻهو جي پنهنجي راءِ آهي ۽ هر ماڻهو جي پنهنجي وصف آهي . عام طور سان جديديت پڃاڻان جي ڪا بہ وصف ناهي. ڪا تعريف ناهي ڇو تہ وصف لاءِ ڪنهن بہ شيءِ کي سندس ماضي سان رشتو ڳنڍيٽو پوندو آهي پر جديديت پڃاڻان پنهنجي رشتو ماضي سان نٽي جوڙي اصل ۾ اهو ئي سندس وجود جو جواز آهي تہ جديديت پڃاڻان بلڪل نئون Episteme آهي. هي اصطلاح پهريون دفعو مشل فوڪو (Michel Foucault) استعمال ڪيو هو. جنهن جو مطلب هو تہ دنيا کي سمجھڻ لاءِ هر دور جو جيڪو نڪتءِ نظر نفسياتي ساخت ۽ نظريا هوندا آهن انهن کي ان دور جي ايپستيم چئبو آهي. جديديت پڃاڻان بلڪل هڪ نئين ايپستيم آهي. جنهن جو تعلق ماضي سان ناهي بلڪ جديديت پڃاڻان وارن جو خيال آهي تہ ماضي جي سيني نظرين ،فلسفن، مذهبن دنيا کي سمجھڻ ۾ غلطي ڪئي آهي ، بلڪ دنيا کي سمجھڻ ۾ بري طرح ناڪام ويا آهن. هاڻي جو سماج بلڪل نرالو آهي هر دستور جي ابتڙ آهي. جنهن کي ايلين ٽافلر فيوچر شاڪس جو دور چيو هو. مثال اڳ ماڻهو شراب پي هينگ

اوور ٽيندو هو، هاڻ هينگ اوور ٿي پوءِ شراب پئي ٿو. اڳ ماڻهو شريف عورت سَان گهر گرهستي ناهڻ لاءِ شادي ڪندو هو هاڻ لست لاءِ، دولت۽ شهرت لاءِ طوائف يا زمانہ بدنام سان شادي ڪي ترجيع ڏي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ شريف عورت پردي دار جا رشتا گهٽ ئي اچن ٿا. اڳ بزرگ جي عزت ڪئي ويندي هئي هاڻ ڇورو وات ڪاڙهو هيرو آهي ۽ بزرگ اولڊ ايج هائوس ۾ ڇڏيو اچن. اڳ علم جو دور هو هاڻ معلومات جو دور آهي. اڳ قدر هئا؛ هاڻ واپار آهي. اڳ ماڻهو ۾ همدردي ، پيار جهڙا گڻ هئا؛ هاڻ ماڻهو مرون کان بہ اڳرو آهي. اڳ ڪچهريون هيون ، مهمان نوازي هئي، هاڻ ڪنهن وٽ وقت ڪونهي، سڀ مارڪيٽ جي رحم وڪرم تي آهن. اڳ اصلي شيون ۽ ڪاڏا هئا. هاڻ مڪمل نقلي ، فارمي شيون آهن. اڳ فاصلا طبعي هئا هاڻ فاصلا ذهنن جا آهن.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ اسان يورپ ۾ سجاڳي واري دور جي نظرين جي بنياد تي هلي رهيا آهيون ، جنهن ۾ مادي دنيا جي اهميت وڌيڪ آهي. خود ڪارل مارڪس بہ جديديت جي دور جو تسلسل هو. هن جدلياتي مادیت جو نظريو ڏئي ڊيڪارٽ جي ثنويت واري نظريي مان مادي ڪي چونڊي ورتو. پر ڊيڪارٽ جي ثنويت جي هي حصي ڪي نظر انداز ڪري ڇڏيو. اڳتي هلي نيٽشي انهيءَ مادیت جي دنيا ڪي سمجهڻ لاءِ تمام روحاني، مذهبي عقيدن جي مخالف ڪري خدا کان بغير دنيا جي تشريح ڪئي . هن انسان جي هر سهاري ڪي رد ڪري انسان ڪي پنهنجي دنيا جو خود خدا ٿيڻ جو بنياد وڌو. ايا اڳتي هلي هائيبيگر زندگي جي بنياد ڪي سمجهڻ لاءِ موت ڪي اهم قرار ڏنو. هن جو خيال هو تہ انسان جي بنيادي خواهش وجود ۾ اچڻ جي ناهي بلڪ عدم ۾ اچڻ جي آهي .يعنيٰ تمام زندگيَ جا محرڪ زندگي جي امنگن ۾ لڪيل ناهن بلڪ موت ۾ لڪيل آهن . انسان جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو اهو موت جي ڪري ڪري ٿو زندگي جي ڪري نٿو ڪري. اهي اهڙي بنياد هئا جن دنيا ۾ نئين

سري سان فلسفين کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪارل مارڪس جي سوشلسٽ نظريي سان کي بہ اختلاف ناهن . اڄ بہ دنيا کي غير طبقاتي نظام جي ضرورت آهي پر ڪارل مارڪس جي فلسفہ مادیت جو بنياد انسان کي انسان ۾ ازلي بوريت ۽ بيزاريت پيدا پيو ڪري . تہ آخر انسان جو جوهر مادي حصول ۾ آهي؟ ڇا دنيا جا سڪ سهوليتون انسان جي بي چين وجود کي هميشہ لاءِ ٽانيڪو ڪري سگهن ٿيون ؟ جي ائين هجي ها تہ گوتم ٻڌ پنهنجو محل نہ ڇڏي ها. سقراط زهر جو پيالو نہ پئي ها. خود مارڪس ايڏيون اذيتون برداشت نہ ڪري ها. ڪجهہ تہ آهي جيڪو مادي کان بالاتر آهي، انهيءَ جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ مُلا صحيح آهي، اصل ۾ اسان وٽ انهيءَ غلط فهمي جو بنياد پيل آهي تہ روحانيت جي معنيٰ مذهب ورڻي ويندي آهي. حقيقت اها آهي تہ روحانيت الڳ آهي مذهب الڳ آهي ۽ خدا جو تصور الڳ آهي. انهن ٻنهي عنصرن کي گڏڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪجي. جهڙي طرح جديد دور روحانيت کي ختم ڪري مادي دنيا جو بنياد وڌو. اهڙي طرح جديديت پجاڻان سوفسطائيت کي جنم ڏئي مرڪز کي ٽوڙي ڇڏيو، هاڻي کوبہ نظريو ڪارگر ناهي، کابہ تاريخ،ڪلچر ۽ قدر ناهن. جديديت پجاڻان بلڪل ٻڌي کان شروع ڪري ٿي . تنهن ڪري ممڪن آهي تہ اسان هن دور کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪري ويهون. تنهن جي باوجود بہ انسان پنهنجي هزارن سالن جي تاريخ ۽ قدرن کان بلڪل عاري ٿي ويون اهو ناممڪن آهي. انسان جي مڪمل وجود کي سندس تاريخ ، قدر گهيريو بيٺا آهن، انهن کي الڳ ڪرڻ شايد انسان جي وس ۾ ناهي، اها ڳالهہ ضرور اهم آهي تہ انسان جهڙي تڪڙين تبديلين کي منهن ڏئي رهيو آهي. جيئن فطرت کان بي دخل ٿي رهيو آهي، اصليت کان بي نياز ٿي رهيو آهي، رشتن ناتن، جذبن ۽ احساسن کان منهن موڙي رهيو آهي. تہ شايد جلدي انسان پاڻ وڃائي ويهندو. بلڪ انسان اجتمائي روحاني خود ڪشي ڪندو

باقي صرف مادو رهندو، خوشحال مادو جنهن جو آئيڊيل پيار ، رشتا ، جذبا ، انسانيت نہ پر سپر اسٽور هوندو. هو صرف شين جو غلام هوندو، پاڻ کي وسيع دنيا مان ڪڍي سپر مارڪيٽ ۾ قيد ڪري ڇڏيندو. جتي شيون ۽ شيون هونديون . جن ۾ اڪيلو ، تنها ماڻهو وجود جو بوجھ کڻي هلندو وٽس سڀ ڪجھ هوندو سواءِ زندگي جي.

زندگي رڳو مادي حصول ناهي هر شيءَ وکر ناهي، خريد و فروخت جي سماج کڻي وڃي دنگ ڪندو ان جو اندازو جديديت پچاڻان جي شروعاتي دور کي ڏسي لڳائي سگھجي ٿو.

اسان جا مارڪسواد دوست چون ٿا اسان مايوس آهيون، شايد تاريخ جي تبديلي کي نٿا سمجھون ، پر صرف ايترو سوال آهي تہ ڪارل مارڪس جي فلسفي کي خود جڏهن اسان قران بنائڻ ڇڏي ڏيناسين ، تڏهن اسان کي سمجھ ۾ ڳالھ ايندي تہ تبديليون ٻن قسمن جون ٿيندیون آهن ھڪ مثبت ٻيو منفي. تاريخ جو وهڪرو بينل پاڻي ناهي، 1882ع کان پوءِ دنيا ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون ، خود ڪارل مارڪس ۾ موجود هجي ها تہ پنهنجي فلسفي ۾ ڪيتريون تبديليون ڪري ها. آئون تہ ائين چوندس تہ مارڪس جي فلسفي کي ابتو ڪريو تہ جديديت پچاڻان ٿي پوندي . مارڪس چيو هو تہ معروضي حالتون اهم آهن ڪنهن ۾ فرد جي ٿھڻ ۾ بگڙجڻ ۾ ، جديديت پچاڻان ۾ صرف موضوعي حالتون اهم آهن، مارڪس چيو هو تہ تاريخ ٻن ابتڙن جو ميلاپ ۾ تضادن جي صورت ۾ اڳتي وڌي ٿي ٻن جي تضادن ۾ ھڪ کي ڪٽڻو آهي ٻي کي هارائڻو آهي. پر جديديت پچاڻان چوي ٿي تضادن جو بنياد ۾ ٽڪراءُ نہ آهي اها تہ انفرادي وجود جي بقا آهي، جن ۾ ڳالھين ۾ اختلاف آهي انهن کي ڇڏيو، جتي گڏ ٿي سگھون ٿا اتي اچو تہ گڏ ٿيون . مثال توهان جو ڪم بم ناهي ماڻهو مارڻ آهي ، منهنجو ڪم ماڻهن جو دوا درمل ڪرڻ آهي ، پر اسان

ٻنهي کي پاڻي پيئڻ يا ماني کائڻ ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي پوءِ اچو تہ انهيءَ هڪجهڙائي تي گڏ ٿيون. باقي اسان جي اختلافن تي هڪ ٻئي سان ڪوبہ سروڪار نہ هجڻ ڪپي. جديديت پڃاڻان win +winجو فلسفو ڏئي ٿي. هارائڻو ڪنهن کي ڪونهي ، ٻنهي کي کٽڻو آهي. هاڻ مزدور بہ خوش تہ سرمائيدار بہ خوش پوءِ انقلاب ڪتان ايندو؟ توهان ڏٺو تہ پاڪستان ۾ ايتري ڪرپشن ڦهلائي ويئي آهي ، ايترو ڪرائيم ڦهلايو ويو آهي جو سڀ ڏاهاري آهن، ڏوهہ ڪندي خوش آهن سڀ ڏوهہ ڪري ناجائز دولت هٿ ڪرڻ ۾ خوش آهن، انهيءَ ڪري رياست سان ڪير بہ وڙهڻ نٿو چاهي. مارڪس جو سائنسي ڪميونزم جيڪو گلوبل وليج جو تصور هو انهيءَ ۾ پرولتاريہ ڊڪٽيٽرشپ اهم هئي جديديت پڃاڻان ۾ گلوبل وليج آهي پر پرولتاريہ جي ڊڪٽيٽرشپ سان نہ پر سرمائيدار جي ڊڪٽيٽرشپ سان آهي. ڳالهہ صرف ايتري آهي تہ اسان حد کان وڌيڪ اميد پرست آهيون ، اسان حقيقت کان اکيون چورائي جيئڻ ٿا چاهيون. ان ڪري اسان قبول ئي نٿا ڪريون تہ دنيا تباهي طرف وڃي رهي آهي. دنيا ۾ سڀ ڪجهہ غلط ٿي رهيو آهي. اسان سمجهون ٿا تہ ايا سنڈ گدڙن کانہ کاڌي آهي. ان جو سبب بہ اهو آهي تہ اسان موقعي پرستي جا شڪار آهيون، اسان جا رشتا مفادن جي بنيادن تي ٺهندا ۽ ٽٽندا آهن، اسان سڀيي گرهہ لاءِ ڪپڙا لاهيو بيٺا آهيون. اسان ڪرپشن ڪري مفت جو مال هٿ ايترو ڪيو آهي جو ڪنڈ ۾ ڪلي لڳي ويئي . هاڻي حقيقت اسان جي هٿ جي ناهيل آهي. اسان گسيل پٽيل پراڻا نعرا هٿ ڪري ڇڏيا آهن. انهن تي جذباتي ٿي هنيوڇيون هڻون ٿا. دنيا کيڏانهن پئي وڃي اسان کي خبر ڪانهي. توهان ڏسندا تہ مارڪسسٽ پراڻا جملا ايا بہ ورجائي ترقي پسندي جو ثبوت ڏيندا آهن. ڪي وري اڄ بہ مذهب کي گاريون ڏئي ڪميونسٽ هئڻ جو ثبوت ڏيندا آهن. اسان وٽ نقلي دانشور سيميناري، اسٽيج تي ويهڻ وارن دانشورن جي کوٽ ڪانهي. ملا جي

جديديت پڇاڻ

ڊوڙ مسيت تائين ، انهن دانشورن جي ڊوڙ کا سڌيي سيٽ هٽ ڪرڻ يا فوٽو سيشن ڪرائڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ ناهي. وڪر جي دنيا ، هوس جي دنيا ايتري وسيع ٿي چڪي آهي جو نا اهل ، ڪوڙو ماڻهو هامر هڻندي ۽ پاڻ کي پڌائيندي نٿو ٽڪي.

اهڙي دور کي سمجھڻ تمام گھٽو ضروري آهي. اهڙي دور ۾ سچ تي بيھڻ تمام ضروري آهي، ها ڏاڍو ڏکيو دور آهي ، ڏاڍو ٽڪائيندڙ دور آهي . سوچ واري ماڻهو کي اڪيلو ڪريو ڇڏي ٿو، پر ڳالھ اها آهي ته سچو ماڻهو ايماندار ماڻهو پنهنجو ڪم ڪندو رهندو، تاريخ ۾ جيڪو سندس ڪردار آهي، اهو نياهيندو رهندو آهي. دنيا ۾ اهڙا ڏکيا دور اڳ به آيا ۽ ايندا پر اهو انسان آهي جيڪو هر دور ۾ جيئڻ جو گس ڳوليو وٺي.

ڈاڪٽر غفور ميمڻ
چيئرمين سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي

جديديت پڇاڻان
(پس منظر ۽ پيش منظر)

سڃاڪيءَ جي دور ۾ فلسفي مان ٽي پرت ڦٽي نڪتا هڪ عقليت (Rationalism) ٻيو ذهن ۽ جسم جي الڳ الڳ حثيت ((Dualism)ٽيون هر شيءَ تي شڪ ڪرڻ(Skeptical) رين ڊيڪارٽ جي هن فلسفي کي جديد فلسفي جو بنياد چيو وڃي ٿو. انهن ٽن پرتن مان ادب ۾ ڪلاسيڪل لاڙو پيدا ٿيو. ۽ جديد سائنس جو بنياد ٻيو . ذهن ۽ جسم جي حقيقت الڳ الڳ تسليم ڪرڻ مان هڪ ته اڪثر هلي وجوديت ۽ ٻيو جديد نفسيات جو بنياد ٻيو.اهڙي طرح سڃاڪيءَ واري تحريڪ مان انسان ۽ ڪائنات جي رشتي کي نئين طرح استوار ڪيو ويو. اهڙي طرح جديديت جي شروعات ٿي. جنهن جو بنياد سائنسي ترقيءَ معاشي نظام جي تبديلي ۽ منطق تي رکيو ويو. بقول ڊاڪٽر افتخار جي ته.

" جديديت ڪا نئين شيءَ ناهي بلڪ ايتري پراڻي آهي جيترو انسان . جديديت جي اظهار جا ذريعا بدلجندا رهيا آهن . فڪر ۽ واقعا تاريخي پس منظر ۾ قديم يا جديد ٿي سگهن ٿا . پر هر زمان ۽ مڪان فڪر جيڪو انساني ترقي لاءِ سرگرم آهي جديد آهي." [1]

جديديت صرف ذهني لاڙو يا رجحان ناهي بلڪ هي هڪ ثقافتي عمل ۾ آهي، جنهن ڪري تخليق ۽ جماليات جا نوان گس ۽ پيچرا ۾ هن ۾ ملن ٿا . جديديت سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي ۾ پيدا ٿيندڙ نوان رشتا ۽ نئين سوچ

---

[1] ناصر عباس نير، جديديت اور مابعد جديديت، انجمن ترقي اردو پاڪستان ڪراچي 2004 ص 21

کي عقلي بنيادن تي استوار ڪري ٿي ، ان ڪري جديديت جو اهم رجحان سيڪيولر ازم آهي .جديديت جڏهن ادبي تحريڪ بنجي ايري ٿي ته منجهس انسان دوستي جو پهلو نمايان ملي ٿو، جنهن کي ارڙهين صدي ۾ روش خيال جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ٿو. جنهن جو مقصد هو دنيا مان توهم پرستي ، جهالت ، وحشي پڻو ناانصافي کان انسان کي نجات ڏيارڻ ويو . هن فلسفي جو اهم نمائندو والٽير (Voltaire 1664-1778) هو. ارڙهين صدي ۾ يورپ ۾ تمام وڏيون تبديليون اچڻ لڳيون، روشن خيالي جي تحريڪ يورپ ۾ تهذيبي، اخلاقي قدرن کي بدلائي ڇڏيو. ادب ، مصوري، موسيقيَ ، سياست ۾ تبديلي آئي. جنهن جي نتيجي ۾ جمهوري قدر پيدا ٿيا. انهيءَ دوران فلسفي ۾ ڪانٽ ، هيگل ۽ روسو جهڙا ڏاها پيدا ٿيا ، سائنس ۾ اسحاق نيوٽن ، چارلس ڊارون جهڙا اهم ڏاها پيدا ٿيا ، هر طرف اهم بحث ۽ نوان موضوع زير بحث آيا ، ڪليسا ۽ چرچ جي بادشاهت ٽٽي وئي ، صنعتي انقلاب اچڻ لڳا ۽ يورپ سرمائيداري نظام وجود ۾ اچي ويو. ڪچو مال ۽ واڌو پيداوار هٿ ڪرڻ خاطر نيون منڊيون ڳولڻ لاءِ دنيا ۾ واپاري ۽ فوجي يلغار شروع ٿي . اهڙي طرح آبادياتي ۽ نئون آبادياتي نظام وجود ۾ آيو. هر نظام جا ٻه پاسا هوندا آهن . شروعاتي دور ۾ سرمائيداري نظام سڪيولر، انسان دوست، هو ۽ ٻي دور ۾ سندس رجعتي پهلو ظاهر ٿيو . پهرين دور ۾ منڊي جي تلاش ، ماٺهن کي شيون واپرائڻ لاءِ متوج ڪرڻ ، روڊ رستا ٺهرائڻ ، ٽپال جو سرشتو قائم ڪرڻ ، علم ۽ شعور وڌائڻ لاءِ اسڪول قائم ڪرڻ، پولين ۽ قومن کي سندن سڃاڻپ ڏيڻ، مطلب ته هر طرح جي ڪوج ڪرڻ ۽ نئين دنيا تلاش ڪرڻ سرمائيداري نظام جي ضرورت هئي . آهستي آهستي سرمايو گڏ ٿيندي ويو. ٿجوڑيون پرجي ويون ۽ ٻي طرف وڏا شهر وجود ۾ اچڻ لڳا. شهر جي ارد

گرد کارخانا، ۾ مزدورن جون ڪچيون جھوپڙيون، ھڪ طرف سائنسي ترقي جي نتيجي ۾ سڪ سھولتون ۽ آسوده طبقو ٻي طرف غريب ، محروم طبقو، بي روزگار طبقو، سبط حسن" موسيٰ سي مارڪس تڪ"۾ لکي ٿو،

" ھڪ طرف وڏا شھر مزدورن لاءِ سزا ۽ لعنت بنجندا ويا ٻي طرف مزدور طبقو وڌندو ويو، جنھن ڪري مزدور تحريڪون ۽ شروع ٿيون. آخرڪار برطانيا ۾ ھڪ وڏي جدوجھد کان پوءِ مزدور طبقي ٽريڊ يونين ٺاھڻ جو حق ۽ حاصل ڪري ورتو. "[2]

آخر ڪار جديد دور خلاف نعرا بلند ٿيڻ لڳا مزدور مشينون توڙڻ لڳا. ٻي طرف ڪارل مارڪس (Karl Marx 1818-1883) جدلياتي ماديت ۽ تاريخي ماديت جو فلسفو پيش ڪيو. جنھن تحت ھن ھڪ نئون معاشي نظام ڏنو جنھن جو نالو سوشلزم ھو. 1915ع ۾ عالمي جنگ لڳي جنھن جي نتيجي ۾ روس ۾ انقلاب اچي ويو . سوويت يونين جي انقلاب دنيا ۾ پورھيت ۽ مظلوم طبقي ۾ ھڪ نئون عزم ۽ حوصلو پيدا ڪيو جنھن ڪري سڄي دنيا ۾ ترقي پسند تحريڪ شروع ٿي وئي . دنيا ھر ڏاھي ، ساڃھ وند ماڻھو ترقي پسند تحريڪ کان متاثر ٿيو. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ سڄي دنيا ۾ جديد دور ۾ ماڻھوءَ جي جيئڻ جو ھڪ نئون اسلوب قائم ڪيو. ادب جي ان تحريڪ جو باقاعده منشور ۽ وابستگي ھئي. جنھن جو مقصد ھو ته طبقاتي نظام کي وائکو ڪجي ۽ انسان جي جيئڻ جو ڪو نئون رستو تلاش ڪجي ، جيڪو سوشلزم نظام ۾ موجود ھو. جديد دور پنھنجي ارتقا جا مختلف مرحلا طئي ڪندي ھڪ دنيا ۾ ٻن ڪيمپن کي جنم ڏنو ٻي طرف سرمائيداري جي بحران دنيا کي ٻي جنگ

---

[2] سبط حسن، موسيٰ سي مارڪس تڪ، مڪتبه دانيال ڪراچي. 1984. ص 347

عظيم ڏانهن ڏکي ڇڏيو. ٻي جنگ عظيم دنيا ۾ هڪ وڏو بحران پيدا ڪيو جنهن ۾ انسان ۾ ڀڄ ڊاهه ٿي ، انسان ۾ اڪيلائي، ڏک، ويچارگي جو احساس نروار ٿيڻ لڳو ، جنهن ڪري انسان وجودي وارداتن ۾ وکوڙجي ويو. حقيقت ۾ جديد دور انسان کي فطرت جي گود مان ڪڍي مصنوعي ۽ مشيني ماحول ۾ آندو هو. ان ڪري انسان جنگ جي هاڃي ڪارين ۾ پنهنجو جيئڻ جي مقصد کي وڃائي وهي رهيو. ادب جي اندر انهيءَ جو اظهار مختلف تحريڪن جي صورتن ۾ ٿيندو رهيو. وجوديت جي تحريڪ ادب کي متاثر ڪيو. جان پال سارتر (Jean .Paul Sartre 1905-1980) هن تحريڪ کي فلسي ۽ ادب ۾ اظهاريو. سندس ڪيترائي ڊراما ۽ ناول جهڙوڪ 1938 ۾ لکيل ناول ڪراهت (Nausea) 1943 ۾ لکيل ڊرامو"The flies " 1944 ۾ لکيل ڊرامو No Exit 1949۾ لکيل ناول (The reprieve) 1947 ۾ لکيل ناول Trouble Sleep ۾ وجودي لاڙو ۽ انسان جي مقصد ۽ بي مقصديت جا سوال موجود آهن . ان کان پوءِ البرٽ ڪاميو (Albert Camus 1913 -1960) .ادب ۾ هن لاڙي جو اهم نمائندو هو. سندس مشهور لکڻين ۾ ڊاريو ۽ پليگ آهن . انهيءَ کان علاوه يورپ ۾ ڪيترائي ٻيا ادبي لاڙا پيدا ٿيا. جهڙوڪ ماورائي حقيقت (Surrealism) دادا ازم (Dadaism) ڪيوب ازم ڪيوب ازم (Cubism)اظهاريت (Expressionism) شعوري وهڪرو (Stream of Consciousness)وغيره هنن ۾ ڪيترائي ئي لاڙا چترڪاري ۾ وڌيڪ ظاهر ٿيا . ادب ۾ به هنن جو نمايان اثر ملي ٿو جن ۾ ڊورٿي رچرڊ سن ورجينا وولف (Virginia woolf) جيمس جوائس James Joyceاهم نالا ملن ٿا. پهرين جنگ عظيم کان پوءِ هي لاڙا جرمني، رومانيه ۽ فرانس ۾ شروع ٿيا. هنن لاڙن ۾ هڪ ته ادب جو اسلوب مخصوص هو. ٻيو قدرن روايتن ۽ آدرشن کان بغاوت هنن لاڙن ۾ نمايان هئي. جهڙي طرح ڪلاسيڪل دور ۾ فن،

حقيقت نگاري، جي مخصوص قدرن خلاف بغاوت طور رومانويت پيدا ٿي هئي . اهڙي طرح ترقي پسند تحريڪ جي مخصوص روين ۽ لاڙن ۽ پابندين خلاف بغاوت طور به هي لاڙا پيدا ٿيا جن ۾ مڪمل ڇڙواڳي، ۽ هر ڳالهه کان نفي موجود هئي. رومانيت ۾ ته فطرت نگاري هئي پر هنن لاڙن ۾ مايوسي ، فراريت، وڌيڪ هئي. ڇو ته شهرن جي مصنوعي ماحول ۽ عقليت جي فڪر ۾ ماڻهوءَ مان فطري ۽ روحاني جذبا موڪلائي ويا هئا ان کان پوءِ مارڪسزم جيڪو پورهيت ۽ مظلوم طبقي جي نجات بنجي آيو ان جو مسئلو اهو هو ته ماڻهو کي صرف مادي دنيا جي سک ۽ ضرورتن تائين محدود ڪيو. هي ڳالهه انسان مان روحانيت ختم ٿي وئي . برصغير ۾ روحانيت مان مراد ، خدا ترسي، توڪل، درگذر ڪرڻ، همدردي ، پيار، قرب جي معنيٰ ۾ ورتل آهي. جيئن ايڇ بي دينش چيوهو

"When modern philosophers announced god dead, it was the divinity - in-human that died, not god"*.[3]

انسان ۾ اڪيلائي جو سبب اها مڪنيڪل مادیت به بني ۽ زندگي جي بي سببي جو بنياد به بني. نتيجي طور ادب ۾ وجوديت جهڙا لاڙا پيدا ٿيا. سوويت يونين جيستائين قائم هو عالمي طور ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ سان گڏ ٻيون تحريڪون فرد ۽ آزادي جي بحث سان هلنديون رهيون ويهين صدي جي آخر ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ عالمي طور حالتون بدلجي ويون. ملڻي نيشنل

---

[3] H.B Danish, M.D,"The Psychology of Spiritualism",Sterling Publishers Private Limited New Delhi 1998 page 65.

جديديت پچاڻ

ڪمپنين جو وجود ۾ اچڻ ، مارڪيٽ ڪلچر ، ڪپت واري ثقافت، نيوڪلئير ٽيڪنالوجي، ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي، جينيٽڪس سائنس، دنيا جو گلوبل وليج ۾ تبديل ٿيڻ. دنيا کي نئين دور ۾ داخل ڪيو. هن مرحلي جي معروضيت کي مابعد جديديت يا جديديت پچاڻ چئجي ٿو.

مابعد جديديت جي مڪمل تعريف ته اڄ تائين ڪنهن نه ڪئي آهي. پر ايترو ضرور آهي ته مابعد جديديت هڪ ئي وقت ۾ مختلسف تضادن وارا تصور ۽ هاجا کٽي آئي آهي .جديديت ۽ مابعد جديديت ۾ فرق آسان هيئن ڪنداسين ته جديديت ۾ مرڪزيت هئي، تاريخ ۽ ڪلچر هو. منصوبہ بندي ۽ تخليق هئي پر مابعد جديديت ۾ لامرڪزيت، مايا، عدم تعين، انشار، هٽرادا موضوع ۽ رينڊم اسٽائيل موجود آهي. مابعد جديديت جو بنياد هيئن نڪتن تي رکيل آهي.

- ڪوائنٽم فزڪس
- جديد ميڊيا
- ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي
- غير مادي معشيت(Intangible economics)
- جنيٽڪ سائنس

ڪوانٽم فزڪس جا هيٺيان بنيادي نڪتا آهن

- wave particle duality
- un certainty principle
- quantum entanglement

آئنسٽائن کان اڳ دنيا اسحاق نيوٽن جي قاعدن تي هلندي هئي . سائنس ۽ معشيت جو بنياد فارمولائز هو. 1905 ۾ اليڪٽران جي دريافت ٿي ۽ اليڪٽران کي مادي ذرو (Particle) سمجهيو ويو، پر 1930 ع ۾ اليڪٽران جي

مادي وجود تي شڪ ڪيو ويو. ڇو تہ اليڪٽران جو انرجي ۾ تبديلي وارو مرحلو فارمولائيز ناهي. اليڪٽران پنهنجي خصوصيت ۾ هڪ ئي وقت انرجي ۽ آهي تہ مادي ذرو ۽ آهي . روشني اليڪٽران جو وهڪرو آهي اهي اليڪٽران مادي ذرو آهن يا انرجي جون لهرون جيڪڏهن مادي ذرو آهي تہ روشني ۾ تبديل ڪيئن ٿئي ٿو. جيڪڏهن انرجي آهي تہ پوءِ اهو بحث ئي ختم تہ دنيا مادي آهي بلڪ پوءِ مادي جي حثيت ثانوي ٿي وئي ، پر ڪوائنٽم فزڪس انهيءَ تي ڪو حتمي جواب نٿي ڏئي . بلڪ اتي رينڊم صورتحال پيدا ٿئي ٿي .

Light is an energy exchange between electrons. However, the exchange Mechanism was unknown, as Einstein implied when he said: "I would just like to know what an electron is." [4]

هن صورتحال ۾ عدم تعين جو هڪ اڻ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو ، جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ " God play dice" جيتوٽيڪ آئنسٽائين پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪندو رهيو تہ ڪائنات کي ڪلاسيڪل فزڪس تي پرکجي .

While at a glance this may seem like just another strange theory, it contains many clues as to the fundamental nature of the universe and is more important than even relativity in the grand scheme of things (if any one thing at that level could be said to be more important than anything else). Furthermore, it describes the nature of the universe as being much different than the world we see. As Niels Bohr said,

---

[4] http://en.wikipedia.org/wiki/Introduction_to_quantum_mechanics.

4 .http://library.thinkquest.org/3487/qp.html

"Anyone who is not shocked by quantum theory has not understood it."[5]

هن ٿيوري کان پوءِ دنيا ۾ هڪ نئون بحث چڙي پيو ۽ ان ڪري دنيا جا وهنوار ۽ شين کي ڏسڻ ۾ مسئلن جا حل صرف فارمولائيز ناهن بلڪ رينڊم به آهن . نتيجي طور معشيت ۾ به عدم تعين ۽ گهڻ رخي صورتحال پيدا ٿي جنهن کي Quantum entanglement معشيت به چيو وڃي ٿو .

توهان ڏٺو ته گلوبل دنيا جي معشيت کان پوءِ مارڪسزم جي ٿيوري کي ابتڙ پيش ڪيو ويو. مارڪسزم جي ٿيوري مطابق ڪنهن به ماڻهو کي ٻاهڙ ۽ ڦٽائڻ ۾ معرضي صورتحال اهم آهي، ماڻهو تيستائين تبديل نٿا ٿي سگهن جيستائين معروضي صورتحال تبديل نٿي ٿئي . ان لاءِ هڪ وڏي انقلاب جي ضرورت آهي ان کان پوءِ دنيا جو هر عمل معاشي نظام جي تابع آهي. پر گلوبل دنيا جو اهو نعرو آهي ته ماڻهو جو اندر ئي سپ ڪجهه آهي. ايلون ٽافلر Alvin Toffler کان وٺي اسٽيون ڪووي تائين امريڪا ۽ يورپ جا ڏاها اهو مابعد جديديت جو فڪر پيدا ڪري رهيا آهن ته دنيا تبديل پنهنجي داخلي طاقت سان ڪريو . مارڪس جو اهو چوڻ هو ته دنيا ۾ وچٿري (Neutral) کابه شيءَ ناهي ڪنهن هڪ جو پاسو ڪٽڻو پوندو ڪنهن هڪ کي ڪٽڻو آهي ۽ پي کي هارائڻو آهي پر مابعد جديديت جو نعرو آهي ته win + win يعني ٻنهي کي ڪٽڻو آهي . چوته هڪ شيءَ جا ڪيترائي رخ آهن ڪنهن کا هڪ انگ 6 نظر اچي رهيو آهي عين ممڪن آهي ته ٻي کي اهو 9 نظر اچي رهيو هجي

---

[5]http://www.brainyquote.com/quotes/quotes/h/heraclitus107157.html.

چو ته پنهنجي جڳهه الڳ الڳ آهي، هاڻ جڳهه پنهنجي مٽايو ته رايا پنهنجا ورِي بدلجي ويا معنيٰ ٻئي ڪٽي ويا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سرمائيدار ۽ مزدور جي جهيڙي جو حل اهو به ٿي سگهي ٿو. مزدور کي سرمائيدار بنجي وڃڻ گهرجي پوءِ ڪنهن به بدعنواني جي طريقي سان ٿئي.

ان کان پوءِ معروضي حالتون کاڌ معنيٰ نٿيون رکن ماڻهو کي Proactive ٿيڻ گهرجي. هن لفظ جي معنيٰ اها آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجي موسم پاڻ سان کٽي هلڻ گهرجي. حالتن جو شڪار نه ٿئي. مطلب ته موجوده نظام ۾ جيڪڏهن ڪو غريب آهي ته پنهنجي افعالن جي ڪري آهي. ان ۾ حالتن بدلائڻ جي طاقت ناهي.

مارڪس جي فلسفي جو بنياد هو ته معروضي حالتن کان داخلي حالتون ٿهن ٿيون پر اسٽيون ڪووي جو چوڻ آهي ته

"Our behavior is functioning of our decisions not our conditions" [6]

يعني توهان پنهنجي سوچ بدلايو ته دنيا بدلجي ويندي.

مابعد جديديت جو ٻيو بنياد جديد سڌ سماءَ جا ذريعا آهن. جديد سڌ سماءَ انسان کي جيترا فائدا پهچايا آهن اوترا نقصان به. چوته بنيادي ڳالهه ايجاد جي نه پر استعمال جي آهي. غلط رستي تي هلي صحيح نتيجا ڪڍهن به حاصل نٿا ڪري سگهجن. واپاري ڪمپنيون جديد ميڊيا کي خوب استعمال ڪن ٿيون. پنهنجي شين کي وڪڻڻ لاءِ ميڊيا تي مشهوري ۽ ماڻهن کي مونجهائڻ لاءِ هٿرادا اشوز پيدا ڪيا ويندا آهن. اڄ ميڊيا حالتن ۽ واقعن جون خبرون ڏيندي هئي پر هاڻ ميڊيا ماڻهن جون خبرون ٺاهيندي آهي. واقعا رونما ٿيل ۽ ميڊيا جا پيش ڪيل الڳ الڳ حقيقت رکندا آهن. چوته خبرون کي سنسني

---

[6]. Stephen R.Covey, "The Seven Habits of Highly Effective People", Simon & Schuster Ltd, London 1989. Page 71

خير ٿاهڻ ميڊيا جو ڪم آهي . يعنيٰ عوام اهو ڪجهہ ڏسندي آهي جيڪو هن کي ميڊيا ڏيکاريندي آهي . ان پوءِ اينڪر پرسن ميڊيا جو هڪ الڳ ڪلچر آهي . جنهن جو مطلب آهي تہ دنيا کي ڪنهن نظريي ، علم، ڏاهپ ۽ حقيقت جي بجاءِ مخصوص اينڪر پرسن جي راءِ تي هلائجي. يقيني طور اهي اينڪر پرسن واپاري دنيا جي نمائدگي ڪندا آهن جي ائين نہ ڪندا تہ ڪامياب اينڪر پرسن نہ سڏبا . نتيجو اهو ٿو نڪري تہ ميڊيا هڪ مايا جو ڇار بنجي وڃي ٿي .

ميڊيا هٿرادا اشوز ٺاهيندي آهي ، جن جي ذريعي ما ٺهن جي راءِ هموار ڪندي آهي .انهن هٿرادن واقعن کي سنسني ٺاهي سماج ۾ ڦهلايو ويندو آهي . جيئن سنڌ ۾ ڪارو ڪاري، ڏرٽو ، جرگو ۽ پريمي جوڙن جو رواج ميڊيا جو پيدا ڪيل آهي. دنيا ۾ ب ميڊيا ذريعي ڪنهن کي هيرو ٺاهيو ويندو آهي تہ ڪنهن کي زيرو ٺاهيو ويندو آهي . مائڪل جيڪسن کان وٺي ميڊنا تائين ، هڪ فلم جي سيريز کان وٺي ٻي تائين سپ ڪاروباري هيرو آهن .

ڪي ايف سي KFC ڪلچر کان وٺي پيزا هٽ تائين جو ڪلچر سپ جديد گليمر ۽ ڪمائي جا ڏنڊا آهن . ڇو تہ انهن جي مشهوري ايتري ڪئي وڃي ٿي جو اهي ماڻهن جي ضرورت بنجي وڃن ٿا. اڄڪين اسان ٻڌندا هئاسين تہ " ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي " پر هاڻي اها چوٽي ابتي آهي " ايجاد ضرورت جي ماءُ آهي." پهرين ايجاد ٿيندي آهي پوءِ ميڊيا ذريعي ان جي مشهوري ڪري توهان جي ضرورت بنائي وُيندي آهي .

ٽي وي جي دنيا ۾ توهان کي ڪيئن ڳالهائڻو آهي . ڪهڙي استائل سان وهڻو آهي ، ڪهڙا ڪپڑا پائڻا آهن ، سپ نقلي ۽ گليمر جو حصو آهن . توهان جي شخصيت ٺاهي ويندي آهي . جيڪا اصلي فطرت کان ڪٽيل ب ٽي سگهي ٽي .

مطلب تہ ميڊيا جي ذريعي جڙتو ڪردار پيدا ڪيا ويندا آهن . ميڊيا مايا جي دنيا پيدا ڪئي آهي حقيقت گم ڪئي وئي آهي . ان کان پوءِ سپ نقلي ڪردار پيدا ڪيا ويا آهن جيڪي مارڪيٽ جو وکر آهن .ماڻهن کي ايترو

الجهايو ويو آهي جو سچ گم ٿي ويو آهي رڳو ڪوڙ جي لڙائي ڪوڙ سان پئي هلي .

اچو ته ڏسون مابعد جديديت جي باري دنيا جي مخلف عالمن جا ڪهڙا رايا آهن.

14 نومبر 1997 ع تي شڪاگو ۾ مابعد جديديت جي موضوع تي هڪ ڪانفرنس ٿي هئي ان ۾ هڪ ماهر جو رايو هو ته مابعد جديديت اسان کي ڪجهه به نئون نٿي سيکاري هي اهو رويو آهي جيڪو فطرت ۾ موجود آهي صرف سائنس ان جون معروضي حالتون پيدا ڪيون آهن. قبل مسيح ۾ هيراقليطس (Heraclites) چيو هو ته ،

"You cannot step into same river twice" his student added "not even once, there is not same river" [7]

ان بيان مطابق ڪنهن به حقيقت کي بقا ناهي بلڪ هڪ رواني آهي ، جنهن ڪري هر شيءَ نئين آهي . بيهڪ (Consistence) ڪٿي به ناهي ، مابعد جديديت ۾ اهو عمل تيز ٿي ويو آهي اڄ تاريخ هزارين سالن جي هئي ، پوءِ صدين جي ٿيندي هئي ۽ هاڻ ڏهن سالن جي تاريخ آهي ايا به روز جي تاريخ ٿيندي . تاريخ هوندي ته ڪلچر ، قومون ، بولي به هوندا نه ته ڪلچر ، قوم بولي به ختم ٿي ويندا . اسان ڏسون پيا ته گلوبل ڪلچر ۽ گلوبل معشيت ۾ اهو ئي ڪجهه ٿي رهيو آهي.

---

[7] http://www.brainyquote.com/quotes/quotes/h/heraclitus107157.html. 7.

13 June 2010

ڪولمبيا جي ساڃاهه وند ليڪڪ ڪالي ليسن (kale lasn 1942) جو خيال آهي ته "مابعد جديديت ڏاڍي مايوس ڪن ۽ ذهني دباءُ وارو فلسفو آهي ، ان کي بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ، ڇو ته ڪو به ان کي صحيح معنيٰ ۾ نٿو ڄاڻي پر هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته انسان انساني تاريخ جي آخري نڪتي تي پهچي چڪا آهيون. هر شي جي اصليت جو خاتمو ٿي رهيو آهي، فن علم ادب، ڏاهپ ۽ روايتن جو موت ٿي چڪو آهي . مذهب ۽ مسقبل جا رومانوي خيال مري چڪا آهن . دنيا ۾ هاڻ ڪوبه انقلاب نه ايندو. انسان ذات مسقل بحران ۾ ڦاسي چڪو آهي . جنهن مان ٻاهر نٿو ڀڄي سگهي ".

ڊونالڊ ڊيوڊ سن (Donald Davidson) جو چوڻ آهي "مابعد جديديت ۾ اسان دنيا کي پنهنجي تصورن يا خيالن سان سجائي نٿا سگهون. بلڪ دنيا اسان کي سجائيندي آهي . سچ حقيقت جو منظر نامو ناهي بلڪ سماجي عمل جو پيش منظر آهي" . ساڳي وقت ٻولي جيڪا مخصوص زمان و مڪان ۾ موجود آهي پنهجي لفظن ۽ اکرن سان سچ پيش ڪري سگهي اها به مابعد جديديت جي الڳ آهي . ڪابه پراڻي ٻولي مابعد جديديت کي پيش نٿي ڪري سگهي ڇو ته ان ٻولي وٽ موجوده زمان و مڪان جي شين ۽ عملن جا لفظ ئي نه هوندا اهو ئي سبب آهي جو هن وقت دنيا ۾ ڪابه خالص ٻولي ناهي ڇو ته ٻولي فطرت ۽ ڪلچر مان جنم وٺندي آهي. هتي فطرت ۽ ڪلچر روز نئون آهي ته پوءِ ٻولي ڪٿان جنم وٺندي ؟

رچرڊ روٽري (Richard Rotry) جو خيال آهي مابعد جديديت ٽن تحريڪن جي بنياد تي رکيل آهي . هڪ ساختيات (structuralism) ٻيو ساختيات شڪن (De- structuralism)۽ ٽيون تعمير شڪن (De- constructions) 1960ع کان 1970 ع تائين) دريدا فرانس جو اديب هو ، هن

بہ سائنسي طور سماجي ساختيات جو نعرو هنيو . دريدا جو خيال هو تہ جديديت پچاڻان نہ تہ کو نظريو آهي نہ لاڙو بلڪ معروضي حالتن جو عڪس آهي .

مابعد جديديت جي دور ۾ شهر ۽ شهري آبادي بهراڙيءَ کان وڌي ويندي آهي. نتيجي طور ڪلچر جو ۽ قدرن جو خاتمو ٿي ويندو آهي . اتي صرف صارفين جو ڪلچر هوندو آهي . شهر جي سڃي سرگرمي معاشي ۽ واپاري هوندي آهي. اتي رهڻ وارا آهستي آهستي ان ماحول ۽ معاشي نعرن ۾ گم ٿي ويندا آهن هنن جو وجود ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي هو صرف مارڪيٽ جو عڪس هوندا آهن. مارڪيٽ ئي هنن جي رهڻ سهڻ جو ڍنگ طئي ڪندي آهي. مابعد جديديت ۾ دنيا مادي حصول جي پويان ديواني هوندي آهي. مادي ڪشمش کي ايڇ بي ڊينش هن طرح بيان ڪيو آهي .

"The force of love kindness and mercy were too often defeated in the struggle for material development and consumption. Frequently force took place of love, information replaced wisdom, wealth become synonymous of happiness. The earth was shattered into many little centers of self - interests. Consequently human knowledge become limited to the physical world and laws of material were applied to the spiritual. The futility of such as under taking is now clearly before us, as we behold our world divided , dispirited , burdened with in Justice,

inequality, mistrust , war , hunger , disease , immorality and death. The world is now seriously ill with disease of materialism. [8]

مابعد جديديت جي دور جو پيدا ٿيندڙ نسل ائين آهي جيئن ڪڙ جا فارمي ٻچا . جن نہ ڪڏهن ماءُ جي گود ڏٺي ،نہ پيار جي گرمائش محسوس ڪئي ، نہ فطرتي منظر ڏٺا ، نہ چاندوڪيون ڏنيون ، نہ ٺڏي هوا جا جهوٽا محسوس ڪيا، اهڙو ئي نسل اڄ جي مابعد جديديت جو آهي جيڪو ڪٽر ڏندي باز ، نتيجي پرست (Pragmatic) فطرتي منظرن کان ڪٽيل ، جذبا، همدردي ، برادري ۽ پنهنجائپ ان لاءِ سپ اوپريون شيون آهن . هن آپريشن سان جنم ورتو ، ٽوڪري ۾ ماءَ ڪٽي هلي، ٽڄ بجاءِ فيڊر پيتو ، ماءُ جي لولي بجاءِ سنائي جا چيڊڪ پريا ، نہ بهار ڏٺو نہ سرءُ ، نہ تارا ڏٺا نہ ڪتي ، نہ ٽيڙو، نہ عيد نہ براد هن تہ صرف فيشن ڏٺو ، هن تہ ڏيکاءُ جا تهوار ڏٺا ، گليئمر جي چمڪ ۾ گم ٽيل اڳهاڙا وجود ڏٺا. گولين جا آواز ٻڌا ۽ لاشن جي نمائش ڏٺي ، هن کي پنهنجي ڪابہ خبر ناهي هو تہ صرف هڪ ڪردار آهي ، وڪر آهي ، پاڻ کي مڪي چڪي مارڪيٽ ۾ وڪٽندو . پوءِ مادي شين پٽيان ۽ مادي لذتن پٽيان ڀڄندو گهر کي ڊپارٽمينٽل اسٽور ٺاهيندو جنهن ۾ وائڙا ڪردار اڪيلا بگهڙن جيان نقلي خول پائي جيئندا .

اياز گل هن طرح انهيءُ ڀالهہ کي اظهاريو هو

ماڻهوءَ اڳيان پويان پاڇا ڊوڙن ٽا،
نظرن ڏي هر روز تماشا ڊوڙن ٽا
سچ اصولن ۽ احساسن کي دفنائي

[8] H.B Danish, M.D,"The Psychology of Spiritualism",Sterling Publishers Private Limited New Delhi 1998 page 66

رستن تي بس زنده لاشا ڊوڙن تا
ڪيئن ڪري سگھندا منزل ڪي پنھنجو
خيال جيڪي چارئي پاسا ڊوڙن تا
ٻار ڇا سوچن جيون ڪھڑي ويڙن آھي
جنھن جي پويان امان بابا ڊوڙن تا
ھر شيءَ ھن کان ڪيڏو ڏور ھلي وئي آھي
دل پسي بس يار دلاسا ڊوڙن تا. [9]

مابعد جديديت جو ھڪ اھم نڪتو غير مادي معشيت آھي يعنيٰ " Intangible economics " ھن نظام ۾ واقعي لاءِ سائنس، معروضي حالتون ، سبب يا علت ھڻڻ ضروري ناھن واقعا جڙتو، ڪردار جڙتو ھوندا ، معاشي سرگرمي جڙتو ھوندي . ويڙي ويڙي رات وچ ۾ ڪو بہ شاطر ماڻھو امير ۽ ڪو امير غريب بنجي سگھي ٿو ، فائلن جي ھيرا ڦيري ، شيئر مارڪيٽ ۾ ڪروڙن جا سودا ويڙي ويڙي امير يا غريب ڪري سگھن ٿا. ھن دور ۾ دولت جو تصور غير مادي آھي ، معنيٰ ھڪ اليڪٽرڪ ڪريڊٽ ڪارڊ لکين روپين جو ھوندو . اربين روپين جا سودا ڪريڊٽ ڪارڊ ۽ ڪوڊ نمبر ذريعي ٿيندا آھن ، اسڪينگ ٽيڪنالوجي، ڪمپيوٽر فوٽوگرافي، انٽرنيٽ لائبريري ، اليڪٽرڪ پيغام رسائي غير مادي دنيا کي جنم ڏئي رھي آھي. ٻي طرف جينيٽڪ سائنس ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ وڏيڪ ڪمائڻ جي حوس پيدا ڪئي آھي ڇو تہ زرعي طور فارمي جنسون پيدا ڪرڻ ، ٽڪڙا فصل پيدا ڪرڻ ، ٻنين ۾ وڏيڪ پاڻ ۽ دوائون وجھي ٻنين جي سگھ ختم ڪرڻ ، مسقبل

---

[9] مھراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سيپٽمبر کان ڊسمبر، 2005

لاءِ ڏاڍو هاڃي ڪار آهي . ان ڪان پوءِ جاندارن ۾ جينيٽڪس DNA مان ڊولي رڊ ٺاهي اهو ثابت ڪيو ته هاڻي انسان مان اسان انسان به ٺاهي سگهون ٿا. دنيا ۾ هن ٽيڪنالوجي تي پابندي آهي .

دنيا ۾ هميشہ به نقطہ نظر اهم رهيا آهن هڪ اميد افزان پيو مايوس ڪن . اميد وارن جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ انڌير ڪونهي اهي سڀ ڊيڃارڻ جون ڳالهيون آهن . نہ ته سائنس ته انسان کي ترقي ونرائي آهي . سهولتون ڏنيون آهن ۽ انسان اڳتي وڌي رهيو آهي . مابعد جديديت کا مايوس ڪن ڪونهي دنيا ۾ هي عبوري دور آهي تبديلي ايندي . پيو مايوس ڪن نقطہ نظر آهي ته دنيا روز به روز تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي . سائنس انسان کي مادیت ڏانهن ڏڪيو آهي ۽ انسان انسانيت وڃائي ويٺو آهي .ترقي جي نالي تي انسان وحشي جانور ٿيندو وجي ۽ ڏينهان ڏينهن اڪيلو ۽ بيوس بنجندو وجي .

مابعد جديديت جو انهن ٻنهي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي ڇوتہ مابعد جديديت هڪ عمل ۽ معروضيت جو نالو آهي . اهو ته دنيا ڦٽي ٿي يا نهي ٿي ترقي ڏانهن وجي ٿي يا تنزل ڏانهن اهو سوچڻ ڪنهن فلسفي ، نظريات دان ، سياست دان ،۽ آشا واد جو ڪم آهي . جديديت ۾ ته المبي ، ڏک ، تباهي ، تي رڙيون ڪيون ويندیون هيون ، احتجاج ڪيو ويندو هو پر مابعد جديديت ته ڏک، المبي يا سانحي کي بہ Celebrate ڪندي آهي. جي زلزلو ايندو ته ماٺهو لکين مري ويندا پر مابعد جديديت لاءِ اهو صرف هڪ اشو آهي، جنهن مان ڪروڙين روپيا ڪمائڻا آهن. سياست چمڪائڻي آهي. توهان اڄ تائين اهو طئي ڪري نہ سگهندا ته 11/9 جو واقعو المیو هو ، سازش هئي ، سياست هئي يا پلاننگ هئي . ڪابہ ڳالهہ توهان طئي نہ ڪري سگهندا . جديديت ته پنهنجي فڪر ۽ نظرئي سان وابستہ هئي پر مابعد جديديت جو ڪوبہ فڪري حصار

ڪونهي ، نه مرڪزيت اٽس ، مابعد جديديت جا هزارين رخ آهن سڀ قيمتي ، ۽ نايابَ، حقيقت ڪان ڏور، ۽ سوچ ڪان ڏور.

مابعد جديديت جا اهم پهلو حيران ڪندڙ واقعا (Future Shocks) آهن . هن ۾ ظالم ۽ مظلوم جو ڪردار بدلجي ويندو. ڪو ظالم توهان کي رڙيون ڪندي نظر ايندو ته هن سان ظلم ٿيو آهي، ڪو مظلوم دنيا ۾ بدنام هوندو ته هو ظلم ڪري ٿو. اصل ۾ مظلوم ڪو نسل، ڪا قوم ڪو ملڪ يا ڪا جنس نه هوندي . بلڪ فرد هوندا. مثال امريڪا جو صدر ڪو شيدي ٿئي ته ان ۾ حيراني جي ڪابَ ڳالهه ناهي. مجموعي طور شيدي حڪمران نه هوندا، يا وري سڀ شيدي آسوده نه هوندا . اهڙي طرح ڪا عورت حڪمران ٿئي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته عورت طاقتور ٿي وئي. ڪو ڇڪي هٽڻ وارو ڪروڙين ڪمائي ۽ ڏاهپ وارو عالم بڪ مري ته حيراني جي ڳالهه ناهي . ڪو ڏوهاري، سمگلر قوم جو هيرو هجي ۽ ساڃاهه وند کي چريو چيو وڃي ته ڪا حيراني جي ڳالهه ناهي. ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ چوڻ رواجي ڳالهه آهي مابعد جديديت فيوچر شاڪس جو دور آهي.

طالب المولي! هن صورت حال تي چيو هو :

عجب آهي زماني جا اهي اطوار متجي ويا
وڏا سردار متجي ويا، وڏا پوتا متجي ويا
اها الفت اها تهذيب ڪانهي ڪا
غريبن ۾ ايا ڪجهه آ پر زردار متجي ويا
پتل کي سون چون ٿا، هيرو شيشي کي
ڏسو ڇا ٿي ويو جو سڀ وينجهار متجي ويا
جي ليلي هجي ها ته اڄ ور متي ڪين ها مٽين تي

قسم رب جو جو اڇوڪا هيرن جا هار متجي ويا
پراون تي ڪهڙيون معيارون طالبالمولي
هو ننڍپڻ جا ساٿي ڪارا وار متجي ويا.

رولينڊ بارٿس (Roland Bathes 1912-1980) جو مضمون ليکڪ جو موت (Death of Author) ڪافي شهرت ماڻي چڪو آهي ، ان جو چوڻ آهي ته هر نظام جي مطالعي لاءِ هڪ ميٽا ٿيوري جي ضرورت آهي. مثال دريدا ، فوڪو جرمني جي مثال پسنديءَ کي فڪري پس منظر ڏاهي جديديت تي تنقيد ڪئي. اهڙي طرح هڪ لکٽيءَ تي تنقيد ٻ يا ان جو قد ڪاٺ وقت، حالتون، ۽ مارڪيٽ طئي ڪندي ليکڪ پنهنجو ليک لکي الڳ ٿي ويو. ان جا پهلو تنقيد نگار، ۽ مارڪيٽ ظاهر ڪندي.

هاڻ تنقيد نگار ته وچٿرو رهي نٿو سگهي ڇو ته هو خود مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سلمان رشدي جا ناول، تسليمان نسرين جو لڄ Laja، سوزانا اروندتي راءِ جو، 'غريبن جو آهي الله' (God of small things) هڪ مخصوص مارڪيٽ جي مفاد خاطر انهن ناولن کي شهرت تي چاڙهيو ويو جڏهن ته فني يا فڪري طور انهن ناولن ۾ ڏاڍيون ڪچايون هيون. هاڻي اهڙي طرح سان دنيا ۾ مارڪيٽ جنهن شيءَ کي چاهي آسمان جي بلندين تي پهچائي ڇڏي ، پوءِ اهو ڪو اداڪار هجي ، اداڪارہ هجي ، ڪرڪيٽر هجي، پريمي جوڙو هجي، ڪا فلم هجي يا ڪا استعمال جي شيءَ يا جڳهه مثال کي ايف سي، پيزا هٽ ،ميڪ ڊونالڊ وغيره يا ڪو مخصوص ڪاڏو، سڀ مارڪيٽ پيدا ڪندي آهي. مشهور ڪندي آهي ۽ ماڻهو انهيءَ شهرت جي پٺيان پٺيان ڊوڙندا رهندا آهن بغير سوچڻ ۽ سمجهڻ جي. مابعد جديديت جي ٻ اها ٻ خصوصيت آهي ته ماڻهن کي ايترا رخ ڏيکاريو جو هو منجهي پوي ۽ سوچڻ ڇڏي ڏين .

ميتا ٿيوري ڪنهن بہ نظريي لاءِ مثبت ۽ منفيَ دليل ڳولي سگهي ٿي. هر دور جو نظام معروض ۾ الڳ ۽ ٽيڪست ۾ الڳ هوندو آهي. ٽيڪسٽ ۾ لفظن جو ناڇ ٿيندو آهي غلط کي صحيح ۽ صحيح کي غلط. لفظن ۾ منطق جي هيرا ڦيري سان ٿي سگهي ٿي. سوال اهو اهي تہ ڇا انسان جي احساسن ۽ اندر جي سچ کي لفظ پيش ڪري سگهن ٿا ؟.

مابعد جديديت جي هر لمحي جي هڪ ڪهاڻي آهي ، هر لمحي جي هڪ تاريخ آهي ۽ دنيا هڪ اليڪٽرڪ ڪاڪ محل (Electronic labyrinth) آهي . ان جي اظهار لاءِ ڪهاڻي يا افساني ۾ ايتري جان نہ رهي آهي. انهيَ ڪري دنيا ۾ ناول کي مقبوليت ملي رهي آهي ." ارون دتي" کان وٺي "هرتا مولر" تائين ناولن جو تسلسل اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿو تہ ناول هڪ ادبي طاقتور صنف بنجي ايري آهي . دنيا ۾ جيڪي اهم ناول مابعد جديديت جي حوا' ۽ کان لکيا ويا آهن اهي ڪجهہ هن ريت آهن ،

ايلين جنسبرگ Allen Ginsberg 1926-1997 جو مشهور ناول بيٽ جنريشن Beat Generation جيڪو گهٽي جي ڪلچر street culture تي لکيل آهي ، اڇڪلهہ جا نوجوان جن ۾ سنجيدگيَ گهٽ مهم جوئي گهٽي هوندي آهي ، فاسٽ فوڊ ڪائيندي ، فلرٽ ڪندي ، قدرن کان بي خبر نوجوانن تي هي ناول ڏاڍو اهم آهي. ان کان پوءِ وليم ايس بوروفس (William S Burroughs) جو 1992 ۾ مشهور ناول naked lunch ڏاڍو اهم آهي. هي ناول دنيا جي اندر نشي جا سوداگرن تي، اندر گرائونڊ مافيا، lesbian، homo sexualityتي لکيل آهي دنيا ۾ ماٹهو ڪيئن وکري رهيو آهي ، مرڪزيت کان ٻاهر نڪري جانور ٿي رهيو آهي. اهڙي طرح 2000ع ۾ Mark Z Danielewski جو آيل ناول هائوس آف ليوز House of Leaves ۽ 2005 ۾ ڪيٽ موس Kate Mosesجو لابرينٿ (Labyrinth) مابعد جديديت جا ڏاڍا اهم ناول هئا . هنن ناولن ۾ مابعد جديديت جا اهم لاڙا جيڪي مان هيٺ ڏيان ٿو موجود آهن.

جديديت پڇاڻ

- Metafiction
- Pastiche
- Black humor
- Intertextuality
- Fablution
- Poioumenon
- Magic realism
- Techno culture and hyper realty
- Paranoia
- Maximalism
- Minimalism

عام طور سان اسان وٽ سنڌيءَ ۾ انهن لاڙن جو اثر ايا گهٽ آهي ڪجهه ڏينهن اڳ اخلاق انصاري جو ناول "اڏوهي" پڙهيو هوم انهيءَ ناول ۾ Metafiction ۽ Poioumenon جهڙا رجحان موجود هئا .

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ملڪ نديم جو آزاد نظم "باليءَ جي پڙوي ياءُ وانگر" به مابعد جديديت جي صورت حال تي ڏاڍو اهم آهي

باليءَ جي پڙوي ياءُ
سو سال اڳ
پيسي جي اهميت کي سمجهيو
پنهنجي پيٽ جي عيوض
ميرن کي لٽيو،
ڪيڏو نه سياڻو هو!؟
نوانوي سيڪڙو
اڃوڪي شاعر اديب ۽ دانشور،
وڏيري ، ڪاموري ،صحافي ۽ سياست دان،

۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهوءَ
وطن ، قوم ، عوام
۽ انسانيت جي بدلي
پيسي جي اهميت کي اڄ سمجهيو
باليءَ جي پڙوي پاءُ وانگر
پيسن حاصل ڪرڻ خاطر
هر ڏنڈو شروع ڪيو آهي
ڪيڏو نہ سياڻو آهي!!؟
باليءَ جي پڙوي پاءُ وانگر!؟؟؟.[10]

ان کان پوءِ فياض چنڊ ڪليري جي هنن سٽن ڏي ۾ توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي.

جذبا ۽ احساس شهر چڏيا ڳڙڪائي
جسم سمورا ڪورا ڪاڪر جهڙا هئا
هر چهري جي پنهنجي بولي واڪ هيو
ڳوڙها ٿهڪ سيئي ، اوڏر جهڙا هئا
(سوجهرو آڪٽوبر 2007)

سعيد ميمڻ جي هي سٽون ڏسو.

ماڻهو ماڻهو ڏکيو پيو آهي
يار هيڏا نقاب ڪير ڳٽي
سپ نظر رکن ٿا گناهن تي
سعيد ! تنهنجا ثواب ڪير ڳٽي. .

---

[10] هفتيوار جاڳرتا خيرپور ۾ ايڊيٽر ڪامريڊ غلام رسول سهتي ان شاعري کي چپائي سڃي سنڌ ۾ ورهايو هو. 2004

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ منظور ڪوهيار ، عبيد راشدي، محمد صديق مگيجو وٽ اهڙا عڪس ملن ٿا جن ۾ مابعد جديديت جا سماجي عڪس ملن ٿا. ماهتاب محبوب جا ٻه ناول " پيار پناهون چانورا" ۽ "خواب خوشبو چوڪري" ۾ جديد شهري قدر ، مارڪيٽ جو گليمر ، وجود جي اڇل، اڻ ڪٽندڙ هوس ۽ نوان جنسي قدر زير بحث آيل آهن . جيتوٽيڪ سنڌي سماج جا ڳوڻاٽا علائقا ايا ٻهراڙيءَ جي قدرن جي اثر ۾ آهن. پر ان جي باوجود ٻه ميڊيا اتي ٻه مارڪيٽ ڪلچر ڦهلائي ڇڏيو آهي . تازو منير چانڊيي جو ناول " ڪيف داران ڪوئي" پڙهڻ لاءِ مليو بنيادي طور هي ناول رومانٽڪ آهي پر هن ۾ اينٽي ڪلائيمڪس جديد دور جي نتيجي پرستي Pragmatic وارو آهي ، هن ناول ۾ هن نعري جي گونج موجود آهي ته Think globally and act locallyساڳيءَ طرح پيار جي آفاقي هجڻ جي روايت هن ناول ۾ ٽٽندي نظر اچي ٿي .

نتيجو Conclusion

پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ سوال ضرور پيدا ٿيندو ته آخر مابعدجديديت مثبت آهي يا منفي؟

ڪارل مارڪس چيو هو ته سرمائيداري نظام پنهنجو مدو پورو ڪري سوشلزم کي جنم ڏيندو ۽ اڳتي هلي دنيا ۾ جڏهن سوشلزم اچي ويندو ته سائنس جي بي انتها ترقي سائنسي ڪميونزم کي جنم ڏيندي . پر ان لاءِ انقلاب آڻڻ جي شعوري ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٿيو ائين ته اسان سوشلزم بچائي نه سگهياسين . دنيا انساني مفادن جي بجاءِ مادي ۽ واپاري مفادن ڏانهن مڙي وئي. تاريخ جو ڦيٽو ابتو گهمي ويو . سائينسي ڪميونزم بجاءِ دنيا واپاري گلوبل ٿي وئي . انسان جي هٿ اچڻ بجاءِ چند مافيائن جي هٿ اچي وئي. نتيجي طور ماڻهو جيئڻ لاءِ يا مافيا جو ميمبر ٿئي ، ڪوڙ جو سات ڏي ، مفادن لاءِ سرگردان رهي. يا گمنام ٿي وڃي. ڪنڊ وٺي ڪوڙ جي بادشاهت ڏسي ۽

ڪوڙن ڪائنرن کي سلام ڪري . مخدوم گرهوڙيءَ انهيءَ صورت حال تي خوب چيو هو.

راور ڦري راکاس ٿيندا، مند نہ وسندا مينهن
ڪڏهن ڪڏهن شينهن، سلام ڪندا سهن جو .

مابعد جديديت هڪ معروضي صورت حال آهي ، اها صورت حال خراب آهي يا صحيح آهي قيامت آهي يا ويڙن آهي پر آهي اها معروضي حقيقت .هاڻ جيڪڏهن ڪو اميد پرست آهي تہ اهو چوندو اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي انسان ترقي جي راهہ تي گامزن آهي سائنس جي ترقي تمام گهٽيون سهولتون پيدا ڪيون آهن ۽ مايوسي پسند آهي تہ چوندو انسان تہ تباهہ ٿي چڪو آهي دنيا تباهي ڏانهن پئي ويجي. پر مابعد جديديت جو انهيءَ ڳالهہ سان واسطو ناهي اميد ۽ مايوسي بہ ماركيٽ جي رحم ڪرم تي آهي . جنهن گهر ۾ ڏاڙو لڳي ٿو، جنهن کي گولين جو نشانو بنايو ويو.جنهن جي ذهانت ۽ علم جو مذاق اڏايو ويو هجي، جهگڙي Cunning ماڻهو اڳتي هجن انهن جي واهہ واهہ هجي ان وقت ان ماڻهو کان پڇو تہ اميد ۽ مايوسي ڇا آهي؟ توهان چوندا اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي روز اول کان ائين ٿيندو رهيو آهي تہ بہ دنيا هلي پئي . تہ مان بہ ائين چوان ٿو ائين ٿيندو آيو آهي ۽ سائنس انهيءَ صورت حال کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي . پوءِ توهان ترقي کهڙي ڪئي آهي ؟ بس سوال صرف اهو آهي تہ مابعد جديديت هر سائنسي سهولت کي انسان خلاف استعمال ڪري ٿي ۽ دولت جا انبار گڏ ڪري ٿي .ٿي سگهي ٿو تہ هي ڪو عبوري دور هجي ڪنهن وڏي تبديليءَ ڏانهن دنيا ويجي رهي هجي پر ان ايندڙ تبديلي جو نالو مابعد جديديت نہ هوندو. يقيني طور اهو بحث الڳ هوندو جيڪو تاريخ طئي ڪندي.

. هن ريسرچ ۾ اها ڳالهہ واضح ٿي آهي . مابعد جديديت ۾ هي رجحان عام آهن .

جديديت پچاڻ

1. ڪلچر جو خاتمو Anti Culture
2. تاريخ جو خاتمو Anti History
3. قدرن جو خاتمو crises of value
4. علم ، ڏاهپ، ساڃاھ ۽ سوچ ويچار جو خاتمو
5. عدمِ تعين Unpredictable
6. مسلسل مزاجي جو خاتمو Inconsistency
7. نظرين جو خاتمو
8. فطرت ۽ اصليت جو خاتمو.
9. مافيا جو دور
10. ڪوڙ جي ڪوڙ سان لڙائي.

اهڙي طرح ادب ۾ ماورائي ٽيڪست ، نقلي فن ۽ خيال چوري ڪرڻ (Pastiche) الميئي کي ناول ۾ سينگارڻ ، ذات جي آگاهي جو درد، خيالن جي چريائپ ، وغيره لاڙا موجود آهن .

(HyperReality)

هائپر ريئلٽي اڄ جي دور جي اهم صورت حال آهي، جنهن جي وسيلي نقل ۽ ڪوڙ اصل جي جڳهه وٺندو آهي. پر اهڙي طرح جو اصل پنهنجي صداقت ئي وڃائي ويهي بلڪ سندس سڃاڻپ به نقل جي ذريعي ٿئي. هي رجحان جديديت پڃاڻان جو هڪ اهم ۽ ضروري جز آهي. ڪي چون ٿا ته جديديت پڃاڻان دراصل سرمائيداري جو ٻيون دور آهي . هڪ سورنهين صدي کان 1900ع تائين جو دور هليو، جيڪو پنهنجي مزاج ۾ ترقي پسند هو. ٻيون دور سامراجي دور جيڪو ڪالونائزيشن ۽ جديد آباديااتي نظام جي شڪل ۾ هو. هاڻي ٽيون دور جيڪو پوسٽ ماڊرن ازم جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو آهي. جتي سرمائيداري هوندي اتي استحصال به هوندو ۽ اتي ڪارل مارڪس جو ذڪر به ٿيندو تنهن ڪري اسان ڪارل مارڪس جي هن ڳالهه ڪي ورجائينداسين ته "سرمائيداري نظام جون فضول ڳالهيون جن جو حقيقت سان ڪو به تعلق ناهي اهو آهي فيشن، گلئمر، ۽ اشتهار ذريعي ايجاد ڪي ضرورت جي ماءُ ٺاهڻ." ڪارل مارڪس کي شايد اها خبر نه هئي ته فضول ۽ واهيات پٽو ئي هڪ ڏينهن سرمائيداري نظام جو جياپو بنجندو.

اسان وٽ چوندا آهن، " شاهه کان زياده شاهه جو وفادار" سو هن دور ۾ حقيقت کان زياده حقيقت ئي سماج جو بنياد آهي.

مثال توهان خواب ۾ ڏسو ٿا ته مڃي کي پر آهن اڏامي پئي، توهان جا عضوا مشيني بنجي ويا آهن توهان جا دوست ڪيڙا مڪوڙا بنجي ويا آهن توهان اهڙي ٻکري ڏسو ٿا جيڪا توهان سان ڳالهائي پئي يا وري اهڙي رڍ جيڪا مڃي جي ڏڙ سان پاڻي ۾ تري پئي . توهان خواب ڏسندا ٿا وڃو ، ان ۾ ڪٿي به

گمان نڻو ٿئي ته هيءَ حقيقت ناهي. پر جڏهن جاڳو تا ته مرڪي سوچيو تا چا عجيب دنيا هئي . جي ها ! بلڪل اڄ جي دنيا ان خواب وانگر اٿو جنهن ۾ ڪوڙ ڪٿي به رکجڻ جو نالو نڻو وٺي. توهان به ان خواب جا حصا بنجي چڪا آهيو. هزارين تصور ۽ خيال ، علامتون ۽ استعارا جيڪي پنهنجي اصل کان وڇڙي چڪا آهن. پر اسان جي روزمره زندگي جا اهم جز بنجي چڪا آهن. توهان روز ناشتي ۾ فارمي آنو/ بيدو ته کائيندا هوندا پر جي هڪ ڏينهن توهان کي اصلي بيدو ڏجي ته توهان کوڻ کائي سگهندا توهان کي ان جو رنگ ۽ ذائقو نه وٺندو . جيئن توهان فارمي ڪڪڙ کائيندا هوندا پر اصلي هاٿي توهان کي نه وٺندو. توهان کير روز پيئندا هوندا پر جي توهان کي کانگاري مينهن جيڪا جنهگ ۾ چرندي هجي ان جو کير ڏجي ته توهان کي نه وٺندو.

ڇو ته سرمائيداري جو مسئلو هاڻ پيداوار نه بلڪ نقلي پيداوار پيدا ڪرڻ آهي جنهن جو بنياد جينيٽڪ کوڊ تي رکيل آهي. جنهن ذريعي Hybrid پيداوار تيار ڪئي وڃي ٿي. توهان هاڻ اصلي ٻج ڳوليو ته بازار ۾ کوڻ ملندا. بلڪ اصلي ٻج زميدار وٺندو به کوڻ . هاٿي چانور، ڪڪڙ ، سبزي، سرنهن ، سن فلاور، ڪيلو مطلب ته زمين ۾ کنهن به هاري وٽ هاٿي اصلي ٻج رهيو ئي ناهي. هاٿي هاري ۽ زميدار خوشيءَ سان نقلي ٻج خريد ڪري ٿو. ڇوته فاعدو به ان ۾ آهي. توهان هاٿي امريڪن نقلي بادامیون وٺندا آهيو. اصلي بادامي توهان کي نه وٺندي ، توهان بصر، ٽماٽا ، انب، ڪڪڙ ، وغيره ته کائي وٺندا آهيو. پر هاڻ ڳالهه صرف اتي نٿي بيهي. بلڪ ڪردار به بدلجي نقلي ٿي پيا آهن مثال کو ڊاڪٽر جيڪو واقعي ئي سچو هجي اهو هڪدم نه اينٽي بايوٽڪ ڏيندو، نه سئي هٽندو پوءِ مريض ان وٽ نه ويندو. ڇو ته بازار ۾ اهڙي ڊاڪٽر جو ڪردار تخليق ڪيو ويو آهي جيڪو جهٽ پٽ ۾ ٽيڪ ڪري سئي هٽي کا ڳري اينٽي بايوٽڪ ڏئي ۽ ڳري فيس وٺي . مريض ان مان خوش آهي.

ڇو ته سڀي ڊاڪٽر جو تصور اهو پيدا ڪيو ويو آهي ته ڳري فيس وٺي ۽ جلدي ٺيڪ ڪري . هاڻ اسان ان تصور جي پوئواري ڪريون ٿا جو توهان ڏسندا ته نقلي ڊاڪٽر وٽ ۽ جعلي پير وٽ رش گهٽي ملندي اصلي وينو هوندو . يعني هن سماج ۾ حقيقت جي شڪل يا پاڇي سان گڏ رهڻ اهم آهي بجاءِ ان جي جو حقيقت جو حصو بنجي.

هائپر ريئلٽي جو دائري ان وقت وڏي ٿو وڃي ٿو جڏهن ميڊيا اسان جي زندگي جو لازمي جزو ۽ اهم حصو بنجي ٿي. هاڻي ميڊيا طئي ڪندي ته ڪهڙا اهم مسئلا آهن ڪهڙا ليڊر آهن ، دانشور ڪهڙا آهن، وري سڀ ۽ خراب جو تعين به ميڊيا ڪندي.، مثال جيڪڏهن ڊرامي ۾ سس ۽ نهن جو ڪردار ڏيکاريو وڃي ٿو ته عين ممڪن آهي ته اصلي زندگي ۾ عورتون پاڻ کي ان نقلي ڪردار ۾ وجهي سازشون ڪرڻ لڳن. جيڪڏهن ڊرامي ۾ ڏيکاريو وڃي ته مثالي مڙس اهو آهي ته زال سان ڪچن ۾ ڪم ڪري ۽ روز زال کي گهمائي شاپنگ ڪرائي ڪيس مخصوص طرح پيار جو اظهار ڪري ته اسان جي سماج جي زال به مڙس مان اها ئي توقع رکندي يا فرمائش ڪندي جيڪڏهن مڙس ائين نه ڪيو ته شادي ممڪن آهي ته ناڪام ٿئي.

هڪ مثالي پيءُ جو ڪردار به ميڊيا طئي ڪندي ته هو روز ٻارن کي ميڪڊونالڊ يا کي ايف سي جا برگر کارائي ڪين موبائل فون نوان نوان وٺي ڏي ، رشوت جي پئسن مان پٽ کي موٽر سائيڪل يا ڪار وٺي ڏي هڪ الڳ ڪمرو ڊجيٽل سولهتن وارو ٺاهي ڏي پنهنجي اولاد کي لو مئريج ڪرڻ جي اجازت ڏي . زال جون ماريون کپڙن مان پري ڇڏي. هاڻي جيڪڏهن ائين نٿو ڪري ته پوءِ اهو پيءُ ناڪام آهي. پلي هو پنهنجي اولاد سان ڪيترو به پيار ڪندو هجي پر مادي شيون جيڪي مارڪيٽ ۽ ميڊيا ڏيکاري ٿي انهن جي نمائش ڪرڻ جا موقعا نٿو ڏي ته اهو پيءُ ظالم آهي. هاڻي نقلي پيءُ ڪپي

جيڪو مارڪيٽ ناهيو آهي، نقلي مڙس ڪپي جيڪو ڊرامن ناهيو آهي. هاڻي زال بہ نقلي ڪپي جيڪا مونا ليزا جهڙي مرڪ رکي ، ڪترينا ڪيف جهڙي سيڪسي ۽ چنچل هجي، جيڪا وار ڪولي جينز جي پئنٽ پائي ڪنن ۾ وڏا والا وجهي ڊگهي ڪار ۾ توهان سان گڏ ڊگهي ڊرائيونگ تي هلڻ جي فرمائش ڪري. . سندس سندرتا ۽ جواني جا جلوا ٻيا ڏسي جنسي آهون پرين توهان ان جو هٿ جهلي هيرو وانگر هليا ويو . هاڻ اصلي زال نہ ڪپي جيڪا شرافت جي لباس پائي توهان لاءِ گهر ۾ دعاگو هجي جيڪا گهر سنواري ، ٻارن جي تربيت ڪري ، عزت پاڪ دامني جو مجسمو هجي اها زال ڪنهن کي بہ پسند ناهي. اهڙي زال هوندي ڪنهن ڪنڊ ۾ پئي هوندي. تنهن کان پوءِ ميڊيا توهان کي سيکاري ٿي تہ اصلي پيار نہ ڪريو. شين وارو پيار ڪريو. تحفا ڏيو. ڊيٽنگ ڪريو . گرل فرينڊ ناهيو. بواءِ فرينڊ ناهيو. بلڪ نقلي ڪردارن جو جياپو انهيءَ ۾ آهي تہ پلي بواءِ يا پلي گرل هجي. پيار جو اصلي تصور گم ٿي ويو آهي. هاڻ هڪ ٻي کي قُرباني ۽ ڊيٽنگ ڪريو. فلمي پيار ڪريو. سيڪس جي هوس کي پيار سمجهو. روح کان عاري ٿيڻ وجو.جديد پڇاڻان جي سماج اسان کي مڪمل گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

هن نظام کي بودريلارڊ (Jean Baudrillard) پنهنجي ڪتاب From Marxism to Post Modernism ۾ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهائيندي چوي ٿو تہ جهڙي طرح ڪنهن ڊرامي سيريل ۾ ڪو ڊاڪٽر جو ڪردار اهڙو خوبصورتي سان نبائي جو عين ممڪن آهي تہ توهان انهيءَ کان پنهنجو علاج ڪرائڻ پسند ڪرايو. يا وري ڪو ولين جو ڪردار اهڙو ادا ڪري جو توهان ان کي ڊان سمجهو. يا وري ڪو سياستدان يا ڊان اهڙي انداز سان عوام سان همدردي ڪري انهن جي مسئلن تي ڳالهائي جو توهان انهيءَ کي حقيقي اڳواڻ سمجهو جيتوڻيڪ اُهو اصل ۾ ڊان هجي .

معنيٰ ڪردار بدلجي ويا آهن ، اسان جا سياسي ليڊر ڏسو مداري وارو کيل اهڙو ڪندا آهن جو ويچاري عوام انهن جي سحر ۾ گم ٿيو وڃي يا وري کا اهڙي اداڪارا فحاشيءَ جو اهڙو بيڙو نمونو هجي پر ميڊيا ان کي اهڙو ساراهي جو عوام ان جي مدا ٿي پوي ۽ ان کي پنهنجو آئيڊيل اهڙي ئي عورت ٿي پوي. نقلي ڪردارن جي عجيب ماورائي دنيا آهي .سماج ۾ اسان کنهن جي ساک کي ،سچائي کي ، ايمانداري کي جاڻن بجاءِ اهو ڏسندا آهيون ته وٽس کيترا بنگلا آهن، ڪهڙي ڪار اٿس ، موبائل فون ڪهڙي اٿس؟ رشوت واري نوڪري اٿس يا نه ، حرام جو مال جام اٿس يا نه جي آهي ته پوءِ واه واه هاڻي اهو معزز ماڻهو آهي ، انتهائي شريف ۽ وڏو ماڻهو آهي. اصل ۾ جيڪو شريف ۽ معزز ماڻهو هوندو اهو اسان کي بيوقوف لڳندو. ڇو ته توهان نقل کي اصل سمجهڻ لڳا آهيو. مارڪيٽ جو پيدا ڪيل تصور ئي حقيقت کان مٿانهين حقيقت بنجي ڇڪو آهي.

ڪوڙ جو چرچو ايترو آهي جو ماڻهو هاڻ اصلي شيءَ ۽ نقلي شيءَ ۾ تميز ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي. ننڍي هوندي هڪ ڪهاڻي پڙهندا هئاسين ته هڪ ماڻهو ٻڪري وڻي گوٺ وڃي رهيو هو.رستي ۾ هڪ همراه مليس جنهن چيس ته هي ڪتو ڪيڏانهن وڻي پيو وڃين؟ تنهن تي همراه چيس ته انڌو آهين ڇا؟ هي ته ٻڪري آهي. اڳتي هليو ته هڪ ٻيو همراه مليس سلام دعا کان پوءِ پڇيائينس ته هي ڪتو ڪيڏانهن پيو وڻي وڃين؟ تنهن تي همراه پنهنجي ٻڪري ڏانهن نهاريو ۽ چيائين ته ادا غور سان ڏس هي ٻڪري آهي. وري اڳتي هليو ته ٽيون همراه مليس جنهن چيس ته ادا ڏي خبر هي ڪتو ڪيڏانهن وڻي ٿو وڃين؟ همراه پريشان ٿي ويو ۽ ڪٽي ٻڪري مان هٿ ڪڍيائين چيائين برابر آئون غلط آهيان. سو بلڪل اهڙي طرح اسان کي حقيقت کان پري ڪيو وڃي ٿو جو اسان ڪوڙ کي سچ سمجهي خوشيءَ سان قبول ڪريون ٿا.

هاڻي اديب، دانشور، عالم، مولوي ، وڏيرو، سڀ نقلي اڇي ويا آهن جنهن جي هلندي پڃندي سڀي هوندي جيڪو جڳاڙ وڌيڪ ڪري سگهي ٿو ان کي وڏو اديب ،دانشور سمجهيوويندو.دريدا چيو هو ته :

To pretend, I actually do the thing: I have therefore only pretended to pretend.

نقلي دنيا ۾ به نقل ڏسندي دريدا اهڙن ويچارن کي ونڊيو پر دريدا صرف نظرين ۽ لفظن جي جنگ ۾ نه پيو هو عملي ماڻهو هو. هن کي خبر هئي ته زندگي ڪلچر ۽ حواسن جي تجربي جو مجموعو آهي. ان ڪري اڪثر چوندو هو "

"I am applied derrieda "

هائيپر ريئلٽي ۾ اديب هڻڻ لاءِ ادب تخليق ڪرڻ ضروري ناهي ، دانشور هڻڻ لاءِ علم جي ضرورت ناهي بلڪل ائين جيئن شريف بنجڻ لاءِ شرافت جو هڻڻ ضروري ناهي . بلڪل ائين جيئن طوائفون گڏجي جسم فروشيءَ خلاف مظاهرو ڪن. بلڪل ائين جيئن ڪرپٽ يا قبضہ گير سياستدان ملڪ ۾ ڪرپشن خلاف تقرير ڪري.

مثال ثقافتي ڏينهن ملهائڻ اڄ ڪلهه فيشن شو ، فوٽو سيشن آهي. ٽي وي جو بزنيس آهي. جيئن ڪنهن زماني ۾ ماڻهو بندوق ڪچهي ۾ وجهي فوٽو ڪيرائيندو هو. سو اڄ ڪلهه ٽوپي اجرڪ پائي ماڻهو فوٽو ڪيرائي ٿو. هاڻي نقل ئي اصل جو تعين ڪندو. توهان سوچيندا ته اصلي کهڙو نقلي کهڙو؟ اهو ممڪن آهي ته توهان هڪ ڏينهن موريءَ جي پاڙ ڪيلو سمجهي کائو يا روح افزا چانهه ۾ وجهي پيئو يا بٽڻ قميض جي بجاءِ ڪنن ۾ ٽاڪيو. يا جوتو

پيرن جي بجاءِ شو پيس ڪري مٿي ٽنگھيو. بلڪل ائين جيئن ڪو ٺيڪيدار پنھنجي زال بيروڪريٽ کي پيش ڪري ٺيڪو وٺي يا مرد مرد سان شادي ڪري ۽ عورت عورت سان شادي ڪري. جنسي مزا وٺي، بلڪل ائين جيئن ڪو رٽائرڊ ڪامورو رٽائرڊ ٽيڻ ڪان پوءِ وڏيڪ پاور ۾ اچي ۽ ڪنھن اداري جو سربراھ ٿي پوي. يا جماعت اسلامي اوچتو سوشلسٽ انقلاب جو نعرو ھڻي.

آھي نہ خوابن جي دنيا. !!!

بودريلارڊ چيو ھو تہ جڏھن سماج جو بنياد Hyper reality ھوندو آھي تہ پوءِ صرف تصورن جي ڪائنات، اھميت رکندي آھي.

ڪنھن بہ سماج جو بنياد مرڪزي صداقت ھوندي آھي. جديديت پڃاڻان انھيءَ صداقت کي ٽوڙي مروڙي اڇلائي ڇڏيو آھي. ھاڻي نقل جي لڙائي نقل سان ٿي رھي آھي.

ڇا واقعي اسان جديد دور کي خير آباد چئي چڪا اھيون ، ھاڻي صرف مارکيٽ جي تخليق ٿيل صداقت ئي ملندي. جنھن جو نظريي يا فطرت سان ڪو بہ تعلق نہ ھوندو.

اھو اڄ جو اھم سوال آھي. جنھن تي سوچڻ جي ضرورت آھي.

ڪاري مسخري

(Black Humor)

جديديت پچاڻان دور جو هڪ اهڙو رجحان جنهن ۾ ڏکن ، اذيتن، بيمارين، آفتن ۽ موت کي به ڪمرشلائيز ڪيو ويندو آهي. انسان جي پوڻا کي مذاق بنائي مسخري جي نئون انداز متعارف ڪرايو ويو. هي رجحان پهرين ادب ۾ نروار ٿيو. آهستي آهستي سماجي بنجي ويو. اڄ جي دنيا جا عجيب ڪيل تماشا توهان روزمره زندگي ۾ ڏسندا آهيو. توهان ڏٺو هوندو ته ڪو بيمار ٿي اسپتال ۾ داخل ٿيو ته اخبار ۾ مشهوري ايندي. دعا جي اپيل!! وري اسپتال ۾ جيڪي پڇڻ ويندا ته اتي رجسٽر ۾ نالا لکيا ويندا ۽ پنهنجا تاثر به لکندا. جيڪڏهن اهو بيمار اديب يا فنڪار هوندو ته پوءِ وري ثقافت ڪاتي تي گار جي ڏرٽي پئي هلندي. . نيٺ ثقافت ڪاتو به ڪجھ پئسا ڏئي جان ڇڏائيندو. جي همراھ نٿيڪ ٿي ويو ته وري اخبار ۾ ليک ڏيندو ته جن دعائون ڪيون يا پڇڻ آيا انهن جي مهرباني. ڇو ته مشهور ٿيڻ جو اهو آسان نسخو آهي. ڳالھ ايڏا به اڳتي جي آهي. توهان اڪثر اخبارن ۾ پڙهيو هوندو ته "اسان جو چاچا مرحوم جو ٽيجهو آهي شريڪ ٿي ثواب حاصل ڪندا" يا وري مرحوم جي مرتيي کي ڪيئن ڪيش ڪرائجي ان لاءِ وڏا پروگرام ڪرايا ويندا. انهيءَ جي خدمتن تي وڏا مقالا پڙهيا ويندا. ممڪن آهي ان جي نالي پٽيان ڪا اڪيڊمي قائم ڪجي.

ملالا کي گولي لڳي ان ٽرجڊي کي مارڪيٽ زبردست ڪيش ڪرايو. ڪنهن قاتل کي ڦاهي آئي ته هڪڙي گروه ان تي وڏو ڏندو ڪيو اربين روپيا گڏ ڪيا

جديديت پڃاڻان

چون ٿا ان جي مزار ٺهندي. مقتول کهڙي در دانهي؟ دنيا کي ته اهڙا ڪردار ڪپن ، جيئرا يا مردا!! ته مارڪيٽ ۾ هڪ نئون تصور هلي .

اها اٽو بليڪ هيومر يا ڪاري مسخري. جو ته ڏک ۾ سک ، ظالم يا مظلوم . سچ ۾ ڪوڙ سڀ ماضي جون ڳالهيون آهن هي ته جديديت پڃاڻان جو دور آهي هن ۾ ضد ختم آهن. سڀ ڪجهه جائز آهي. سڀ وهنوار آهي. ميڊيا انهيءَ بليڪ هيومر کي وڏي هٿي ڏني آهي. توهان ڏٺو هوندو ڪنهن چوڪريءَ سان ريپ ٿئي . ميڊيا لاءِ بريڪنگ نيوز ٺهيو پوي. ان کي ڪئمرا اڳيان ويهاري ان جون وڊيو ڪلپس، انهن جي پائرن پينرون جا تاثر ، جذباتي منظر ايارٽ. ۾ فيمينسٽ عورتن جو احتجاج. ميڊيا جو ڏندو اڪٽي هلي پوندو تان جو ڪو منسٽر اچي ڪو پئسو پنجڙ ڏيندو. پيو ته ٺهيو اهو پوڙهو توهان ڏٺو هوندو جيڪو پٽ يا نياڻي ڪلهي تي رکي هوڪا ڏيندا آهي "پٽ ويڪو" ٽي وي ان جي وڊيو هلائيندي. ماڻهن ۾ جذباتي اٽل پٽل پيدا ٿيندي " مار!! ڪيڏي غربت آهي؟ ماڻهو پنهنجا ٻچا پيا وڪڻن .!! اها آهي بليڪ هيومر ته ڙجئبي ، ڏک جي چٽر اڏائڻ ، درد کي مسخري بنائڻ .

هاڻي وري توهان کي پيو مثال ڏيان، ٿورو غور ڪجو ... سنڌ ۾ ٻوڏ آئي، دريا ۾ چاڙهه ٿيو، پنجاب ٻوڙيندي ٻوڏ سنڌ ۾ آئي. وڏيرن بند ٽوڙيا، هر طرف پاڻي لاش ترندي نظر آيا، ميڊيا وارن انهيءَ المي کي ڏاڍو سيليبريٽ ڪيو. ۾ خوب ڪمايو. اثرائي وڊيو پرائڻ لاءِ ماين کي سامان مٿي تي سامان رکائي ٻار ڪچن ۾ ڏيئي فوٽو ڪڍيا ويا ، وڊيو پري وئي ته جئين جذباتي ماحول پيدا ڪجي . هوڏانهن وري اين جي اوز وارن جي عيد ٽي ويئي. سياسي پارٽين وري الگ ڪئمپون لڳايون. ماڻهن ۾ سامان ، پئسا ، اٽو لٽو ورهايو ويو ايتري قدر جو ماڻهو ڪم ڪار ڇڏي امداد جي پٽيان ڪاهي پيا. پوءِ وري وطن ڪارڊ مطلب ته عام ماڻهو پينو فقير ٽي پيو. هن ٻوڏ ۾ ماڻهو پلي ڪيترا مٿا ماڻهو

دربدر ٿيا مالي نقصان ٿيو پر هن ہوڏ کي خوب سيليبريٽ ڪيو ويو. خوب ڪمايو ويو. وڏيرن وٽ نيون وڏيون گاڏيون اچي ويون. بنگلا ٺهي ويا. ٽي وي وارن خوب ڪمايو. اين جي اوز جي ته چاندي ٿي ويئي. اهو آهي بليڪ هيومر. گذريل سال ماڻهو ہوڏ جو انظار ڪندا رهيا. ماڻهن اڳ ۾ ٽيڪر ، ٽريڪٽر تيار رکيا هئا ته دريا رڳو چاڙهه ڪري ته ہوڏ آڻڻ اسان جو ڪم آهي.

انهن ڏينهن ۾ هڪ شاگرد مون وٽ آيو چيائين سائين غريب ايترو آهيان جو فيس جا پئسا ناهن نٿو پڙهي سگهان چا ڪريان؟ مون کيس هڪ دفتري جو ڪوڪو ڏنو چيائين هي چا آهي؟ ترس بابا ... هڪ اڇي پٽي ان کوکي تي لڳائي ڏني مانس جنهن تي لکيل هو. " ہوڏ جي متاثرن جي واهر ڪريو" پاڻ سمجهي ويو. شام جو آيو ته وٽس سادا چار هزار هئا 25 سئو فيس جا ڏنائين باقي وڃي گندي ڪپڙو ورتائين. مون چيومانس تون جي پڇندو هئين نه ته بليڪ هيومر چا آهي؟ اهو اٿئي بليڪ هيومر معنيٰ دردن کي ڪيش ڪرايو عذابن کي ڪمرشلائيز ڪريو، موت تان به چٽرون ڪريو. توهان سوچيندا ته اهو سڀ ڪجهه صحيح آهي يا غلط ته جناب صحيح يا غلط جو تصور وري ڪٽان اچي ويو. جديديت پڃاڻان انهن ڳالهين کي مڃي ٿي نٿي.

جڏهن ٽر جي ٽوهر کي اديبن پنهنجي زندگي سان تشبيه ڏيندا هئا ته اهو رجحان ايترو وڌيو جو ٽوهر اچي بدنام ٿيو. پوءِ ٽر گلئمرائيزڊ ٿيو . ٽر وارا ماڻهو غربت ۾ ورتل ڦاٽل ڪپڙا، پاٽيءَ جي ڳولا ۾ ٻڪندڙ ٻار، انهن جون جهوپڙيون، بيماريون عورتون ۽ ٻار بک ۾ ورتل ۽ بدحال انهن کي واپاري دنيا ڪيش ڪرايو. هتان جا سير ڪندڙ ماڻهو ، اين جو اوز ۽ ميڊيا کي اچي روئشو ٿيو. فوٽو ڪيرائڻ ۽ فيس بڪ تي ڏيڻ ، انهن جي نالي تي استال لڳائڻ، ناٽو ڪمائڻ، مطلب هڪ نئون واپار شروع ٿي ويو. ٽر ميڊيا کي جيئاري ڇڏيو. وڏي سياستدان ، اديب، سماج سڌارڪ ته ٽر جا چڪر لڳائي خوشي ۾ نه پيا

ماپن . هاٿي تہ اتان جا ٻار روڊن تي بينا انتظار ڪندا اهن تہ ڪار وارا پاٿي جي بوتل تہ اڇلائي ڏيندا. ۽ وري پنهنجي خوبصورت دوري کي فيس بڪ جي زينت بنائيندا. اڄا ڪاري مسخري سمجهہ ۾ نہ آئي تہ هڪ ٻيو مثال توهان کي ڏيان ٿو.

ٻلا توهان قرباني واري ڏڪي کي ڏنو هوندو جيڪو ست ماڙ تان ڪرين ذريعي لاٿو ويندو آهي. يا اهڙو ڏڪو جنهن جي قيمت ادائي لک هوندي آهي ڪيس سينگاري ٽي وي تي ڏيکاريو ويندو آهي. يا ٻلا کو ڪرپٽ ڪامورو توهان ڏنو هوندو جيڪو هر سال حج تي ويندو آهي. سوين ماڻهو ان کي گلن جا هار پارائيندا، سوڇيو ٿورو ٻي طرف لکين ماڻهو بکون ٻيا ڪاٽين اسپتالن ۾ بي يار و مددگار ٻيا آهن علاج جا پئسا کونهي. . وري مٽان سئو ديڳيون رئيس لاهي پنهنجي واهہ واهہ ڪرائيندو .

ڪارو مذاق اهو بہ آهي تہ اڳ پاڪ دامني ، عزت حياءَ سڻا گڻ سمجهيا ويندا هئا. هاڻ جيترو بدنام عورت يا مرد هجي، جيترو فحش هجي ايترو عزت جي لائق آهي ان سان شادي لاءِ سوين ماڻهو ٻيا آڇون ڪندا. توهان ڏسو طوائفيت هڪ بهترين عزت دار پيشو ٽي چڪو آهي. فن ۽ اداڪاري جي نالي ۾ جنسي فحش نگاري کي ڪيتري اهميت آهي. ڪاري مسخري اها آهي تہ اهميت ۽ عزت بہ ان عورت جي آهي جيڪا جسماني نمائش ڪري باقي حياءَ دار پاڪ دامن عورت سماج کي قبول ئي ڪانهي.

هاٿي ڪراچي ۾ روز ماڻهو ٽي وي دير تائين ڏسندا آهن. انهيءَ ڪري آهن تہ ڪا بريڪنگ نيوز هجي متان ڪو بم ڦاٽو هجي، يا دهشت گرد شهر بند ڪن تہ سياٽي موڪل ڪجي ۽ ويهي گهر ۾ دهشت گردي کي سيليبريٽ ڪجي. تازو ڪراچي ۾ اهڙا واقعا ٿيا جو باهہ لڳي 250 ماڻهو سڙي مري ويا بس جو ايڪسيڊنٽ ٿيو 150 ماڻهو سڙي مري ويا. ميڊيا کي برڪينگ نيوز ملي.

سياست ڪارن کي سياست چمڪائڻ جو موقعو مليو. ڏک ڇا آهي ، اذيت ڇا آهي ڪيترا ماڻهو مڻا انهن جي پوين جو ڇا ٿيو؟ رودِ ڇو خراب آهن؟ ڀڄت ڪيڏانهن ٿي وڃي ان سان ميڊيا جو ڪو تعلق ناهي.

سنڌ سڄي سورن ۾ آهي. قبضہ گير، مذهبي فرقہ بندیون ، داڙا ڦرون ، بي روزگاري، ڪرپٽ وڏيرا هاڻي صرف خبر بہ نہ رهيا آهن، ڇو تہ عوام کي تاڙيون وڄائڻيون آهن، نعرا هڻڻا آهن. ميڊيا تي مفت ۾ ڪم ڪندڙ صحافي روز اشوز پيدا ڪن ٿا. خبرون ناهين ٿا ، لاشن جون تصويرون پري صبح صبح ٽي وي تي ڏيکارين ٿا. اهو هاڻي روز جو معمول آهي. ڏک ڳوليو، تباهي بربادي ڳوليو اذيتون ڳوليو ۽ انهن تي واپار ڪريو. انهن کي سيليبريٽ ڪريو. اها آهي ڪاري مسخري.

جديديت پڃاڻان جو دور اهو آهي تہ درد ونڊيو نہ پر انهن جي مشهوري ڪريو. ڏکن تي روئڻ يا ماتم ڪريو تہ ٽي وي وارو فوٽو ڪيڊنس . ذلت جي مشهوري ڪريو، المين جي نمائش ڪريو. ۽ ناٽو ڪمايو پنهنجي ناما چاري ڪريو. اجهو بم ڦاٽو اچو تہ سيليبريٽ ڪريون.

جديديت پڇاڻان ۽ صوفي مت

(شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۽ پيش منظر ۾)

بي مهاياري لڙائي_دوران دنيا ۾ تمام وڏي تباهي ٿي، ڪروڙين انسان موت جي منهن ۾ هليا ويا ۽ دربدر ٿيا ، اذيت ۽ ويڇاڻپ جو ايترو شڪار ٿيا جو ماڻهو جو انسان ۽ سماج تان ويساه کڄي ويو . انهيءَ دوران وجوديت پسندن نعرو بلند ڪيو ته " وجود جوهر کان اڳ آهي " بلڪ جوهر آهي ئي ڪونہ . يعنيٰ انسان صرف بي معنيٰ وجود آهي .زندگي بي معنيٰ بنجي رهجي ويئي. هوڏانهن 19 صدي ۾ فيڊرڪ نيٽسي اڳ ۾ نعرو لڳايو ته." پڳوان مري ويو" هاڻي انسان اڪيلو آهي ان ڪري پاڻ ڪي ئي پڳوان ٺاهيو ڇو ته هاڻي ڪابہ مدد (Fernando de ڪانہ ايندي . .اسان کي انهيءَ سلسلي جي ڪڙي سوسئسر وٺ ملي ٿي . جنهن ڇيو ته لفظن کي ڪابہ معنيٰ ناهي ، لفظ (Saussure پنهنجي معنيٰ لاءِ مخصوص ساخت جا محتاج آهن . اهڙي طرح لفظن جو معنوي پهلو پنهنجي ضد ذريعي سجاڻپجي ٿو . مثال رات جو ضد ڏينهن ، اڇي جو ضد ڪارو ، خير جو ضد شر . جيڪڏهن ضد نہ هجن ها ته ڪابہ جو نظام Binary opositesسجاڻپ نہ ٿي سگهي ها تنهن ڪري سوئيسر Rolandرولينڊ بارٿس متعارف ڪرايو. انهيءَ بنياد تي ادبي نقاد Barthes اعلان ڪيو ته: The text is tissue of quotations drawn from the innumerable centers of culture.[11]

---

[11] K.M Newton, Twentieth Cen tury's Literary Theory;London Macmillan 1997 page 98

مطلب تہ ڪوبہ متن۔اديب جي ذات سان وابستہ ناهي بلڪ اديب جي ذات ڪا نئين شيءَ نٽو ڏي بلڪ هو بہ ڪلچر ۾ موجود نشان ۾ علامتن کي ترتيب ڏي ٿو . رولينڊ بارٿس ليکڪ جي موت جو اعلان ڪندي چيو تہ ليکڪ هڪ جديد شخصيت جو نالو آهي جيڪو اسان جي سماج جي پيداوار آهي . جيڪو سرمائيداري دور جي پيداوآر آهي . ان کان پوءِ زاڪ دريدا آيو ، جنهن سئسس ڪتاب "Of Grammatology" ۾ رد ساختيات جو نظريو ڏنو هن سوسئر جي ان خيال تي تنقيد ڪئي تہ Binary Oppositionذريعي اسان Signifiedجو تصور قائم نٿا ڪري سگهون ، چو تہ ڏينهن جي تصور سان رات جو اڪيلو تصور نہ ايندو بلڪ ان سان جڙيل تصور بہ ايندا مثال ، اونڌائي، ڪاراڻ، اڪيلائي ، ننڊ، ڪتن جي پونڪ ، خاموشي ، وغيرهہ وغيره جا تصور جڙيل آهن انهيءَ ڪري لفظ جي معنيٰ آهي ئي ڪو نہ. رد ساختيات انهيءَ ضدن جي بنياد کي رد ڪندي دنيا جا موجوده تصور بہ ختم ڪرڻ ٿي چاهي . ضد اصل ۾ شين متعلق قائم صورتن کي هٿي ڏين ٿا . مثال عورت جي تصور سان ڪمزور، نازڪ، جنس ، لذت ، جذباتي ، بي عقل جهڙا تصور اچن ٿا. جيڪي تصور ڪنهن هڪ جو غلبو ظاهر ڪن ٿا . انهيءَ ڪري ساختيات پڇاڻان انهيءَ ابتڙن جي تصور کي ئي ٽوڙڻ ٿي چاهي. پر ساختيات پڇاڻان انهيءَ سان گڏ شين جي باهمي رشتي کي بہ ٽوڙي ڇڏي ٿي . جنهن ڪري لامرڪزيت (Decentralization) جو تصور جنم وٺي ٿو. جنهن سان انارڪي پيدا ٿئي ٿي. اسان ڏنو تہ ساختيات ۾ رد ساختيات وجوديت جي گود مان ڦٽي نڪتيون آهن جن ۾ يڪسان ڳالهہ اها آهي تہ شيون پنهنجي معنيٰ وڃائي ويٺيون آهن بلڪل انهي بنياد مان جديديت پڇاڻان ڦٽي نڪتي .

جديديت پڃاڻان

Modernism-Post جديديت پڃاڻان جي حتمي کاڀ وصف ناهي پر بقول Joseph Stieglitz جي تہ مابعد جديديت ۾ گلوبلائزيشن هڪ سکي جا ٻہ پاسا آهن . نوم چومسکي گلوبلائيزيشن کي امريکي vision جو اڻ ٽر حصو قرار ڏنو ، هن چيو تہ جديديت پڃاڻان جا ڪجھ حصا انساني سمجھ کان بالاتر آهن.

ڪجھ دانشورن جو چوڻ آهي تہ جديديت پڃاڻان جديد ٽيڪنالوجي جي پيدائش آهي. انهيءَ پيش منظر ۾ اسان جديديت پڃاڻان جا ڪجھ بنياد هن ريت سمجهي سگهون ٿا .

جديديت	مابعد جديديت
.1 مرڪزيت	لامرڪزيت
2. آئڊيالاجي	انارکي
3. نيچرل ڪلچر ۽ قوم	ٽيڪنو ڪلچر
4. تاريخ	روزاني جي تاريخ
5. سچ ۽ ڪوڙ	win= win

ٿورو اسان غور ڪنداسين تہ جديديت پڃاڻان جو بنياد لامرڪزيت تي رکيل آهي .زندگيءَ جي معنوي ۽ مقصدي پهلو ئي يڪجا ڪري جوڙي سگهي ٿو. جيڪو سري کان هن نظام ۾ غائب آهي ان کان پوءِ نظريو مرڪزيت جو بنياد هوندو آهي . جديديت پڃاڻان نظريي کان انڪار ڪري ٿي بلڪ سند نعرو آهي "Think Globally and act locally" گلوبلائيزيشن دراصل سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ جو نعرو آهي . جڏهن تہ کارل مارڪس جديد سائنس ٽيڪنالوجي جي ايرڻ کان پوءِ سائينٽفڪ ڪميونزم جو نظريو ڏنو هو . سائنٽيفڪ ڪميوزم جي جڳهہ تي گلوبلائزيشن ۽ جديد پڃاڻان جو دور اچي

ويو . جيڪو سامراجي مفادن ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي هڪ هٿي لاءِ سازگار آهي .

جديديت پچاڻان جي پٺيان امريڪي نظريو وليم جيمز جو نظريو نتيجي پرستي ۽ آهي. جيڪو امريڪن پنهنجي واپاري مقصدن لاءِ جوڙيو هو جديديت پچاڻان ٿيوري آف رليٽيوٽي کي ۽ خوب استعمال ڪيو . جنهن جو مقصد هو ته ڪابه شيءَ فارمولائيز ناهي ، نه وري خاطري سان مرڪزي حثيت رکي ٿي ، بلڪ ڪابه شيءَ پنهنجا ڪيترا نتيجا ڏئي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري هڪ شيءِ يا ڪو عمل هڪ جڳهه تي غلط نظر اچي ٿو، ته عين ممڪن آهي ته اهو ٻي جڳهه تان اهو عمل صحيح نظر اچي . معنيٰ دنيا فارمولائيز ناهي بلڪ رينڊم آهي . نتيجو اهو نڪتو ته غلط ۾ صحيح جا معيار ختم ٿي ويا . ڪارل مارڪس چيو هو ته ڪابه شيءَ نيوٽرل ناهي هڪ ڪي ڪٽڻو آهي ته ٻي ڪي هارائڻو آهي . هڪ غلط آهي ته ٻيوصحيح آهي پر پوسٽ ماڊرن ازم چئي ٿو win + winپنهي ڪي ڪٽڻو آهي.

جديد دور ۾ عقل ۾ تجربي جي بنياد تي سائسي علم پروان چڙهيا ،جنهن بنياد تي ڪارل مارڪس معروضي حالتن کي انتهائي اهم قرار ڏنوهو. انسان جو رويو، معاشي حالتون ، اخلاقي حالتون، سماجي حالتون سيئي معروضي حالتن جو عڪس آهن. پر جديديت پچاڻان بلڪل "U" ٽرن ورتو ته انسان جون تمام سرگرميون موضوعي حالتن جو عڪس آهن. مثال: اسٽيون ڪوي(Stephen R Covey) چيو هو :

"I am not a product of my circumstances. I am a product of my decisions."[12]

مطلب تہ سوچ بدلايو تہ دنيا بدلجي ويندي .

سنڌي سماج تي جديديت پچاڻان جا اثر :

سنڌ موجوده دنيا جي صورتحال سان ڳنڍيل آهي ، دنيا کان الڳ ٿلڳ ناهي . تنهن ڪري جيڪڏهن دنيا مان اخلاقيات ، مرڪزيت، سچائي ختم ٿئي ٿي تہ سنڌ ۾ وري ڪٿان رهندي ؟ پلي اسان صوفي هجون ، پلي سنڌ صدين کان صوفين جي زير اثر رهي هجي پر سنڌ مو جوده دنيا سان بہ ڳنڍيل آهي .

ان کان علاوه سنڌ ۾ جڙتو اشو وڌيڪ پيدا ڪيا وڃن ٿا . ڏارين آبادي کي سنڌ ۾ آباد ڪري سنڌي روايتن کي ختم باغيانہ ۽ چڑواڳي ڏانهن ڌڪيو وڃي ٿو . ان ۾ اسان جا وڏيرا ، ميڊيا ، سياستدان ، ايجنسيون ، ۽ ويڪائو دانشور برابر جا شريڪ آهن .

دنيا ۾ ڪو بہ ظلم ٿي رهيو هجي ۽ صوفي خاموش رهي ۽ در گذر ڪري اها صوفي مت جي روايت ناهي [Sufi is for social justice] . صوفي مت امن خاطر گلو گهٽائڻ جو مشورو نٿو ڏئي . انهيءَ ڪري شاه لطيف چيو تہ :

جي سورهي مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار
هڻ پالا وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار

---

[12] Stephen R Covey,"Seven Habits of Highly Effective People" Simon & Schuster 1992 Page 71.

مٿان تيغ ترار ، مار ته متارو ٽئين

سوويت يونين جي ٽٽڻ کان اڳ جمهوريت جو تصور ڪجهه ٻيو هو پر گلوبلائيزيشن ۾ جمهوريت جو تصور صرف ڇڙواڳي آهي . جنهن جو اصول آهي "جيڪو ڏاڍو سو گابو" انهيءَ ڪري سڄڻ جاگيردارن ۽ وڏيرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورهائي ڏني وئي آهي . سڄڻ ۾ لامرڪزيت وڌڻ ڪري ذات پرستي، قبيلائي پرستي، مذهبي فرقه پرستي، وڏي ويئي آهي . ڇوته ڏاڍن جي بدمعاشي ۽ من ماني جي ڪري عدم تحفظ جو احساس وڌڻ لڳو آهي ، هر ماڻهو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ڏاڍي جو سهارو ونڊي ٿو .اهڙي طرح ذاتيون، قبيلا، فرقه ، سياسي غنڊه گردي، وڏيرا گردي وڌندي ٽي وڃي.

_گلوبل مارڪيٽ جي ڪري اليڪٽرانڪ ، مڪينيڪل شين جي پرمار وڌي ويئي آهي. ماڻهن جي خريد ڪرڻ جر قوت نه هڻڻ جي صورت ۾ ماڻهن کي بنڪون قرض ڏين ٿيون. اهڙي طرح ماڻهو مقروض بنجي ايا ۽ پريشان ۽ ڊپريشن جو شڪار ٽي رهيو آهي .

ملٽي نيشل ڪمپنيون غريب ملڪن مان سرمايو گڏ ڪري ٻاهر ڪڍيو وڃن جنهن ڪري غريب ملڪ ايا ۽ ڪنگال پيا ٿين.

هاڻي زراعت ڪمپنين جي رحم و ڪرم تي آهي ، ڇو ته ڪوبه ديسي بج رهيو ئي ناهي جي ڪنهن وڻ آهي ته ڪير استعمال نڻو ڪري ڇو ته فاعدو هڻڻادن ٻجن ۾ وڌيڪ آهي. تنهن ڪري ڪمپنين جي اجاره داري آهي ان کان پوءِ هڻرادو پاڻ ، دوائون، ماحولياتي آلودگي کاڏي کي زهريلو بنائي رهيون آهن. جنهن ڪري طرح طرح جون بيماريون پيدا ٽي رهيون آهن .

سڄڻ جيڪا صوفي مت جي پيروڪار هئي اها قبيلائي جيهڻن، مذهبي جنون جو شڪار ٽي چڪي آهي ٻي طرف دولت جي هوس روايتن، اخلاق، ۽ پائيچاري کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

اسان جي سڄي سنڌ مافيائن جو مرڪز بنجي ويئي آهي. ان جو مطلب ته اسان جديديت پجاڻان دور ۾ شريڪ نه پر شڪار ٿيا آهيون.

مابعد جديديت ۽ صوفي مت

ايشيا کنڊ ۾ اها روايت رهي آهي ته هر شيءَ کي مذهبي نڪتي نگاه کان ڏٺو ويندو آهي. هندستان ۾ وچ اوير ۾ تاريخ مذهبي ڪٽائن جو نالو آهي. ڪلچر کي مذهبي روايتن ۾ ڪٽيو ويندو آهي . انهيءَ ڪري هندستان ۾ بڌمت ، جين مت، گرونانڪ، پڪتي تحريڪ ۽ ويدانيت کي به هندو مذهب جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح صوفي مت جو مذهب سان ناتو ڳنڍيو ويو، پر مذهب سان ڪو تعلق نه اٿس پر هر مذهب ۾ صوفي مت موجود آهي انهيءَ ڪري 20 صدي ۾ گهٽن صوفين عالمي صوفي مت نظريي تي زور ڏنو جنهن ۾ هڪ مثال حضرت عنايت خان جو ذڪر به ملي ٿو جنهن بمبئي کا ن 1910 ۾ امريڪا ۾ وڃي صوفي مت جي پرچار ڪئي .هن جو چوڻ هو ته :

"There is essential unity between the great religions of the world, divine inspiration which comes to humanity from time to time in different form which is in harmony with the culture of a certain people at a certain time, Different forms but the same truth."[13]

---

[13] Dr. H.J Witteveen," Universal Sufism " Great Britain 1997 page 12

سنڌ ۾ صوفي مت کي دانشوراڻي پذيرائي گهٽ ملڻ سبب صوفي مت اوتارن، پيري مريدي ۽ درگاهي ڪلچر بنجي ويو. جنهن ڪري صوفي مت کي Passive فلسفو سمجهيو ويو. اهو سمجهيو ويو ته صوفي معنيٰ سلفي پيئڻ وارو، ڏاڙهي رکرائڻ وارو، يا پيري مريدي وارو يا وري پينو فَقير، جڏهن ته صوفي زوايت اها ناهي .

وجوديت پسند چون ٿا "خواهش" وجود جي ڪوٺ جي نشاندهي ڪري ٿي پر صوفي خواهش کي جوهر جي ڪوٺ سان مشابهت ڏئي ٿو ، جنهن جو طمع سان واسطو آهي. طمع معنيٰ "مايا" جي لالچ . جيڪو مايا جي پنيان ڊوڙندو اهو "عشق" کان محروم رهندو ان جي مٿان آفاقي راز نہ کلندا نہ وري انسانيت جي معراج تي پهچندو.

محروم ئي مري ويا ، ماهر ٿي نہ مٺا
چڙي جيئن چنهنج هٽي، لڏيائون لٺا
حباب ئي هٺا ، انهيءَ وادي‌ءَ وچ ۾

Postmodernity جديديت پڇاڻ ۾ لامرڪزيت ۽ انارڪي موجود آهي. پر صوفي مت ۾ مرڪزيت ۽ رياضت موجود آهي .

صوفي جي مابعدالطبعات اها آهي ته ڪائنات هڪ اڪائي هڪ وجود آهي . سندس ظهور ڪثرت ۾ آهي . هر شيءَ جو بنيادي جوهر هڪ ئي آهي ، سندس سڃاڻپ سندس ضد Polarity principle سان ٿئي ٿي . مثال ڏينهن کي ڏينهن تڏهن چيو ويڃي ٿو جو رات جو تصور آهي ، محبت جي سڃاڻپ نفرت سان آهي ، سڻائي جو معيار خرابيءَ سان آهي . شاهہ لطيف چيو هو ته:

جي سڃاڻن نہ سچ کي، ويهي مَر تنهين وٽ

املھ کي اڏ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ
مهر تنهين سين مٽ ، پارکو جي پارس جا

ساختيات پچاڻان جيڪو جديديت پچاڻان جو بنيادي نظريو آهي ، ان ۾ ضد جو تصور ئي ڪونهي ڇوتہ هنن جي خيال ۾ ڪنهن هڪ شيءَ جو ڪو هڪ ضد ناهي بلڪ هڪ شيءَ سان هزارين ٻيا تصور موجود آهن اهو سلسو اڻ ڪٽندڙ آهي. تنهن ڪري ٻوليءَ جي ڪنهن لفظ جو هڪ signifiedڻي نڻو سگهي دريدا جي هن راءِ کي ڏسو.

"The signified concept is never present in and of itself, in a sufficient presence that would refer only itself essentially and lawfully; every concept is inscribed in a chain or in a system within which it refers to the other, to other concept.[14]

صوفي جي مابعدالطبعات ۾ انسان پنهنجي جوهر کي سڃاڻي وحدت سان جڙي ٿو . ۽ جوهر کان بغير انسان مادي وجود آهي جنهن ۾ هوس ، لالچ ،طمع، انا، ڪروڌ پريل آهي .

صوفي جو جوهر "پيار" آهي جيڪو هن ڪائنات جي بنيادي حرڪي طاقت آهي ،انهيءَ جي حصول ۾ انا ۽ طمع ڇڏڻي پوندي شاھ جي هن بيت کي ڏسو:

---

[14] Jacques Derrida "Margins of philosophy" Paris Brighton Harvester Press 1972 Page 104

طمع جي تنوار، متان ڪرين مگٽا
ڏکي ڪنديءَ ڏار، ڏئي ماڻڪ مٽ ۾

صوفي سڄي ڪائنات جي آفاقيت جو حصو آهي ، تاريخ تصوف ۾ پروفيسر يوسف سليم چشتي چوي ٿو تہ: " تصوف جي سڀ کان وڏي خصوصيت اها آهي تہ هر ملڪ ۽ هر دور ۾ سندس طريقو ڪار هڪ ئي رهيو آهي ، اهو آهي "عشق" جيڪو انسان کي ٻي انسان سان جوڙي ٿو ۽ خدا جي ابدي تصور ۾ آفاقي بنجي انسان ايري ٿو". جيترو هو ڪثرتي جز ٿيندو[15] اوترو ان جي اندر ۾ ڪوٺ پيدا ٿيندي .خالپٽو پيدا ٿيندو .

نتيجي طور ان ۾ طمع وڌندي . جيڪا هو مادي شين جي حصول سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪند و ، انا، غرور، ڪروڌ سان انهيءَ ڪوٺ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پر اوترو ئي خال وڌندو . نتيجي طور ماڻهو جنون ۾ مبتلا ٿي اڻ ڪٽندڙ دوڙ ۾ جانور ٿي پوندو. شاهہ اهڙن ماڻهن جي لاءِ چيو هو:

عالم "آئون" ساڻ ،پريو تو پير ڪري
پاڻ نہ آهي ڄاڻ، ماندي مند پکيڙيو

صوفي جي مابعدالطعبات ۾ دنيا هڪ "مايا" آهي ،جديديت پچاڻان ۾ دنيا حقيقت کان مٿاهين آهي . جنهن ۾ حقيقت اضافي آهي قطعي ناهي .

جڏهن حقيقت جو تصور ناهي تہ پوءِ عبادت ، رياضت ۽ انسانيت ، ڪهل، همدردي ، پيار جهڙا گڻ بہ سڀ اضافي ٿي وڃن ٿا نتيجي طور انسان جو دنيا سان تعلق حرص هوس، بي رحمي، دهشت زده بنجي بنجي وڃي ٿو. پر صوفي وٽ حقيقت اضافي ناهي بلڪ قطعي آهي جنهن جو اظهار دنيا ، سونهن، ۽ انسان ۾ آهي انهيءَ جو حصول لاءِ "عشق" جو رستو آهي . جيڪو

---

[15] پروفيسر يوسف سليم چشتي، تاريخ تصوف، دارالڪتاب اردو بازار لاهور . صفحو 19

ماڻهوءَ جي داخلي قوت کي ايارِي عالمي روحاني سگهه سان جوڙي ٿو . شاهه لطيف انهيءَ کي چيو هو ته :

دنيا سپ دريا ۾ ڪو ڪو تارون تنهن ۾
هڪڙي لهر لوڀ ۾ جي ٻيو آتشي اوڙاهه
طالبن توڙان ۾ موڙي چاڙهيون مڪڙيون .

صوفي جو ٻيو اهم پهلو انسانيت پسندي آهي . صوفي جو "خدا" انتهائي وسيع آهي ۽ ڪائنات هڪ حرڪي تصور آهي جنهن جي ذري ذري ۾ اهو سمايل آهي . تنهن ڪري هر انسان رنگ ، نسل ، ذات پات، ۽ طبقي کان بالاتر آهي . اهي سيئي فرق ۽ تفاوت صرف اهنکار ۽ مادي روپ جا آهن نه ته اصل ۾ حقيقت هڪ آهي .

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار
جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سان درسن ڏاورون دار
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چئان.

سنڌ جي صوفي مت ۾ هڪ اهم رنگ اهو به آهي ته ان ۾ سماجي ، معاشي هم آهنگي موجود آهي ، شاهه ڪريم کان وٺي شاهه لطيف تائين کو به صوفي تارڪ الدنيا نه رهيو، صوفي شاهه عنايت ته اهو به نعرو لڳايو ته "جيڪو کيڙي سو کائي" سيني جي مسلڪ ۾ ڪوبه ماڻهو سندن مريد ٿي سگهي ٿو انهن وٽ هندو يا مسلمان جي ڪابه تفريق ناهي. جيئن سچل چيو هو ته :

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
شيخي ، پيري، بزرگي بيحد پلايا

جديديت پجاڻان ۾ لامرڪزيت ۽ نظريي جو خاتمو هئڻ ڪري سڄي دنيا ۾ جنونيت پيدا ٿي چڪو آهي. جنهن ڪري دهشت گردي هڪ اهم مسئلو بنجي ايريو آهي . صوفي مت ۾ زور زبردستي ناهي پر وچڑو رستو موجود آهي .

"روزا نمازون ايءَ پڙ چگو ڪم،

او ڪو ٻيو فهم ، جنهن سان پسجي پرين ڪي."

شاهه لطيف صرف منافقي ڪي ننديو ٿو ، ان کان علاوه سنڌ ۾ صوفي مت رڳو رياضت يا طريقت جو نالو آهن سنڌ ۾ صوفياڻو رويو به موجود آهي ، جنهن جي ڪري ماڻهو ۾ درگذر ، ڪهل، لاطمع، درويشي ، عاجزي ،انڪساري جهڙا گڻ موجود آهي . جيتوڻيڪ اهڙن گڻن ڪي ننديو به رويو آهي پر ان جي باوجود نه اهي گڻ انساني روح جي سڪون لاءِ اهم آهن .اڄ جي جنون واري دور ۾ انساني روين جي سچاڻپ به اها ئي آهي.

جديديت پچاڻان ۾ جيڪو win + win جو تصور آهي اهو ڪوڙ ڪي سهارو ڏئي ٿو[htSee Robert Wrig] .ماڻهو يا ته سچو آهي يا ڪوڙو آهي .حقيقت جو محور انسانيت جي چوگرد گهمي ٿو . ڪا به صورتحال انسان جي خلاف هجي ته اها صوفي وٽ قابل قبول ناهي.

نتيجو Conclusion

[1] Post modernismجديديت پچاڻان ڏاڍي منجهيل ۽ پيچيده آهي جنهن جي ڪابه وصف ناهي ، ڇو ته هر دور ۽ نظام جو ڪو مرڪز هوندو آهي ، ان نظام جو پنهنجو سچ ۽ طريقي ڪار هوندو آهي . پر جديديت پچاڻان ۾ ڪوبه مرڪزي خيال ناهي نه وري ڪو حتمي سچ آهي ، انهيءَ ڪري ڇڙواڳي هن دور جو بنياد آهي .

[2] هن وقت دنيا دولت جي حصول جو نالو آهي ، جنهن ڪري جنوني رويا پيدا ٿي رهيا آهن، اهڙي دور ۾ جتي نظرين جو بحران آهي ، انارڪي ۽ سفاڪي وڌي رهي آهي. اهڙي دور ۾ شاهه لطيف جي هن بيت جي معنيٰ ڪيڏي اهم بنجي وڃي ٿي.

ڪاٽيءَ مَ ڪانيو ، منيءَ مڱر مَ ڏيو

هيڪر اڃهايو ، ڏيئي پر لوهار جي.

صوفي مت بطور رويو انتهائي اهم آهي ،جنهن ۾ دنيا ۽ زندگيءَ گذارڻ جو هڪ ڍنگ موجود آهي.

[4] جديد دور انسان کي مادي مشين بنائي ڇڏيو ، جديديت پچاڻان سچ ۽ ڪوڙ ، ظالم مظلوم جي ۽ طبقن جي حقيقت کان مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ بنياد تي گلوبلائيزيشن جو تصور غريب ملڪن لاءِ غلاميءَ جو ٻيو طوق کڻي آيو .

[5] مٿان وري جنونيت ، دولت جي هوس انسان کي اونڌاهي واري دور کان به پوئتي ڌڪي ڇڏيو.

(6) اهڙي دور ۾ صوفي مت انسان جي ڳولا ڪري ٿو[What it means to be human] ، گهٽ ۾ گهٽ انسان کي مادي هوس جي ڊپڙ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ضرور ڪري ٿو .

[7] پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ سوال ضرور پيدا ٿيندو ته اڄ جي دور ۾ جتي "ڏاڍو سو گابو" وارو ڪم لڳو پيو آهي اتي درگذر، عاجزي، لاطمع جهڙا گڻ ڪمزورانساني ۽ قومي وجود کي بچائي سگهندا ؟

[8] اڄ جي دور ۾ جتي انسان عالمي طور پنهنجي تباهي کان بي خبر مقابلي بازي جي دوڙ ۾ لڳو پيو آهي ، دولت ڪمائڻ جي هوس ۾ هو ماحول کي خراب ڪري رهيو آهي. ان جي نتيجي ۾ دنيا ۾ تمام وڏيون تباهيون ايندیون پوڏون، زلزلا، خطرناڪ وائرس، بيماريون ، جنگيون، جنون انساني وجود لاءِ اڳ ۾ ئي خطرو بنجي چڪيون آهن،

[9] صوفي دنيا کان لاطمع نٿو ٿئي ،صوفي ته صرف انساني رويي[What it means to be Human] کي اجاگر ڪري ٿو . جنهن بنياد تي هڪ بهترين نظام استوار ڪري سگهجي ٿو .

ائبنارملتي ۽ جديديت پڇاڻان

(Abnormality and Post Modernism)

اسان هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿيا آهيون جيڪو تاريخ جو بلڪل انوکو ۽ اڇوتو دور آهي ، نہ تہ هن دور ۾ گذارڻ جو اسان وٽ تجربو آهي نہ وري منهن ڏيڻ لاءِ گهربل علم آهي. يقينن هن دور کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جون ذميداريون ۽ رويا بہ نوان هئڻ گهرجن.

فطري تبديلين کي قبول ڪرڻ ۽ انهن مطابق رويو پيدا ڪرڻ تہ تاريخ ۾ انساني روش رهي آهي پر جڏهن ۽ تمام تيز تبديلين مطابق روين ۽ روش کي تبديل ڪرڻ ايترو آسان ناهي .

اسان کهڙي دنيا ۾ پير پاتو آهي ان دنيا کي سڀ کان پهرئين سمجهڻ ضروري آهي ڇو تہ ذهني صحت ان دنيا سان جڙيل آهي.

ذهني صحت ڇا آهي ؟ ٿورو غور ڪنداسين تہ انسان حواسن، عقل ، وجدان ۽ تجربي ۾ جيڪڏهن موجوده زمان و مڪان مطابق صحيح رد عمل ۽ روش اختيار ڪريون ٿا تہ اهو رويو نارمل يا سالم سڏبو.

پر جيڪڏهن متئين کنهن بہ عنصر مان صرف هڪ عنصر ڪم نہ ڪري تہ انسان سالم نہ رهندو . مثال عقل کان بغير انسان وائڙو ۽ بيوقوف سڏبو ۽ غلط حرڪتون ڪندو. وجدان کان بغير ٿيندڙ واقعن ۽ محسوس ڪرڻ جي سگهہ جي تاثير کان محروم رهندو ،جيڪڏهن تجربي مان سکڻ ڇڏي ڏئي تہ بار بار هاڃن کي منهن ڏيندو ، جيئن توهان ڏٺو هوندو تہ اڄ ڪلهہ ماڻهن تجربن مان سکڻ ڇڏي ڏنو آهي common sense کي common practice بنائڻ ڇڏي ڏنو آهي مثال روز غلط ڊرائيونگ ڪرڻ سان حادثا ٿين ٿا ، موٽر سائيڪل بي

ترتيب هلائڻ سان روڊ تي حاڻ ٿين ٿا. گڏڪو ڪائڻ سان ڪينسر ٿئي ٿو، سگريٽ پيئڻ سان بيماريون ٿين ٿيون. لالچ ڪرڻ سان ماڻهو ٺڳجي وڃي ٿو پر ماڻهو "ساڳيا لاڻون ساڳيان چگهه" ان مان ظاهر آهي تجربي مان ماڻهن سکڻ ڇڏي ڏنو آهي.

جيڪڏهن ماڻهو جا حواس ڪم نه ڪندا تہ ماڻهو جو نروس بريڪ ڊائون ٿي پوندو.

پر ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه آهي ماڻهو جو لڳا تار زمان و مڪان سان جڙيل رهڻ ، مثال جي ماڻهو نئين اوپري ماحول ۾ ويندو تہ اتي پاڻ کا اوپرو پائيندو ۽ پاڻ کي ان مطابق ڍاهڻ جي ڪوشش ڪندو. ان ڪري جيڪڏهن ماڻهو ۾ نئين ماحول کي ساڻاهڻ جي خاصيت نه هوندي تہ اهو بہ سالم نه سڏبو . هڪ طريقو اهو بہ سالميت جو آهي تہ انسان پنهنجي سالميت ۽ فاعدي جا جزا ماحول مان حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هجي .

هاڻ توهان غور ڪريو جديديت پڃاڻان ۾ سڀ شيون تبديل ٿي چڪيون آهن . مثال عقل، حرفت ۽ چالاڪيءَ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي . هاڻ عقل جو سڪو هن مارڪيٽ ۾ نٿو هلي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو عاقل آهي تہ ان کي هن مارڪيٽي حرفت ۽ چالاڪي لاءِ استعمال ڪرڻو پوندو نہ تہ عقل جو سڪو ڪوڙو سمجهيو ويندو. تجربو روز نئون آهي پراڻو تجربو هي ڏينهن ڪم جو نٿو رهي ڇو تہ مارڪيٽ سماج کي روز تبديل ڪري ٿي . تجربي جي بجاءِ روز رسڪ ڪٽڻ ، مهم جوئي ڏيکارڻ، جانباز بنجڻ ۾ هيرو ازم آهي . وجدان جو تعلق روحانيت سان آهي پر سماج صرف مادييت جو پيش منظر آهي تنهن ڪري احساس ختم ٿي ويو آهي . حواس ان وقت ختم ٿيو وڃي جڏهن اسان روز اهڙي صورت حال ڏسون ٿا جنهن لاءِ اسان ڪڏهن سوچيو بہ ناهي ياوري زمان مڪان ايترو تبديل ٿيو وڃي جو اسان جا حواس خطا ٿيو و جن .

اسان جي تاريخ ، ڪلچر ۽ روايتون اسان ۾ روحاني عافيت پيدا ڪن ٿيون ۽ اندر جي انسان کي ٽانيڪو ڪن ٿيون. هر قوم جو هڪ تاريخي ورثو ٿيندو آهي. جنهن ۾ مادیت کان وڌيڪ روحاني وهنوار وڌيڪ هوندو آهي انسان روحاني رستي تي لکين سال زندگي گذاري اڄ جي مادیت واري ماحول ۾ پهتو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي انسان جون لکين activities مادي شين کان بغير هيون . جنهن ۾ انسان to have جي بدران to beجي فڪر تي عمل پيرا هو. جيڪو اجتماعي نوعيت جو هو . جنهن ۾ فرد کي سندس اڪيلي هئڻ جي احساس نه هو ، نه وري کيس زندگي ٽڪائيندي هئي . ان سڃي تاريخي عمل ۾ پيار ، محبت همدردي ، پائپي جهڙا احساس ۽ گڻ اهم هئا . انسان جو رشتو انسان سان هو. يعني گهر ۾ چنل رلي به نه هجي پائڻ جا ڪپڙا به نه هجن ، کائڻ لاءِ سڪل ماني به نه هجي پر پوءِ به زندگي مان ماڻهو مطمعين هو. بلڪل ائين جو اڄ به ڪنهن جهوپڙي ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهو زندگي ۾ وڌيڪ خوش ۽ ٽانيڪو هوندو بنسبت ڪنهن بنگلي ۾ رهڻ واري کان . جو ته بنگلي واري امير جو مسئلو آهي مقابلي بازي ۽ انهيءَ دولت ۾ واڌارو ڪرڻ ، انهيءَ ڪري امير ۽ وچيون طبقو مارڪيٽ جي رحم و ڪرم تي هوندو آهي.

مادي شين جو حصول در اصل "انا" جو حصول آهي، جيترو مادیت جي دنيا ۾ ماڻهو پير پائيندو ايترو پنهنجي چوڌاري "انا"، " غرور" جو ڇار اٽندو ۽ اڪيلو ٿيندو دشمن وڌندا. سڪون برباد ٿيندو. تان جو اهو ماڻهو ائبنارملٽي ڏانهن ويندو. جو ته شين جا انبار ماڻهو کي خوش نٿا رکي سگهن ، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي سپر اسٽور ۾ بند ڪري ڇڏجي ته باقي زندگي اتي ئي گذار ته رڙيون ڪندو چريو ٿي پوندو . جو ته زندگي لاءِ فطرت جو ڪليل ماحول ڪپي ، رشتا ناتا ڪپن، ميل ميلاپ، روايتون، خواب، پيار ۽ انساني سرگرمي ڪپي.

پر هتي مسئلو اهو آهي ته انا (ego) انسان کي هلڪو ڦلڪو نٽي رکي بلڪ اڪيلو ڪري ڇڏي ٿي . انا جي مونجهاري ۾ ماڻهو ڦوندجي عجيب حرڪتون ڪري ٿو . چريائپ صرف اها ناهي ته ماڻهو رڙيون ڪري ۽ پٿر هٽي پر چريائپ اها به آهي ته ماڻهو بسڪٽ به ٽشو پيپر سان کائي ، چريائپ اها به آهي ته ماءُ پنهنجي ٻار کي ٽوڪري ۾ وجهي ڪٽي هلي . چريائپ اها به آهي ته انسان کان سندس غربت جي ڪري نفرت ڪجي ، چريائپ اها به آهي ته گنڊڪي کائڻ وگهي مري ويل کي دفنائڻ وارن جي منهن ۾ به گنڊڪو پيل آهي.چريائپ اها به آهي ته ٽرو پي روڊ تي روز شرو ڪجي ۽ اسان وٽ ته چريائپ جا مثال عام جام ملن ٿا. جنوري 2015 ۾ هڪ ماڻهو پنهنجا پنج ٻار کهي ڇڏيا. روز طلاقن جي شرح وڌي رهي آهي . نشو خطرناڪ حد تائين وڌي ويو. ماڻهو اکين ڏٺو موت قبول ڪيا ڪن . اها سڀ چريائپ ته آهي جو برداشت جي حد ختم ٿي ويئي آهي. صبر نٽو اچي.

دراصل هر مادي شيءَ جي هڪڙي قيمت پئسن ۾ اسان ادا ڪريون ٿا. پي قيمت اسان انا ، غرور ۾ ڦوندجي ادا ڪريون ٿا جنهن ۾ اسان ماڻهو کان ڪٽجي رهيا هوندا آهيون، خلوص ، پيار ، ماڻهپو ختم ڪري رهيا هوندا آهيون. ڇو ته هي واپاري سماج توهان کي هڪ اڻ ڪٽ مقابلي بازي ۾ مبتلا ڪري ڇڪو آهي. توهان هر وقت ٻين جي حصول تي نظر رکو ٿا، ڪنهن کو عهدو يا مرتبو ماڻيو ته توهان احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿي وجو ٿا، ڪنهن بنگلو ورتو ته توهان کي پنهنجو گهر جهنم لڳي ٿو ، ڪنهن وڏي ڪار ورتي ته توهان پاڻ کي گهٽ سمجهڻ لڳو ٿا ، پي جي خوبصورت زال ڏسي توهان کي پنهنجي زندگي بي مزه ۽ بيڪار لڳي ٿي ، توهان روز جلن ۽ حسد جا شڪار ٿيو ٿا، وري پي طرف جنهن کا شيءَ حاصل ڪئي ته انهيءَ سيني کي مات ڏئي ڇڏي اندر ۾ هڪ تسڪين ۽ غرور پيدا ٿيندس . تان جو اها مقابلي بازي ماڻهو کي اذيت

پسند بنائي ڇڏي ٿي ، منجهانس پيار ، سکون پائيپي ، انسانيت، همدردي سڀ ختم ٿي وڃي ٿي .

جديديت پچاڻان اهڙي صورت حال آهي جنهن ۾ صرف پنهنجي ماضي سان رشتو ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهو ماضي جنهن ۾ سڀائي خرابي جا معيار هئا، سچ ۽ ڪوڙ جو تصور هو. انسان جي نارملٽي ۽ سالميت لاءِ سچ ۽ ڪوڙ، سڀائي ۽ خرابي جو معيار ضروري آهي نه ته سڀ جائز آهي ۽ بلڪل جديديت پچاڻان ۾ سڀ جائز آهي.

جيڪڏهن توهان کي پاڇو ڏسو يا شڪل شبيهه ڏسو جيڪا عام رواجي نه هجي، حقيقي نه هجي توهان کي ڊاڪٽر چوندو ته توهان کي شيزوفرينا (schizophrenia) ٿي چڪي آهي، جيڪڏهن توهان رات ڏينهن هڪ ڳالهه جي هورا خورا ڪريو ته ڊاڪٽر چوندو توهان کي فوبيا ۽ مالیخوليا ٿي پئي آهي. جيڪڏهن توهان هر وقت وڙهڻ لاءِ تيار هجو ، موت جو رسڪ ڪٽڻ ۾ نه گهبرايو ته ڊاڪٽر چوندو توهانکي mania ٿي پئي آهي .

پر جديديت پچاڻان ۾ حقيقت کان مٿهانين حقيقت کي ايترو اپاريو ويو آهي جو سماج ۾ اصل حقيقي ڪجهه به نه رهيو آهي سب ڪجهه جڙتو آهي ، پر ايترو حاوي آهي جو هر ماڻهو ان جڙتو کي حقيقي سمجهي قبول ڪري ٿو ، يعني ڪو ماڻهو اڄ کان 50 سال اڳ چوي ها ته هن صرف ڪاغذن جي هيرا ڦيرا ڪندي اربين رپيا ڪمايا ته ماڻهو ان کي چريو چون ها، يا چوي ته هن هڪ بند ڪواب پنج هزار رپين ۾ ڪاڏو ته ماڻهو ان کي چون ها هن جو دماغ ڦري ويو آهي، جيڪڏهن چوي ها ته هن پنهنجي شڪل و صورت بدلائي پي ڌهرائي آهي ته ماڻهو هن کي چون ها ته ڪو خواب ڏٺو اٿس يا دماغ ۾ خلل اٿس ،جيڪڏهن ڪو ماڻهو 50 سال اڳ چوي ها ته هن جي زال بهترين جسم جي نمائش ڪري اربين رپيا ڪمايا ته ماڻهو ان کي پنهنجي پت برادري مان ئي

ڪيي چڏين ها، يا سندس ڏيءَ روز بواءِ فريند بدلائيندي آهي ته ماڻهو ان کي بيغيرت چوڻ ها. جديديت پچاڻ ۾ اهي سپ تصور جائز آهن ۽ اهي ئي حقيقي آهي، تنهن ڪري چريائپ جو معيار ب بدلجي ويو آهي ،اڄ جيڪڏهن ڪو شين جي نمائش نٽو ڪري پنهنجي چوگرد دولت جا انبار لڳائڻ لاءِ حرفت بازي نٽو ڪري ، بي وقوفانه مقابلي بازي ۾ حصو نٽو وڻي يا عورت پنهنجا نقش نگار جي نمائش نٽي ڪري ته ان کي چريو سمجهيو و جي ٿو .

چا چريائپ جو ڪو وجود آهي؟ يا اسان جي چريائپ آهي ته چريائپ موجود آهي. ان لاءِ توهان کي هڪ مثال ڏيان ٿو . هالي ووڊ وارن هڪ فلم استار ٽريڪ جي سيريز ۾ ناهي هئي . ڪهاڻي هن ريت هئي ته هڪ ڪيپٽن پنهنجي ٽيم سميت هڪ سياري تي لهندو آهي، جتي هڪ قسم جو ڪيميڪل جنهن کي لڳندو آهي اهو چريو ٿي پوندو آهي. اهو چريو مار ڏاڙ رڙيون پيو ڪندو آهي، آهستي آهستي سپ چريا ٿي ويندا آهن سواءِ ڪيپٽن جي . هاڻ هڪ طرف سپ چريا ٻي طرف اڪيلو ڪيپٽن .

ڪيپٽن سوچيندو آهي ته ڪٿي آئون ته چريو ناهيان متان هي سپ ٺيڪ هجن ۽ آئون ائبنارمل هجان. يا وري منهنجي نارملٽي اڪثريت کي قبول ناهي ته پوءِ اها ب ائبنارملٽي چئبي . تنهن ڪري مون کي ب چريو ٿي وڃڻ گهرجي . اها ئي نارملٽي آهي. ته سپ هڪ جهڙا هجن. نه ته پوءِ خطرناڪ اذيت يوگٽي پوندي. پر ٿوري دير لاءِ ڪيپٽن سوچيندو آهي ته پهريان اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته ائبنارملٽي جو جيئن وجود آهي تئين نارملٽي ب ڪا شيءَ آهي. معنيٰ مون کي پهرين اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته هي سپ چريا آهن ۽ آئون چريو ناهيان. ته پوءِ مون کي ڪو بلو ڪرڻو پوندو. هڪ ته پاڻ بچائڻو پوندو، ٻيو ته هنن جو ب علاج ڪرڻو پوندو. آخر ڪار ڪيپٽن هنن جو علاج گولڙ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ۽ سيني کي ٺيڪ ڪندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ سياري تان هليا ويندا آهن.

بلڪل ائين اسان جو سماج آهي. جنهن ۾ ماڻهو مايا جي موه ۾ ٻڏل ويا آهن. چريي جو مطلب اهو ناهي ته ماڻهو پٿر هٽي، گهگهه ڳاڙهي، رڙيون ڪري ، چريائپ اها به آهي ، ماڻهو رات ڏينهن دولت حاصل ڪرڻ جي جنون ۾ گم رهي. ماڻهو رات ڏينهن ڪرپشن ڪري پنهنجي اولاد کي ناجائز دولت تي عياشي ڪرائي. مذهب جي نالي تي قتل عام ڪري، ڏيکاءَ بازي ۾ عزت ، غيرت نيلام ڪري، غرور تڪبر ڪرڻ ٻي کي گهٽ ڪري ڏيکارڻ به ائبنارملٽي آهي. نارملٽي وچ ٽرائپ جو نالو آهي ، جنون چريائپ جو نالو آهي ۽ تنهن ٽورو غور ڪريو . اسان جي سماج ۾ هر طرف جنون آهي. چوطرف هڪ تماشو لڳو پيو آهي ، انسان هڪ خطرناڪ جانور جو روپ اختيار ڪيو آهي، هر طرف افرا تفري آهي ذرو ذري کان ڌار آهي. دريدا انهيءَ کي (Play) چوي ٿو ، اها چال ڏيئي دريدا هر ماڻهو کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي . ته هر ماڻهو پاڻ کي آزمائي نوان رستا ڳولي، ڪامياب ٿئي ۽ ڪاميابي صرف مادي حصول ۾ آهي . جيڪو ماڻهو انهيءَ مارڪيٽي ڪلچر کي نٿو مڃي ، پاڻ کي انهيءِ بيوقوفاڻي مقابلي ۾ شامل نٿو ڪري ،سادگي سان رهي ٿو ، ايمانداري ، عزت، شرافت ، حيا جي ڳالهه ڪري ٿو، اهو چريو سڏجي ٿو. انهيءَ کي جديديت پجاڻان Paranoiac چئي ٿي. هاڻ اهڙو ايماندار ماڻهو موجوده ماندڻ کي ڏسي ڪڏهن اهو سوچي ٿو ته واقعي آئون چريو آهيان؟ يا هي ماڻهو سڀ چريا آهن . بلڪل ائين جيئن ڪيپٽن هڪ منٽ لاءِ سوچيو ته ڇا هو چريو آهي؟ جديديت پجاڻان جي مطابق ته هو (Paranoiac) هو. پر ڪيپٽن پاڻ سنيالي ورتو.

در اصل Paranoiac هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن ۾ ماڻهو کي اهو احساس ٿيندو آهي ته هن سان سڀ ڪجهه غلط ٿي رهيو آهن ، ٻيا ماڻهو هن کي تڪليف ٻيا پهچائن ،.هن کي نقصان ٻيا رسائن ، ٻيا سڀ هن جا دشمن آهن ،

سپ هن کيڙ بيقوف پيا ڏاهين، اهڙي بيماري وارو مريض دنيا ۾ پاڻ جو رشتو ڏاهي نہ سگهندو آهي ۽ اڪيلو رهجي ويندو آهي.

جديديت پجاڻان ۾ سماجي طور رشتن ۾ Paranoia عام هوندي آهي جو ته هن سماج جو بنياد شڪ تي رکيل آهي ، زال مڙس جي لاءِ Paranoiac آهي ، ملازم آفيسر لاءِ Paranoiac آهي ، هڪ ذات ورو ٻي لاءِ ، اهڙي طرح هي سڄو سماج Paranoiac بڻجي وڃي ٿو . ويڳاڻپ ۽ اڪيلائي وڌي وڃي ٿي . ماڻهو پنهنجي سڃاڻپ مادي شين ۾ ڳولي ٿو ، اهو بي روح عمل بار بار ماڻهو کي دل شڪسته ڪري ٿو . ماڻهو ۾ اذيت پرستي وڌي وڃي ٿي ، آهستي آهستي خود ئي انهيءَ راند ۾ شامل ٿي اهڙي سماج کي قبول ڪري ٿو. جتي سماجي رتبن ماڻڻ ۾ لذت آهي، عزت ، پيار ، همدردي جهڙن قدرن کي درگذر ڪري ماڻهو پاڻ کي وڪر بنائي ڇڏي ٿو. انهيءَ سماج جون خوشيون به وقتي، رشتا به وقتيَ، مثال لاٽري کلي ته خوشي ملي، شراب پي خوشي ماڻي، پگهار ملیو ته خوشي ٿي ، نئون موبائل ورتو ته خوشي ٿي، ميلاد ڪرايو ته خوشي ٿي، انڊين ڊرامي جي هيروئن کا چالاکي ڪئي ته خوشي ٿي ، ٻي جي قرلٽ ٿي ته خوشي، ٻي جو نقصان ٿيو ته خوشي ٿي، تان جو خوشي اذيت پرستي ۾ ملڻ لڳندي ، اهو سلسلو جبلت موت جو طويل رستو کولي ٿو. جنهن ۾ جبليت حيات ماڻهو ڇڏي ڏند شيڪي بگهڙن وانگر پاڻ ۾ نهارين ٿا ته اجهو اڳلو ڪريو.

جديديت پجاڻان جو دور جيڪي به نوان قدر ۽ تصور ايارِي ٿو، اهي ماڻهو کي جيتري دير قبول ڪرڻ ۾ لڳي ٿي اوتري دير ۾ ٻيا تصور اچي وجن ٿا ، تنهن ڪري ماڻهو اکيون مهٽي ايان شيءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تيستائين شيون پنهنجو روپ بدلايو وڃن ، تنهن ڪري ماڻهو کي پاڻ تي اعتبار نہ رهيو آهي، ماڻهو جهنجلات ۾ ورچي پوي ٿو ، جنهن ڪري وڃس ڏيکاءَ پرستي وجي رهي آهي، جيئن شين ۾ هو ٻي کان گوءِ ڪٽي وجي. ڏيکاءِ پرستي جو

بنياد ميڊيا آهي، ميڊيا هڪ اهڙو طبقو پيدا ڪري چڪي آهي، جيڪو مارڪس جي انهيءَ ڪڏڻي کان وڌيڪ تيز آهي جيڪو پنهنجي مالڪ جي ستل شهوت کي جاڳائڻ جي لاءِ طرح طرح جا نخرا ڪري ٿو، پر سرمائيدار پنهنجي شيون وڪڻڻ لاءِ سياست ڪار پنهنجي سياست چمڪائڻ لاءِ ، ايجنسيون پنهنجن شين وڪڻڻ لاءِ ميڊيا جا ڪڏڙا پيدا ڪري چڪيون آهن. توهان غور سان ڏسو ته دنيا هڪ جنون ۾ وڃي چڪي آهي ، مذهبي جنون ، فرقي پرستي جو جنون، ذات پرستي جو جنون، خاندان پرستي جو جنون، ڪرپشن جو جنون، هوس پرستي جو جنون تان جو انسان جنون ۾ جيئي ٿو جنون ۾ مري ٿو.

ٻي طرف نفسيات دانن جو چوڻ آهي ته جهڙي طرح فرد بيمار ٿيندا آهن اهڙي طرح سماج ب بيمار ٿيندا آهن . اڄ ڪلهه پوري دنيا ائبنارملتي ڏانهن وڃي رهي آهي . ڪئين طرح جا نفسياتي روڳ موجود آهن ،

هر طرح جو جنون، قتل و غارت، گهريلو ناچاڪيون، آفس ۾ سازشون، ٿوري ڳالهه تي جهيڙو، برداشت جو مادو نه هئڻ ، غصو، بي چيني، خود ڪشي، نشو واپرائڻ، سڀ ائبنارملتيز آهن . اها صورتحال پڌائي ٿي ته ماڻهو اڇلجي چڪو آهي. ڪيس ڪابه شيءَ ٽانيڪو نٽي ڪري،

اهڙي ئي سماج ۾ اسان پير پائي چڪا آهيون ، جنهن جو ڪو به سرو نٽو ملي ، پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا هن بحران مان نڪرڻ جو ڪو گس آهي؟ بلڪل آهي. پر پهرين اسان کي قبول ڪرڻو پوندو ته اسان بيمار آهيون، پوءِ علاج جا اپاءَ وٺڻا پوندا، هر سماج جا پنهنجا مسئلا آهن انهن مسئلن جو حل به آهي، سڀ کان پهرين جهموريت ختم ڪرڻي پوندي ، ميڊيا جي ڇڙواڳي ختم ڪرڻي پوندي ، سياست واري سماج کي مڪمل ختم ڪرڻو پوندو ، ان کان پوءِ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي ڇڙواڳي ختم ڪرڻي پوندي ، اسان وٽ قانون

صرف ڪتابن ۾ آهن عملن کي به قانون ناهي جيڪو ڏاڍو سو گابو واري ڳالهه تي عمل پيو ٿئي . لوفر کي ختم ڪرڻ بجاءِ پوري سماج کي لوفر ناهي چڏجي، ڪرپشن ختم ڪرڻ بجاءِ پوري سماج کي ڪرپٽ ڪري چڏجي واري پاليسي تي اسان عمل پيرا آهيون، چو ته عالمي سرمائيداري کي اهڙي چڑواڳ سماج جي ضرورت آهي ، جڏهن سوويت يونين قائم هو ته سامراج جون پاليسيون جمهوريت خلاف هيون آمرانه هيون ، پر سوييت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ پاليسي اها آهي ته سڄي سماج کي سچڑواڳي وارو سماج ناهي چڏجي. دنيا جي ڪابه نارملٽي ، کي به سماج، هڪ بهترين ڊسيپلين کان سواءِ ممڪن ئي ڪونهي، پر سامراج اربين ماڻهن کي چڑواڳي جي خطرناڪ بڻي ۾ اڇلائي چڏيو آهي.

هن وقت سماج کي بچائڻو آهي ته هڪ اهڙو ئي خطرناڪ ڊسيپلين ۽ آمرانه قانون تي عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي. جيڪو هن سياست جي گند ۾ ممڪن ڪونهي.

ساختيات ۽ ساختيات پچاڻان

دريدا جي ٿيوري چال (Play)

پرزا پرزا زندگي...

توهان کڏهن سوچيو آهي ته دنيا گلوبل وليج بنجي چڪي آهي ، معاش هجي يا سڌ سماءَ هر وهنوار ۾ ماڻهو ڳنڍيجي چڪو آهي ۽ دنيا سکڙجي ويئي آهي، پر ماڻهو ماڻهو کان ڌار آهي. انساني وحدت ٽٽي چڪي آهي ، اتفاق راءِ جي بجاءِ انشار ، قوم جي بجاءِ ذاتيون، ڪٽر جي بجاءِ فرد، تنظيم جي بجاءِ انارڪي، قانون جي بجاءِ چڙواڳي ، جهموريت جي بجاءِ بد معاشي . مطلب ته ذرو ذري کان ڌار آهي، جڏهن ته عالمي طور اها دعويٰ آهي ته دنيا هڪ ڳوٺ بنجي ويئي آهي.

انهيءَ جو جواب اسان جيڪ دريدا (Jacque Derrida) وٽ ڳولينداسين جيڪو جديديت پچاڻان جو اهم ٿنب آهي. جيڪ دريدا ڀڃ گهڙ (Deconstruction) جي ٿيوري ڏني هئي . جنهن پنهنجي ڪتاب of Grammatology ۾ چيو هو ته " ماضي جي تاريخ ۾ دنيا فڪر ۽ سماج جو هر نڪتو " مرڪز" مائل هو يعنيٰ هر چيزاخلاق ، قدر ،وهنوار، سماج، علم ،فڪر، نظريا ،تاريخ ، ۽ ڪلچر سڀ پنهنجي مرڪز جي چوڌاري گهمي رهيا هئا . اهو مرڪز مذهب ۾ "خدا" هو نفسيات ۾ "لاشعور" هو، سماجيات ۾ "قومي ساخت" هو ۽ مارڪس وٽ " معاشيات" هو . انهيءَ ڳالهه کي سوسئير (Saussure) هن ريت واضح ڪيو هو ته شين کي معنيٰ سندس ساخت ڏيندي آهي ، لفظ جي ڪابه معنيٰ ناهي اهو لفظ هڪ مخصوص ساخت ۾ اچي ٿو ته معنيٰ پائي ٿو . مثال " ماسي" سنڌي سماجي ساخت ۾ ماءَ جي پيٽ کي چوندا آهن. جيڪو هڪ معتبر رشتو آهي، پر ڪراچي ۾ ماسي گهر جي نوڪرياڻي کي چوندا آهن، ساخت سان گڏ معنيٰ بدلجي ويئي . اهڙي طرح " جهنگ جو

خيال ڪرڻ" جي هرگز اها معنيٰ ناهي ته ماڻهو کي بات روم وجڻو آهي. پر سنڌي سماج ۾ انهيءَ جي معنيٰ مخصوص طئي ٿيل آهي . سوسئير جيءَ خيال ۾ ساخت مرڪز آهي . مثال سنڌ ۾ ون يونٽ دوران سنڌي سماج جي ساخت قومي ۽ مزاحمتي تحريڪ ۾ مرڪزي حثيت ناهي ورتي هر اديب جي لکڻي ۽ اتساهه انهيءَ ساخت تحت هو. پر جئين ئي ساخت بدلجي ويئي ته شيخ اياز جيڪو اسان جو قومي مزاحمتي سرواڻ هو اهو دعائون گهرڻ لڳو. سراج ڪيترا خوبصورت ۽ اتساهيندڙ ناول لکيا پر ساخت بدلي ته پاڻ خاموش ويهي رهيا.

هاڻ مسئلو اهو آهي ته ساخت ڪلچر جي ، نفسيات جي مذهب جي رسمن جي، رواجن جي ، معاش ۽ فڪر جي ٿيندي آهي. جيڪا مرڪز مائل هوندي آهي. انساني داخلي ڪيفيتون ساختياتي مرڪز کان متاثر به ٿيندیون آهن ۽ ساخت جو مرڪز پاڻ به ناهيندیون آهن . مثال شاهه لطيف اهڙو ساختياتي مرڪز آهي ، جيڪو سنڌي عوام جي وجود جي چوڌاري ڦري ٿو . مثال جدوجهد ڪرڻ جي ساخت، جمالياتي ساخت، پاڻ سجاڻڻ جي ساخت ، صداقت جي تلاش ، موت ، حيرانگي، صبر، هيناهين، سڀ انساني وجود سان لاڳاپيل آهن، تنهن ڪري عملي طور شاهه لطيف هر نئي ساخت ۽ پراڻي ساخت کي علامت بنائي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو. ان کان علاوه صوفي مت مرڪز مائل نظريو آهي جيڪو دائمي صداقت جو متلاشي آهي.

سوسئير انهيءَ مرڪزي نظام کي ضدن ۾ ورهائي ٿو هو جوي ٿو . ساخت Binary Opposition sets ۾ ورهايل آهي جنهن جو هڪ مثبت پيو منفي پهلو آهي. مثال اونداهي ۽ روشني، مزڪر ۽ مونث، تقرير ۽ تحرير ، موجودگي ۽ غير موجودگي وغيره.

هر جڳهه تي موجودگي ۽ غير موجودگيءَ تي فوقيت آهي. . مثال "ڪن" چئي خدا ڪائنات تخليق ڪئي ڳالهائڻ جو عمل ڳالهائڻ واري ڪان سواءِ ممڪن ڪونهي انهيءَ ڪري خدا ئي آهي جنهن "ڪن" چئي ضد ۽ جوڙا وجود ۾ آندا. جنهن کي بائبل ۾ " Logo centrism" چيو ويندو آهي .

دريدا اڳتي هلي .چوي ٿو ته انهن ضدن ۾ موجودگي کي غير موجودگي تي فوقيت رهي آهي، جنهن ڪري دولت وارن کي غريبن تي فوقيت ، طاقت وارن کي ڪمزورن تي فوقيت ، علم وارن کي جاهلن تي فوقيت ۽ آخر ۾ "مان" ايري تي جيڪا سيني تي حاوي ٿيڻ تي چاهي، فرائيڊ جي نفسيات ۾ مرد وٽ عضوو موجود ۽ عورت وٽ نه هئڻ ڪري مرد کي عورت تي فوقيت رهي آهي.

يورپ ۾ مذهبي مرڪزيت مان جند ڇڏا ئڻ لاءِ عقل جي مرڪزيت کي قبول ڪيو ويو. دريدا جي خيال ۾ دنيا ۾ خدا ، روح ، جوهر ، هستي ، صداقت، انسان ،ديوتا، مادو، شعور ، تخليقڪار سيني جي بنيادي مرڪزي حيثيت رهي آهي .پر خود مرڪز انهيءَ ساخت جو حصو نه رهيو آهي. . مثال سماجي ساخت خدا جي مرڪزي قوت جو حصو آهي ، پر خود خدا انهيءَ ساخت جو حصو ناهي. اسان ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهون ٿا، سيئي ساختياتي نظام فارمولائيز رهيا آهن.

دريدا جي هڪ مثال وانگر ته هڪ ڪلاس ۾ 50 ٻار وينا آهن ۽ استاد ٻيٺو آهي ، ٻار سڀ نظم و ضبط ۾ وينا آهن. جو ته ڪلاس جو مرڪز موجود آهي. هاڻي استاد انهيءَ ڪلاس مان خارج ڪيو وڃ ٿو. ٻارن جو مرڪز ٽٽي ويو. ٻارن کي چال ملي ويئي ۽ سڀ ٻار ڊوڙون پائن ٿا، شرارتون ڪن ٿا. .هاڻي مرڪز ويڳاڻو ٿي ويو. استاد ٻاهريون مرڪز هو. پر خود انهيءَ ساخت جو حصو نه هو . ساخت کي چال ملي ويئي ، ساخت مرڪز جي گرپ ڪان ٻاهر

نڪري ويئي ته خود ساخت ئي نه رهي. هاڻي جي خود استاد انهيءَ ٻارن جي گوڙ ۾ شامل ٿي ڊوڙون پائي ته ضدن جو نظارو ختم ٿي ويندو.

دريدا انهيءَ مرڪز کي چال ڏئي ٿو. جنهن کي هو "Play" چوي ٿو جنهن سان مرڪز ٽٽي وڃي ٿو. هو سڃي ساختيات مان مرڪز خارج ڪري ڇڏي ٿو. هو ڪلچر ۾ ضدن جي نظام کي ڏاهي پيچ ڏاهه (Deconstruction) ذريعي واضح ڪندي ساختياتي نظام کي ٽوڙي معنيٰ غائب ڪري ڇڏي ٿو. هن جو خيال هو ته هر دليل جو رد دليل آهي. هر تشريح جي پي تشريح آهي ، هر معنيٰ جي وري ڪا پي معنيٰ آهي ، تنهن ڪري معنيٰ جو نه ختم ٿيندڙ سلسلو ايترو طويل آهي جو اصل معنيٰ غائب ٿيو وڃي . دريدا ان ڳالهه کي واضح ڪندي difference جو اصطلاح ڪم آڻي ٿو جنهن کي هڪ differ ۾ پيو defer ۾ ورهائي ٿو . Differ جو مطلب آهي ته ڪنهن به لفظ جون گونا گون معنائون آهن. هڪ لفظ جا معنوي رخ تمام گهٽا ٿيندا آهن. وري defer مان مراد دريدا جي اها آهي ته هڪ لفظ ڪيترين ئي معنائن جي ڪري منجهيل ۽ غير واضح ٿيو پوي . ان صورت ۾ هر موجوده صورت پنهنجي جڳهه تي هڪ يونٽ آهي ۽ پاڻ مرڪز آهي ، اهڙي طرح تخليق جي مرڪزي ساخت ٽٽڻ سان ان تخليق جون سوين معنائون ۽ علامتون ڏهن ٿيون جيڪو قاريءَ يا پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي، باقي سندس رشتو پنهنجي تخليقڪار سان ختم ٿيو وڃي .

آخر ڇو دريدا مرڪز کي چال ڏيئي پيچ گهڙ جو سلسلو شروع ڪري ٿو . ڇو ته هن جي خيال ۾ تاريخ مرڪز مائل قوتن جي ساخت ۽ نظرين ۾ فرد کي سندس آزادي کان محروم ڪيو وڃي ٿو. ڇو ته مرڪز حقيقي ناهي بلڪ ساختياتي آهي . هڪ نظريي کي رد ڪرڻ لاءِ پيو نظريو ائين آهي جيئن هڪ آقا کي ڇڏي پي جي غلامي قبول ڪجي . تنهن ڪري هڪ نظام ۽ مرڪز جي خلاف

بغاوت کان اسان کي پي مرڪزي نظام جو سهارو ونڊو پوندو آهي. اهڙي طرح غلامي در غلامي مسلسل هلندي رهندي آهي.

اصل ۾ سوسئير مرڪز کي لساني ۽ ثقافتي قرار ڏئي ٿو. هن لفظ ۽ متن جي معنيٰ کي ثقافتي ۽ لساني ناتن رشتن ۾ ڳولیو، پر دريدا ان مرڪز کي لوڏي معنائن جو نظام ختم ڪري ڇڏيو. دريدا جو خيال هو ته مظبوط مرڪز کي ڇال ڏئي توهان وٽ ۽ ڳالهيون سامهون اچن ٿيون هڪ ته توهان پراڻي فرسوده نظرئي کي رد ڪري پي ترقي و ترجيع جي ڳالهه ڪري ورڻي مرڪز مائل ٿي وڃو . يا وري مرڪز کي انتشار ڏئي گونا گون معنائن جي رنگن ۾ لطف اندوز ٿيو. بلڪل انهيءَ استاد وانگر جيڪو پارن سان انتشار ۾ شامل ٿي لطف اندوز ٿئي. يعنيٰ فارمولائيز طريقي جي بجاءِ رينڊم طريقو پنهنجائي جنهن ۾ جمالياتي پرت جا رنگ ائين وکريل آهن . جيئن پانوڑي پڪ سان سوين رنگ رچن.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا انسان مڪمل آزادي جو متحمل ٿي سگهي ٿو. آزادي ۾ زندگي جي لکين روپن ۾ ڪيترائي ئي لکل گوهر نروار ٿين ٿا . پر زندگي هڪ واقعو ناهي هڪ دور جي ڪهاڻي ناهي . زمان ومڪان تي ڦهليل لکين سالن جي ڪهاڻي آهي جيڪا انتشار ۾ ته پڙڪو ڏئي وسامي ويندي .

دريدا جي ٿيوري (جنهن کي دريدا ٿيوري چوڻ کان به انڪار ڪيو، چو ته ٿيوري ته وري هڪ مرڪز ۾ آڻي بيهاري ٿي) لسانياتي هئي . هو متن کي ٽوڙي پڇ ڌاهه مان گذاري بي معنيٰ بنائي ڇڏي ٿو. پر اها ٿيوري جديديت پڇاڻان جو بنياد بني ، جنهن ۾ سماج ،مذهب، اخلاق، خاندان، معاش جو به مرڪز ٽٽي ويو.دنيا هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي ويئي. جيڪا بظاهر ته گلوبل وليج آهي، پر منتشر ۽ پرزا پرزا ٿي ويل، دنيا جو ته حقيقي آزادي نظم و ضبط ۽ مطلق سچائي کان بغير ناممڪن آهي. مثال کارل مارڪس جڏهن جدلياتي

مادیت جو نظام ڏنو ته سندس نظام ۾ مذهب ۽ خدا جي مرڪزيت کي ختم ٿي ويئي. پر مرڪز وري به غير طبقاتي نظام ۽ سائنسي ڪميونزم هو. جنهن جي پنهنجي اخلاقيات هئي . پر جڏهن دريدا مطلق سچائي وقتي سهي ، ثقافتي سهي، قدرن ۽ رواجن واري سهي پر هڪ نظام کي هلائي ٿي، جڏهن کو به مرڪز نه رهيو ته فرد انارڪي جو شڪار ٿي منتشر ٿي خالي کوکلو وجود ڪٽي پنهنجي سچاٽپ وڃائي ويٺو. عين ان وقت مارڪيٽ ان کي captureڪري ورتو. چو ته سچ جي مرڪزيت ختم ٿي ويئي ته واپاري دنيا پنهنجا فيشن ، گلئمر ۽ هيروز ۽ نوان تصور متعارف ڪرايا هڪ نئين پئرادم win + winجي ڳالهه ڪئي . جنهن جو مطلب ته پاڻيو به ڪٽي ته چور به ڪٽي . هاڻي سچ انفرادي استائل آهي ، حقيقت معياري نه پر نمائشي آهي . جنهن ڪري اجتماعيت جو تصور ختم ٿي ويو. قوم ذاتين ۾ پناهه وٺڻ لڳي ، قبيلن ۽ خاندانن ۾ ورهائجي ويئي. انهيءَ ڪري سنڌي قوم جي وحدت کي به ڪاري ضرب لڳي ويئي ذاتيون ۽ برادريون ايترو زور وٺي ويون جو سياست به برادري واري، مذهب به برادري ۽ ذات وارو، ادب به خاندان ۽ ذات پرستي جي بنيادن تي تخليق ڪرڻ لڳو. ماٺهو پنهنجن پيءَ، پٽ، پيٽ، زال، چاچو، ياءَ وغيره کي پڏائڻ لڳا. انهن جي ناما چاري ڪري ان تي ڏندي بازي ڪرڻ لڳا. وڏيري ان جو خوب فاعدو ورتو ، جو برادرين کي وڙهائي، سياسي خانن ۾ ورهائي حڪومت ڪرڻ لڳو.

پي طرف جديديت پڇاڻان عقليت تي وار ڪري ماٺهن کي هڪ دفعو وري انڌي تقليد ۽ وهمن جي بند گهٽي ۾ رولي ڇڏيو. جيتوٽيڪ جديديت پڇاڻان جو موقف آهي ته صداقت ۽ عقل کي مڪمل اختيار ڏيئي انسان گذريل سئو سالن جي تاريخ ناڪام گذاري آهي ، اڄ تائين کو اهڙو فڪر يا نظام نه آيو آهي جيڪو انساني مسئلن جو مڪمل حل ڏي يا وري انساني عقل عالمي معيار جو

اخلاق جو نظام ڏيڻ کان عاري رهيو. آهي. بلڪ اهو انساني عقل آهي جنهن ايٽم بم هٽي لکين ماڻهو ماريا.

پر پوءِ به جديديت پچاڻان هڪ دفعو وري عقيدي جي نئين بازار کولي ڇڏي . هن دفعي عقيدو روحاني نہ پر واپاري آهي. هاڻ مذهب تي يقين رکڻ رجعت پسندِي نہ پر هڪ نئون پئرادِم آهي ، ڇو تہ هر ماڻهو جي صداقت جو سچ پنهنجو آهي . تنهن ڪري طالبان جو تصور دنيا پلي ان کي دهشت گردي ڇوي پر جديديت پچاڻان مطابق هو پاڻ کي صحيح ثابت ڪن ٿا . ڇو تہ جديديت پچاڻان هڪ معروضي صورتحال آهي تنهن ڪري هڪ ڪرپٽ ، رشوت خور ماڻهو به پنهنجي صحيح هئڻ جا دليل ڳولي وٺي ٿو . دريدا چيو هو تہ ڪائنات جي هر شيءَ واضح ۽ صاف ڏسي نٿي سگهجي ، عقل ،تجربو ۽ وجدان به حقيقت جي تهہ تائين نٿا پهچن تہ پوءِ شين کي هڪ خاص نسبت ۽ چال ڏيئي سمجهي سگهجهي ٿو. تنهن ڪري تخليقڪار پنهنجي تخليق سان معنويٰ رشتو نٿو رکي . انهيءَ بنياد تي رولينڊ بارٿس پنهنجي ٿيوري death of Author ڏني هي طرف ڇو تہ رشتن جو.تعلق معنيٰ سان آهي. جديديت پچاڻان معنيٰ وڃائي ويني تہ رشتا به بي معنيٰ ٿي ويا . هاڻي رشتو واپاري ۽ گراهڪ جو آهي . زندگي جي هر پرت ۾ واپار ۽ منافعو ڪاهي پيو آهي.

سارتر جنهن وجودي اڪيلائي ۽ بي يار مددگار جي ڳالهہ ڪئي هئي ۽ ڪارل مارڪس جنهن ويڳاڻپ جي ڳالهہ ڪئي هئي. ان جي عملي شڪل Deconstruction کان پوءِ ظاهر ٿئي ٿي.

جديديت پچاڻان ۽ جنسِ
(Sex and Post Modernism)

جهڙي طرح جديديت ۾ اهو تصور هو ته دنيا ۾ن متضادن جو ميلاپ آهي بلڪل انهيءَ جي ابتڙ جديديت پچاڻان ۾ دنيا ۾ ڪجهه به متضاد ناهي، اهو اسان پنهنجي جڙتو ساخت قائم ڪري تضاد قائم ڪيا آهن . سيمون ڊي بوارا پنهنجي مشهور ڪتاب Second Sex ۾ اها ڳالهه چئي هئي ته " عورت پيدا نه ٿيندي آهي بلڪ سماج انهيءَ کي عورت ٺاهيندو آهي " ساڳي وقت اسان اهو به چئي سگهون ٿا ته مرد پيدا نه ٿيندو آهي بلڪ هي سماج انهيءَ کي ٺاهيندو آهي. انهيءَ جو مطلب ته جنس جي تفريق جو سبب سماجي ساخت جي ٺهيل آهي. پر فطرت جي ناهي. دريدا جڏهن Binary Opposition جو نظام ختم ڪري ڇڏيو. مرڪز ٽوڙي ڇڏيو. ته پوءِ جنس خود مختيار بنجي ويئي. ڇو ته جديديت پچاڻان جي پهرين دعويٰ اها آهي ته تضادن واريَ فرق جي بنياد تي جنس جي فرق کي جنم ڏيئي عورت جي مظلوميت جي ڪهاڻي ٺاهي ويئي آهي، تنهن ڪري هر شيءَ Unique آهي . جيڪڏهن هر شيءَ خود مختيار ۽ خود ساخته آهي ته پوءِ مرڪزي ساخت جي پرواهه ڇو ڪجي ؟ اهو ئي سبب آهي جو مردن به وڏا وار رکرائڻ ڇوڙي ڪرڻ ، ڪنن ۾ وڏا والا پائڻ شروع ڪيا . ٻي طرف عورت به مردانه ۽ عورتاڻا ڪپڙا مڪس پائڻ شروع ڪيا مردن وانگر شراب پيئڻ ، سگريٽ نوشي ڪرڻ فلرٽ ڪرڻ ، جوا کيڏڻ ۽ ڏوهه ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ان کان پوءِ جنسي آپريشنون ڪرائي عضوا بدلائي جنس جا ٻئي مزا وٺڻ شروع ڪيا . ڊاڪٽر جنگ چيو هو ته هر مرد ۾ هڪ عورت موجود هوندي آهي ، ۽ري هر عورت ۾ هڪ مرد موجود هوندو آهي جنهن کي هن

Anima and Animusجو نالو ڏنو هو . مطلب تہ نفسياتي طور کابہ جنس قطعي جنس ناهي البتہ هڪ جنس جو حصو وڌيڪ هئڻ ڪري انهيءَ جي شڪل هڪ جنس ۾ ظاهر ٿئي ٿي . فيمينسٽ تحريڪ جو بنياد اهو هو تہ جنسي تفريق ۽ جنسي متييد ختم ڪيو وڃي. جديديد پچاڻان جنسي متييد تہ ڏهيو پر جنس ئي ختم ڪري ڇڏي جنهن جو واضح مثال مائڪل جيڪسن هو. ڪير بہ اهو نٿو چئي سگهي تہ مائڪل جيڪسن ڪير هو عورت يا مرد؟ هن پلاسٽڪ سرجري ايترا دفعا ڪرائي هئي جو سندس اصل سچاڻپ گم ٿي ويئي ، بلڪ هن جي وجود کي اسان جادوئي حقيقت نگاري جو نمونو قرار ڏئي سگهون ٿا . هو عورت بہ هو ، مرد بہ هو ڪڏهن بہ هو تہ ايلين بہ هو. يعنيٰ هي بہ هو تہ هو بہ هو بلڪل جديديت پچاڻان وارو win+win هو بلڪل ائين ناچ جي اصل تصور کي گم ڪيو ويو آهي جو ورزش ۽ ٽينگ ٽپا رڙيون ملائي ناچ جو نمونو ٺاهيو ويو آهي. جنهن ۾ جنسي ايلين جو تصور موجود آهي اهو نمونو ميڊونا شروع ڪيو هو هاڻ عام جام آهي. يعني جنسي تجريد جو تصور . اڄڪلي هلي جنس کي ايڏا بہ تجريدي ٺاهيو ويو. مثال هم جنس پرستي جنهن ۾ Gays and Lesbianکي نہ صرف قانوني طور تسليم ڪيو ويو بلڪ انهن جي پاڻ ۾ شادي کي بہ قانوني طور قبول ڪيو . جڏهن تہ اڳ ساڳي جنس سان جنسي تعلق کي نفسياتي بيماري ۾ شمار ڪيو ويندو هو. تجريدي جنس جو بنياد حقيقت کان مٿانهون (Hyper Reality)جو هڪ مثال آهي. جنهن مطابق جنس کي واپاري دنيا پنهنجي منافعي لاءِ استعمال ڪري ٿي . عورت ۽ مرد جي حقيقي پر مسرت زندگي کي حقيقت کان مٿانهون ڪري جنس کي هوس ۽ هيڄ ۾ تبديل ڪيو ويو. واپاري دنيا عورت ۽ مرد کي هڪ پيٽ ٺاهي مارڪيٽ جي سونهن ٺاهي ڇڏيو آهي ، هيڄ ۽ هوس جي ڇت ڪتائي کي هٿي ڏيڻ لاءِ Viagra جي ايجاد ۽ ان جو ڦهلاءُ ڪيو ويو آهي، ايتري قدر جو جنس ۾ اذيت

پرستي جو عنصر شامل ٿي ويو آهي مثال ريپ ڪيس ، جنسي تشدد ، هارن سان ڏاڍائي جا ڪيس بيشمار سامهون اچڻ لڳا آهن. گلوبل دنيا ۾ سيڪس جي علامتي گڏي ناڻهڻ لاءِ ميڊيا شو ۽ عالمي حسن جا مقابلا ڪرائي عورت کي مڪمل واپار ٺاهيو ويو آهي ، ان کان پوءِ پلاسٽڪ سرجري دنيا ۾ وڏو انقلاب پيرپا ڪري ڇڏيو جو ماڻهو جي اصلي چهري مٽان تهن مٽان تهه ڏهندا ويا ، جيڪا مارڪيٽ جي ڊيمانڊ هجي ان مطابق پاڻ کي مڪي چڪي پيش ڪرڻو آهي، ڪيتريون عورتون پنهنجي شڪل و صورت کي تبديل ڪرايو اچن ، ڪيترا ئي مرد پنهنجي جسم ۾ تبديليون ڪرايو اچن. چهري کان وٺي جنسي عضون ، ڇاتيون، ڏڌا، ڏورا سڀ سرجري ذريعي جنسي ڇڪ مطابق ٺاهيا وڃن ٿا. اداڪارن کان وٺي شو بزنيس جي پوري دنيا ۾ اهو رجحان عام آهي پر هاڻ ته آفيسن ۾ ملازمت ڪندڙ عورتون به هڪ خاص قسم جي جنسي ڇڪ پيدا ڪرڻ لاءِ به پلاسٽڪ سرجري ڪرائن ٿيون. ان کان علاوه جنسي ڪلب، هيلٿ ڪلب ، جنسي ٽريننگ سينٽر به قائم ٿي چڪا آهن. جن ۾ نه صرف جسم جا نقش نگار تبديل ڪرڻ جو هنر سيکاريو وڃي ٿو بلڪ جنسي لڳ جا مزيدار طريقا به سيکاريا وڃن ٿا مثال Anal Sex ڪيئن ڪجي ، فلرٽ ڪيئن ڪجي، ڪس ڪيئن ڪجي ، جديديت پڃاڻان ڇو ته مارڪيٽ جي فطرت سماج ۾ نافض ڪري ٿي . ان لاءِ عورت جو مرد سان فطري ناتو تجريدي بنائڻ کان پوءِ جانورن سان ما ٺهن جو لڳ ڪرائڻ جا عجيب تجريدي طريقا به متعارف ڪرايا ويا جن جا تفصيل توهان کي انٽر نيٽ تي ملي سگهن ٿا.

ان کان علاوه sexy doll جو تصور ، جنسي عضون جو تصور به عام ٿي ويو آهي . سليڪان ۽ پلاسٽڪ ربڙ ۽ مختلف عنصرن مان اهي شيون ٺاهيون وڃن ٿيون. سيڪسي گڏي جو تصور به عجيب قسم جو آهي ، جو توهان کي گمان به نه ٿيندي ته هي نقلي عورت آهي ان جو جسم اهڙن عنصرن مان ٺاهيو وڃي ٿو

جو آرام سان اها وري ڦري سگهي ٿي. منجهس هڪ عورت وانگر گرمائش ۽ موجود آهي سيڪسي گڏي آواز ۽ ڪيي سگهي ٿي . امريڪا ۽ يورپ ۾ هيءَ گڏي وڏي مارڪيٽ ٺاهي چڪي آهي . هاڻي توهان ڪنهن ۽ چهري ۽ ڪنهن ۽ جسم واري گڏي جو آرڊر ڏئي ٺهرائي سگهو ٿا . امريڪا ۾ سيڪسي گڏي سان همبستري ڪرڻ جو جو جنسي Hyper reality جو هڪ اهم مثال آهي . نہ صرف ايترو بلڪ مرد جي جسم جا ۽ نمونا مارڪيٽ ۾ ميسر آهن.
جديديت پڇاڻان ۾ جنس کا شرم و حيا ، قدرن جي دائري ۾ نٽي اچي . بلڪ جنسي Activity هڪ عام تصور آهي جنهن کي مارڪيٽ استعمال ڪيو آهي .جڏهن عورت ۽ مرد جي تفريق ئي نہ رهي تہ پوءِ جنس معيوب ناهي. اهڙي صورتحال ۾ عورت يا مرد پنهنجي جواني کي وڪر وانگر مارڪيٽ ۾ ڪيش ڪرائي سگهي ٿو. جديديت پڇاڻان ۾ جيتوڻيڪ اهو چيو وڃي ٿو تہ عورت ۽ مرد جي تفريق ختم ٿي چڪي آهي پر مارڪيٽ ۾ استعمال ئي جنسي تفريق ٿئي ٿي هڪ طرف جنسي تفريق کي ختم ڪرڻ جا منظر ۽ توهان کي ملندا ٻي طرف جنسي تفريق اسعمال ڪرڻ جا منظر ۽ توهان کي ملندا . مثال يونيورسٽي ۾ ڪاليجن ۾ آفيسن ۾ چوڪرا چوڪريون بغير تفريق جي پاڻ ۾ پڙهن ٿا يا آفيسن ۾ ڪم ڪن ٿا . پاڻ ۾ ڪل پوءِ ۽ ڪن ٿا دعوتون ۽ ڪائڻ ٿا . ڪٽي تہ چوڪرا چوڪريون شراب نوشي ، سگريٽ نوشي ، شيشا پيئڻ ، جوا کيڏڻ، پڪنڪ ملائڻ ۾ برابر بغير تفريق جي گڏجن ٿا . ٻي طرف وري سرمائيداري سماج ۾ عورت کي گلئيمر جو ذريعو بنايو ويو آهي. جيڪڏهن سيڪريٽيري کپي تہ اها خوبصورت عورت کپي، اسڪول ٽيچر کپي تہ اها خوبصورت عورت کپي. ريسيپشنسٽ خوبصورت سمارٽ چوڪري کپي، اهڙي طرح ائڊورٽائيزمينٽ لاءِ سيڪسي عوت کپي جيڪا ماڻهو کي متوجہ ڪري . مطلب شيون وڪڻڻ لاءِ سرمائيدار جنس کي استعمال ڪري ٿو. ڏسڻ

وارو ان مان جنسي مزو وٺي ٿو . مثال هڪ مشهوري ۾ آئس ڪريم خوبصورت اڌ اڳهاڙي عورت چسڪا ۾ سسڪا پري کائي ٿي ، ان جو مطلب ته ڏسڻ وارو به آئس ڪريم کي خريد ڪري تصور ۾ انهيءَ عورت جو جنسي هز پرائي.

جديديت پڇاڻ فطري حقيقت جي نه پر مارڪيٽ جي تصوراتي حقيقت تي يقين رکي ٿي ان ڪري هر تصور جيڪو مارڪيٽ ۾ مشهور ڪيو ويندو، اهو ئي حقيقت هوندو. مارڪيٽ جي مشهوري سان گڏ ماڻهو کي به مشهور ٿيڻ جو شوق ڏياريو ويندو آهي ، جيترو ماڻهو مشهور هوندو جيترا ان جا فين هوندا اوترو مارڪيٽ ۾ ان جي قيمت وڌندي . مثال ٿي وي انڪر س ، ماڊل، وغيره. انهيءَ ڪري عورت پنهنجو مارڪيٽ ۾ قيمت وڌائڻ لاءِ پنهنجي جسم ، جواني ۽ خوبصورت ادائن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ، ان کان پوءِ به مشهوري نه ملي ته ته پوءِ مفت جا اسڪينڈل مشهور ڪيا ويندا آهن ، ڪنهن زمانہ بدنام عورت سان شادي ڪرڻ يا ڪنهن بدنام سياست دان سان شادي ڪرڻ، جا مثال به عام آهن. ماڻهو مارڪيٽ جي رحم و ڪرم تي آهي مارڪيٽ جنهن کي چاهي حور پري بنائي پيش ڪري جنهن کي چاهي ڪيرائي ڇڏي . ڪجھ ڏينهن اڳ توها ن هڪ گانو ٻڌو هوندو " پاپي چولو" توهان مان ڪنهن کي به خبر نه هوندي ته ان گاني جو مطلب ڇا هو. ان جي معنيٰ ڇا هئي ؟ پر سڀ ڏسو عورتون ، مرد ، ٻار سڀ پاپي چولو. چو ته هن گاني کي سيڪسي علامت ناهيو ويو هو. بلڪل اهڙي طرح مائڪل جيڪسن جي ڊانس ۽ گانا سمجھ ۾ اچن يا نه پر سڀڪو پيو ٻڌي . جديديت پڇاڻ دور اهڙو ئي آهي جنهن ۾ عقل گم ۽ سمجھ گم آهي. بس مارڪيٽ جي تصور پنيان دوڙندا رهو يا وري پاڻ تصور ناهيو ۽ مشهور ڪريو جي هلي ويا ته توهان ڪروڙ پتي ٿي ويندا . چو ته صحيح غلط سچ ڪوڙ جو قدر ته ٿئي ڇڪو آهي

، تنهن ڪري مشهور ٿيڻ لاءِ ڪنهن به اسڪينڊل کي کڻي سگهجي ٿو. مثال ڪنهن ڪتاب تي ڪوڙو ڪيس ڪري يا ڪنهن فلم تي سنسر وجهي مشهور ڪري سگهجي ٿو. يا ڪنهن ڪنهن عورت جو اڌ اگهاڙو گانو ايترو مشهور ڪريو جو هر ماڻهو جي آئڊيل اها عورت هجي .

جديديت پچاڻان ۾ جماليات جو تصور به بدلجي چڪو آهي. هاڻي جماليات فن ۽ فڪر جي وجداني تاثر جو نالو ناهي پر اسٽائيل جو نالو آهي. جيڪو اسٽائيل مشهور ٿي وڃي . اهو خوبصورت آهي. هاڻي اسان کي رفيع ، لتا مهدي حسن جا ڪلاسڪ فن ۽ فڪر سان ڀرپور گانا ڪونہ ملندا نہ وري ليلىٰ مجنون يا سهڻي مهيار جهڙو عشق ملندو ساڳي وقت هاڻ پاڪ دامن يا عصمت هٿ ديواني جو خواب آهي . هاڻ جنس ۾ ٻڌل هوس ۽ هيڄ کي اپارڻ وارا تصور توهان کي وک وک تي ملندا . محبت وفاداري ۽ حب ۽ سات جا تصور پراڻا ٿي ويا . بلڪ مدي خارج ٿي ويا .ڪلاسيڪل دور ۾ عشق هو، جديد دور ۾ پيار هو پر جديديت پچاڻان مر ڊيٽينگ آهي. ڪلاسيڪل دور ۾ ڏاهپ هئي جديد دور ۾ تعليم هئي پر جديديت پچاڻان ۾ صرف انفارميشن آهي.

جديديت پچاڻان ۽ مذهب

(Religion and Post Modernism)

کارل مارکس مذهب جي باري ۾ چيو هو ته " اهو حقيقت جو رنگين ۽ مسخ کيل عکس آهي . مذهب بذات خود کجهه به نه هوندو آهي پر ماڻهوءَ جي دماغ ۾ باهرين طاقتن ذريعي رنگ برنگي عکس پيدا کيا ويندا آهن جنهن ذريعي ماڻهوءَ جي روز بروز زندگيءَ کي کنٽرول کيو ويندا آهي"

کارل مارکس جي هن وصف ۾ جديديت پچاڻان جا چٽا عکس موجود آهن. ٿورو غور کريو . مسخ کيل عکس جيکي بذات خود کجهه به نه آهن پر حقيقت کان مٿانهان قبول کيا ويندا آهن. تنهن کري مذهب هک نئين حقيقت بنجي ايري آيو. جديد دور ۾ عقل ۽ سائنس زندگي جو مرکز هئا. هن جديد دور مذهب کي پنهنجي حيات جي نظام مان ئي کڍي ڇڏيو هو. جديديت پچاڻان وري مذهب جي مسخ کيل عکس کي بي دروازي کان نظام حيات لاڳو کري ٿي بلکل ائين جيئن خود جديديت پچاڻان جي وصف اها آهي ته سندس کابه وصف ناهي . جديديت پچاڻان ۾ مذهب کي رد ڇو کيو وڃي ٿو . انهيءَ کري ته مذهب مرکزي صداقت تي يقين رکي ٿو . جيکا ڳالهه جديديت پچاڻان جي دور ۾ رد کيل آهي ته کوبه " مطلق سچ" ناهي انهيءَ دعويٰ کي قبول کيو وڃي ته خود اها " دعويٰ مطلق" پنهنجو ئي رد ڏئي ٿي. جديديت پچاڻان کو به تصور رد نٿي کري بلک انهيءَ کي کمرشلائيز کري ٿي، جيئن انهيءَ جو مارکيٽ قدر وڌي. تنهن کري موجوده دور ۾ مذهب اهو ناهي جنهن جو تصور جاگيرداريءَ جي باقيات طور جديد دور ۾ شامل هو. جديديت پچاڻان ۾ سچ جو تصور هر ماڻهو لاءِ جدا آهي . جيکا شيءَ مادي طور فاعدي مند آهي اها سچي آهي پوءِ اها شيءَ پلي بي لاءِ

نقصانڪار ڇو نہ هجي . انهيءَ ڪري پاڪ ڪتابن مان هر ماڻهو پنهنجو مطلب ۽ معنيءِ ڪڍيو وڃي .جيڪڏهن ٻيڇ گهڙڻ (Deconstruction) جو عمل پاڪ ڪتابن تي ڪيو وڃي تہ سندن مرڪزيت ۽ "مطلق حڪم" ڏنّي پرزا پرزا ٿي سگهي ٿو. پر موجوده دور ۾ بلڪل ائين ٿي رهيو آهي . ڇو تہ جديديت پڇاڻان معروضي بنيادن ۽ صداقتن کان انڪاري آهي انهيءِ ڪري ماڻهو پنهنجون صداقتون تخليق ڪرڻ لڳا آهن. جديديت پڇاڻان انهن سيني فرقن کي قابلِ قبول ۽ درست قرار ڏي ٿي . انهيءَ ڪري تہ هر تصور قابل قبول آهي. پر عملي طور سماج ۾ ان وقت تباهي شروعات ٿئي ٿي جڏهن سيني جا مفروضا پاڻ ۾ ٽڪرائن ٿا ، فطري طور ماڻهو ٽوٽڪا، آڪاڻي مفروضا ٻڌڻ جو شوقين آهي ، مارڪيٽ صرف انهيءَ شوق کي ڪمرشلائيز ڪيو آهي . تنهن ڪري سيني تضادن جو حل وري win +win ۾ آهي تہ تون پنهنجي جڳهہ تي درست آئون پنهنجي جڳهہ تي درست.

ڪارل مارڪس مذهب بابت چيوهو تہ مذهب ماڻهو جي لاءِ آفيم آهي . جاگيرداريٰ زرعي سماج ۾ سادي زندگي پر بامعنيٰ هئي ڇو تہ ان سماج ۾ انسان روحاني طور پر مسرت هو ، عقيدو ڪيس فطرت جي بي پناهہ حيرانگي ۾ ٽانيڪو رکندو هو ، خود ثقافت جو روحاني پاسو ماڻهو جي مڃان حاوي هو. جديديت ۾ سائنس ۽ مذهب ۾ ٽڪراءُ رهيو . ماڻهن مذهب کي رجعت پسندي ۽ وهمن وسوسن جي دنيا سمجهيو. جديديت پڇاڻان ۾ مذهب خود جديد ٽيڪنالوجي ۽ ڪمرشلائيز ٿي زندگي ۾ داخل ٿي ويو هاڻي فطرتي ڪلچر ناهي تہ ماڻهو ڇا ۾ پناهہ وٺي ؟ مشيني ۽ مقابلي بازي واري زندگي ۾ ماڻهو اڪتائجي وڃي ٿو ، ٻيو تہ ماحولياتي آلودگي جي وڌڻ ڪري لکين بيمارين جا نوان قسم ظاهر ٿيا آهن جن کي سائنس منهن نہ ڏئي سگهي آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ ۽ سوشلسٽ نظام جو ختم ٿيڻ جي ڪري بہ هڪ نسل کي

مايوسي پلئه پئي. عين ان وقت ملان ڪمپيوٽر ڪٽي توهان کي جديد ٽيڪنالوجي کي استعمال ڪندي مذهب جي تشريح ڪرڻ لڳو. جاگيرداري ۽ جديد دور ۾ ملن جو ڪردار ڏٺڙيل ۽ لولا پني ڪائينڊ هو ، پر جديديت پچاڻان ۾ ملان وڏو ڪارآمد بنجي ويو . هو جديديت پچاڻان جا پيدا ڪيل عڪس ، مفروضا ، جملا ، ٽوٽڪا استعمال ڪندي ٽلهو ٽنيرو ٽي پيو. نتيجي طور ماڻهو هڪ دفعو وري وسوسن ۽ وهمن ۾ گهيرجي ويو. هاڻي وسوسا ، وهم روحاني ڪاتي ۾ نه مادي ڪاتي ۾ آهن هاڻ پير جديد ڪارن ۾ گهمن ٿا ٽيڪنالوجي استعمال ڪن ٿا . مذهبي ڏهاڙا جديد ٽيڪنالوجي استعمال ڪندي ملها يا وجن ٿا. بلڪ زندگي ۾ انهن ڏهاڙن ملهائڻ جو رواج مادي طور ايترو سگهارو ٽي ويو آهي جو پلي ڪيترو سڪيورٽي رسڪ هجي ، ماڻهن جو ڪاروهنوار ٽپ ٽي وڃي ، ڪروڙين رپيا سڪيرٽي تي خرچ ٽين پر پوءِ به جلوس ڪيڏا آهن ، مذهبي ڏهاڙا ملهائڻا آهن . مذهب مادي ڏيڪاءَ جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي. مثال عيد تي قرباني ڪرڻي آهي ته بڪر وڻي گهٽين ۾ گهمائڻو آهي يا وڏي قيمت پري مشهوري ڪرڻي آهي ، اهڙي طرح ميلاد هجي ، يا مجلس باقائده وڏا اهتمام ڪيا وجن ٿا ، اسان وٽ هڪ ڪلارڪ آهي جنهن سڄي زندگي رشوت وٺي پنهنجي ٻچن کي ڪارائي پگهار بئنڪ ۾ جمع ڪندو رهيو ، پوءِ هڪ ڏينهن ان پگهار مان حج ڪيائين ۽ اعلان ڪيائين ته مان پنهنجي حق حلال جي ڪمائي مان حج ڪري رهيو آهيان . سيني جي نيت تي شڪ ناهي پر گهٽا ڏيڪاءَ لاءِ ڪن ٿا ته جيئن اهي مذهبي ڪم ڏيڪاءَ ۾ اچن جي ڪو ماڻهو ڏيڪاءَ نٽو ڪري ته ان کي ديندار يا مذهبي نٽو مڃيو وڃي. چو ته هاڻي جديديت پچاڻان تصورن کي حقيقت کان مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري صالح ٽيڻ جون نصيحتون ماڻهو تي ڪوبه اثر نٿيون ڪن ايتري قدر جو دهشت ناڪ واقعا به ماڻهو تي اثر نٿا ڪن .

چو تہ سڀ کجھ واپار آهي انهيءَ کري کابہ جنگ آخري ناهي کابہ مهم نتيجي لاءِ ناهي . مثال پاکستان ۾ پوليو خلاف ڦڙا پئيارڻ جي مهم هلندي آهي پر پاکستان ۾ پوليو ايان وڌي پيو. ختم نٿو ٿئي ، چو تہ پوليو جا ڦڙا پيئارڻ هڪ واپار آهي ، باهرين ملکن مان پئسا ملن ٿا هتي وزير ، ڊاکٽر ، کامورا انهيءَ مان ڏوءَ کن ٿا هنن جو دماغ خراب آهي جو پوليو بيماري ختم کن . بلکل ائين طالبان بہ هڪ واپار آهي ، آفيم ، هيروئن هٿيارن جي اسمگلنگ طالبان ذريعي ٿئي ٿي ، دنيا جا ملک طالبان کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال کن ٿا ، انهيءَ کري طالبان ختم نہ ٿيندا . جديديت پچاڻان ۾ ختم صرف اها شيءَ ٿيندي جنهن جو واپاري کارج نہ هجي . جنهن جي مارکيٽ ۾ گهرج نہ هجي . مثال علم جو واپري کارج ناهي صرف هنر، ٽيکنڪ، معاشيات جو کارج آهي ، انهيءَ کري ڊگريون جعلي ملن ٿيون . اهڙي طرح روحانيت جو کارج انسانيت پسندي آهي ان کري روحانيت جي گهرج مارکيٽ ۾ ناهي . انهيءَ کري عامل ،جعلي پير مارکيٽ ۾ اچي ويا آهن. توهان ڏسندا تہ اڄ کلهہ ٽي وي تي پيرن ۽ عاملن کي گهرائي عورتن جا جن کڏيريا وڃن ٿا يا کو نجومي کمپيوٽر تي ستارن جي علم ذريعي ماڻهن جي قسمت جو حال ٻڌائيندو آهي . توهان ڏسندا تہ ايترا شوشا ڏيکاريا ويندا آهن جو ماڻهو کنفيوز ٿي پوندو آهي تہ آخر چا کري . اهڙي طرح مسئلا اڃا وڌندا رهن ٿا.

جديديت پچاڻان انهن تضادن ۽ مسئلن کي کٽي دوستانہ سماج (win+win) قائم کرڻ چاهي ٿي . اهو سماج جنهن کي هٿ وٺي منتشر ۽ چڙوچڙ کيو ويو آهي. جنهن ۾ واپار ۽ نفعو کمائڻ، دولت هٿ کرڻ جي ڊوڙ ۾ سڀکو ڊوڙي رهيو آهي.

دنيا ۾ کو به مذهب مادي حصول ۽ مادي رتبي جي هوس جو درس نٿو ڏي نه وري انا ۾ گم ٿيڻ ۽ غرور ۾ ڏيکاءَ پرستي جو درس ڏي ٿو. بلڪ مذهب جو بنياد روحاني طور ماڻهن کي ٽانيکو ڪرڻ ۽ هڪ اهڙي اخلاقي نظام جي صداقت پيش ڪرڻ آهي جنهن ذريعي هڪ انساني سماج قائم ٿئي .

سنڌ جي صوفين انهيءَ رمز کي سمجهيو. پر انسانيت پسندي ، پيار ، جنهن ۾ نيتن جو عمل دخل هجي ، دلين جو قرار ۽ آنند هجي ان مان مارڪيٽ کي ڪهڙو فاعدو؟؟ ٻيو ته جيڪڏهن مذهب نوجوانن کي فرضي ۽ جڙتو مادي مسئلن ۾ نه ورهائي ته پوءِ حڪمرانن کي ڪهڙو فاعدو؟ امريڪا ، سوويت يونين خلاف مذهب کي وچ ايشيا ۾ هڪ وڏي هٿيار طور ڪتب آندو.

جديديت پڄاڻان ۾ دنيا جو 80 سيڪڙو سرمايو فضول جڙتو مسئلن کي پيدا ڪرڻ ۽ انهن تصور کي اپارڻ ۾ خرچ ٿئي ٿو . ته جيئن ماڻهو صرف مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي رهن سندن ڪابه سوچ نه هجي اهڙو طلسمي سحر جنهن ۾ ماڻهو خوشي سان گم ٿيڻ قبولي ۽ پاڻ کي برباد ڪري ڇڏي

جيئن سامي چيو هو ته

مايا پلائي وڏا ، جيءَ جهان جا
وڏائين ول چل سان ، انڌا ٻڏي ٽوئي
سامي ڏسي کين کي منهن مڙهي پائي
ڪو ست گر جاڳائي ته جاڳي جڙي پاڻ سين.

يا وري ڪنهن شاعر چيو هو ته

وه اس قدر کهيلا تها، عشق کي بازي
مين فتح سمجهتا رها، مات هوني تک.

جديديت پچاڻ ۽ پاڪستان

Post Modernism and Pakistan

عام طور سان جديديت جي خلاف رد عمل کي جديديت پچاڻ چيو ويندو آهي. جديديت پچاڻ جي دانشورن جو چوڻ آهي ته جديد دور ۾ ضدن جو نظام استحصال جي گنجائش پيدا ڪري ويو. مثال سرمائيدار مزدور جو ضد، جاگيردار جو هاري ضد، عورت جو مرد ضد، امير جو غريب ، سچ جو ڪوڙ ضد وغيره . ان کان علاوه جديديت سيني رنگن کي پوئي هڪ رنگ ۾ ڏسڻ جي عادي آهي. پر جديديت پچاڻان نه صرف ضدن کي رد ڪري ٿي بلڪ سيني رنگن کي انفرادي چمڪ ڏمڪ سان قبول ڪري ٿي. يعني طبقاتي نظام کي ائين ختم ڪري ٿي ته طبقا دائمي ناهن عين ممڪن آهي ته جتيون ڳنڍڻ وارو ڪارخاني جو مالڪ بنجي ويجي، ۽ ڪارخاني وارو فٽ پاٽ تي اچي ويجي . بلڪل ائين جيئن ڪو شيدي سياست ڪري صدر ٿي ويجي وري سيد پٽيوالو هجي . بلڪل ائين جو مولوي خاڪروب جي نوڪري وڻي. جديديت پچاڻان ۾ ڪوبہ ڪردار دائمي يا جڏادار ناهي، انهيءَ ڪري جديديت پچاڻان طبقاتي تضادن کي رد ڪري ٿي .

اڄ جي دور ۾ ڪارل مارڪس وارو پرولتاري ناهي رهيو. بلڪ پرولتاري کي بہ سرمائيدار ٿيڻ جو موقعو ميسر آهي. اهو سوال ته اڳ ۾ ئي رد ٿي چڪو آهي ته غلط ۽صحيح ڇا آهي . معنيٰ جيڪڏهن بلوچستان جي وزير اعليٰ جو اهو جملو عين جديديت پچاڻان مطابق آهي ته " ڏگري ڏگري هوندي آهي اصلي ۽ جعلي ڇا آهي ؟ " بلڪل ائين طبقن جي تبديلي انفرادي طور سرگرم عمل آهي . توهان ڏٺو ته ڪنگ مارٽن لوٿر جي ايارين تحريڪ ته نسلي طور امتياز ختم ڪيو وڃي . اڄ جي دور ۾ معنيٰ وڃائي ويٺي آهي ، ڇو ته هاڻ قوم ، نسل ، گروهہ يا ڪنهن بہ اجتماعيت جو مسئلو ناهي . هاڻ فرد آهن ، ساڳي قوم يا نسل جو ڪو فرد بادشاهہ آهي ته ڪو فرد فقير آهي . ڇو ته حقيقي ڪردار، حقيقي مسئلا ۽ حقيقت ته ڪابہ معنيٰ نٿي رکي. تنهن ڪري ڪردار

سڀ مارڪيٽي آهن. نسل پرستي ، ذات پرستي، اقليت پرستي هاڻ صرف نعرا آهن واپار لاءِ جن کي استعمال ڪري ناڻو ڪمايو ويندو آهي . مثال ڏ ۾ ڏٺڙيل ۽ غريب ماڻهن رهن ٿا ، ٻار روز مرن ٿا پر اهي اشو صرف خبر آهن جيڪي ميڊيا ، اين جي اوز ۽ سياست جي واپار کي وڌائين ٿا . ڏ جي حالت ايا ب خراب ٿيندي ، ها البت ڪجھ ڏري انهيءَ اشو مان فاعدو وٺي ارب پتي ٿي سگھن ٿا. اهڙي طرح اقليت جو تصور آهي . هندو يا عيسائي هن ملڪ جي اقليت ۾ شمار ٿين ٿا . عام طور چيو ويندو آهي ته اقليت پاڪستان ۾ آزار ۾ آهي متن ظلم ٿئي ٿو. پر حقيقت ته اها آهي ته انهن کان وڌيڪ ظلم اڪثريت تي ٿئي ٿو. ڪجھ اقليتن جا فرد ارب پتي آهن ، هو استحصالي طبقي ۾ آهن، اقليت جديديت پڃاڻان ۾ ڪا معنيٰ نٿي رکي امر جليل هڪ دفعو ڪنهن سوال جي جواب ۾ چيو هو ته جيڪڏهن منهنجو نڪ هڪ آهي اکيون ٻه ته پوءِ منهنجو نڪ اقليت ۾ آهي . اهڙي طرح وار سيني کان وڌيڪ اڪثريت ۾ آهن پر دل اقليت ۾ آهي پوءِ ب زندگي دل کان سواءِ ناهي. اهڙي طرح ڏنو وڃي ته دولت يا طاقت جنهن وٽ آهي. اهو اقليت ۾ ناهي پر جي ڪو غريب آهي ته اڪيلو رڙيون پيو ڪندو.

ڏن وتي کو ڪانڊا لگا ، دوڙي غير هزار
اور نر ڏن گرا پھاڑ سي ڪوئي نہ آيا يار.

پر خود مظلوميت هڪ خوبصورت نعرو آهي، جنهن کي استعمال ڪري اقليت ۽ ميڊيا خوب فاعدو وٺي ٿي. هاڻي اقليت جو تصور ڪلي ناهي جزوي آهي. ڇو ته جديديت پڃاڻان ڪنهن جي ب اجتماعيت ۽ ڪليت کي ٽوڙي ڇڪي آهي. هاڻ ڪو پيل بادشاھ ٿي سگھي ٿو. پر ان جو مطلب اهو نہ هوندو ته سڀ پيل مزي ۾ هوندا . بلڪل اهڙي طرح ڪا عورت وزير اعظم ٿي ته ان جو مطلب اهو نہ هوندو ته هاڻ عورت مڪمل طاقت ور ۽ آزاد آهي . پاڪستان ۾ مجموعي طور مظلوم ۽ ظالم جو ڪردار گڏ وڇڙ ٿي ويو آهي. ڪو ظالم توهان کي رڙيون ڪندي نظر ايندو ته ڪو ظالم مظلوم بنجي ڳوڙها پيو

ڳاڙيندو. مثال سنڌي قوم غلام آهي يا آقا . ظالم آهي يا مظلوم پر اهو نعرو سياست کار ۾ ميڊيا لاءِ هڪ واپار آهي ، کاروبار آهي جيڪڏهن ميڊيا جي سربراهه کي ٻڌسا وڌيڪ مليا تہ هو سنڌي قوم کي ظالم يا نالائق ڪري پيش ڪندو. خود سنڌين جي لاءِ سياست ڪرڻ وارو سنڌين کان پٽہ خوري ڪندو يا سنڌي وڏيرو ڏاڙيل پالي سنڌين کان قرلٽ ڪرائيندو.

جديديت پچاڻان جو اهم ٽنب ميڊيا آهي. سڄي سماج کي حڪمرانن ۾ عام ماڻهن جي راءِ ميڊيا ٺاهيندي آهي. دنيا ۾ ميڊيا واپاري مقصدن لاءِ استعمال ٿئي ٿي . واپاري مقصدن تحت خبرون ٺاهڻيون آهن ۽ واپاري مقصدن تحت خبرون گم ڪرڻيون آهن. برٽرينڊ رسل چيو هو تہ "جي صحافي سڏري وڃن تہ دنيا سڏري ويندي" سو صحافت بہ هڪ واپار آهي، خبرن جي ذريعي بليڪ ميلنگ ڪرڻ ۾ ناٽو ڪمائڻ اڄ ڪلهہ جي صحافت آهي . مثال سڄي سنڌ ۾ روڊ ٽٽي چڪا آهن، . لکين ماڻهو اذيت پيا پوڳين . اسان جي ڳوٺن ۾ قبضہ گيري جي ڪري روڊ بند ٿيو وڃن، اسٽاپن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماڻهو قاتل رهي ٿو. پر صحافي ڪونہ ڳالهائيندو. پر جي انهن کان قبضوچڏايو وڃي تہ صحافي ڪئميرا کڻي اچي ٻيهي رهندو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ طبي سهوليتون ختم ٿي چڪيون آهن . صرف ڪراچي ۾ حيدرآباد ۾ هڪ بہ اسپتالون ملنديون باقي ڪٽي بہ ڪابہ ايمرجنسي حل نہ ٿيندي. ماڻهو روز مرن ٿا. پر بجٹ ڪاڇيو وڃي. تعليم ڏسو تہ سنڌ ۾ ٻڙي تي بيٺي آهي. بجٹ وڏيرو کايو وڃي. پر صحافي چپ .! پر شل نہ ڪا گهر کان پڇي ٽي وي جي خبر ٽهي ويڻي ، ڪو بم ڦاٽي تہ صحافت جي چاندي ٿيو وڃي. رڳو من گهڙت اشو ڪپن

اصل مسئلن کي تہ لکائڻو آهي. عوام جي حالت ڏسو. غنده گردي ، وڏيره گردي عروج تي آهي .پر صحافي سنسي خيز خبرون ٺاهڻ ۾ لڳو پيو آهي . توهان صبح جو ڪو سنڌي چئنل کوليو صرف لاشن جون تصويرون توهان کي ڏيکاريون ويندیون . ميڊيا لاءِ اهو اشو اهم آهي تہ عمران خان جي ڪنوار

ميڪ اپ ڪيترو ڪيو. عمران خان زال کي طلاق ڏيئي ڇڏي يا شيخ رشيد شادي ڇو نٿو ڪري ؟

ميڊيا روز نوان اشو پيدا ڪري ٿي ۽ حقيقي مسئلا لڪائي ٿي . جديديت پچاڻان حقيقت کان مٿانهين حقيقت جي دنيا متعارف ميڊيا ذريعي ڪرائيندي آهي. خود پاڪستان به Hyper Reality جي پيداوار آهي. جتي هميشه غير حقيقي اشوز تي مسئلا پيدا ڪري سياست هلي آهي . ۽ قوم کي ان غير حقيقي رستي تي سالن کان هلايو پيو وڃي. اسان جمهوريت لاءِ 50 سالن کان سڪندا رهياسين پر جمهوريت نٿي آئي ۽ هاڻ جمهوريت جان نٿي ڇڏي. ڇو ته جهموريت هن ملڪ ۾ خيالي تصور آهي. هڪ افسانوي ڪهاڻي آهي، جنهن جا 20 ڪروڙ ڪردار آهن. ڪي ڪردار ديو مالائي آهن. ڪي راکاس آهن، ڪي ڪارونَ آهن ، ڪي فرعون آهن ته ڪجهه ڪردار ٻوت بنجي ويا آهن ڪجهه ڪردار مرد ته ڪجهه تاڙين وڄائڻ وارا آهن. ڪي ڪردار مرن ٿا ڪي ڪردار مارين ٿا ۽ گهٽا ڪردار شيزوفرينڪ آهن. ڪي ائبنارمل آهن . مطلب ته حقيقي ڪردارن جي زندگي هتي ناهي.

توهان سوچيو ته هن ملڪ مان طالبان ختم نه پيا ٿين . ڇو ته 20 سالن جي اٽڪ جدوجهد سان طالبان پيدا ڪيا ويا هئا. ضيا شاهي جي دور ۾ فرقي پرستي ، توهم پرستي ، بنياد پرستي کي هٿ وٺي ايارين ويو هو . هاڻي پاڪستان ۾ واحد مدرسي تعليم آهي جيڪا مفت ۾ ڏني وڃي ٿي شاگردن کي ماني به ڪارائي وڃي ٿي رهڻ لاءِ جڳهه به ملي ٿي ، تعليم به ملي ٿي . پر اسڪولي تعليم مهانگي آهي، اهڙي طرح سعودي امداد سان جڳهه جڳهه تي مدرسه ڪلي رهيا آهن. جيڪي نئين نسل کي فرقن بندي ۾ ورهائيندا ۽ جنون ايا به وڌندو. پهرين طالبان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪربين رپيا امداد ايندي هئي هاڻي وري طالبان کي منهن ڏيڻ لاءِ امداد ايندي آهي. طالبان ختم نه ٿيندا ڇو ته هن افساني جا نفعي بخش ڪردار طالبان آهن.

جديديت پڇاڻان

جديديت ۾ مرڪزيت هئي ، سڄ ۾ ڪوڙ جي جنگ هئي ، انهيءَ دور جون روايتون ۽ فيشن گهٽا مٿئين طبقي مان هيٺين طبقي ۾ ترقي يا آفت ملڪن مان ترقي پذير ملڪن ۾ ايندا هئا. پر جديديت ان جي ابتڙ آهي . هاڻ مرڪزي ميڊيا ۽ گلوبل وليج ۾ جيئو پر علاقائي روايتن کي مارڪيٽ لاءِ استعمال ڪريو. انهيءَ ڪري جديديت پڇاڻان اتي وڌيڪ پروان چڙهي سگهي ٿي جتي چڙواڳي آهي ، انارڪي آهي ، جتي ڪابہ روايت يا قدر ماڻهو کي مارڪيٽ کان بچائي نہ سگهي. ڪوبہ قانون نہ هجي "جيڪو ڏاڍو سو گابو هجي" معنيٰ مرد چاهي تہ ڪڙو بنجي پني ، عورت چاهي تہ طواف بنجي دنيا جي حسين ناماچاري عورت بنجي ويجي، ڪير چاهي تہ پنهنجي اولاد کي کهي ڇڏي يا قتل عام ڪري . چاهي تہ گهٽي تي قبضو ڪري ، چاهي تہ ڦگي ڪلي عام ڪري . جيڪو وڻيس سو ڪري ڇو تہ هر ماڻهو کي پنهنجي مرڪز کان ڌار ڪري انفرادي چڙواڳي ڏني ويئي آهي. هاڻ اهڙي انارڪي صرف پاڪستان ۾ آهي انهيءَ ڪري جديديت پڇاڻان لاءِ هيءَ زمين زرخيز آهي. اهڙي چڙواڳي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ آهي، اهي پنهنجي رياست کي بچائڻ لاءِ تي قانون جون بندشون وجهن ٿا .يعنيٰ اتي چڙواڳي هڪ بهترين قانوني دائري ۾ موجود آهي. مثال مرد کي اهو حق آهي تہ پي.مرد سان شادي ڪري، پر پي مرد قتل ڪري نٿو سگهي. اسان وٽ ملان جنت جا خواب ڏيکاري نوجوان کي بم ٻڌي خود ڪش حملي لاءِ تيار ڪري ٿو هوڏانهن وري ملٽي نيشنل ڪمپنيون دولت ۽ مادي عياشين جي دنيا ڏيکاري ماڻهو کي پاڻ وڪڻڻ لاءِ تيار ڪن ٿا . طالبان هتي بہ آهي تہ هُتي بہ آهي. هتي جو طالبان بہ سهانا خواب يا دولت جي هوس ۾ پنهنجي جسم کي اڏائي ٿو ڇڏي . هوڏانهن وري عورت اسٽيٽس ، فهم ۽ دولت لاءِ پنهنجي جسم جا ڏگرا ڪڍيو ڇڏيو. يا وري ڪو مرد دولت خاطر پڙوي جو ڪردار ادا ٿو ڪري. فرق صرف انفرا اسٽرڪچر جو آهي سپر اسٽرڪچر ساڳيو آهي. بلڪ هتي تہ جديديت پڇاڻان مرڪز مائل آهي. اها مرڪزيت انفرا اسٽرڪچر ۽ قانون جي گرفت جي آهي. پر اسان ان کان آجا

جديديت پجاڻان

آهيون. اسان وٽ جديديت پجاڻان سماجي ۽ سياسي وڏيڪ آهي. هوڏانهن وري فڪري ۽ ادبي وڏيڪ آهي. اسان سپر طاقتن جو جائز"ناجائز" اولاد آهيون بلڪ اسان جديديت پجاڻان جي "بازار حسن " آهيون. هيستائين اسان کي سوويت يونين جي قائم هئڻ پي هلايو ڇو ته ان وقت مجبوري هئي ته مارشلا لڳي ۽ قانون بہ سخت هجي ته ترقي پسند ماڻهو ڪنڌ نہ ڪٽي سگهي پر هاڻي مارشلا جي لاءِ وس ڪنداسين پر نہ لڳندي. مُردن جي هيءَ جنگ ڪٽي دنگ ڪندي ڪير نٽو پڏائي سگهي. ؟ اسان هن نظام جي خلاف ڳالهايون ٿا ته چون ٿا توهان مايوس آهيو ۽ paranoia جا شڪار آهيو. اسان کي بہ خبر آهي ته هي عارضي Transactionوارو دور آهي . دنيا جڏهن بہ سرمائيداري جي گلوبل وليج ۾ تبديل ٿي آهي ته وڏي تباهي کان پوءِ تبديلي آئي آهي. مثال 1914ع ۾ دنيا جا ڪجهہ ملڪ سڄي دنيا تي قبضو ڪري دنيا کي گلوبل مارڪيٽ ٺاهي ڇڏيو هو ان وقت عالمي جنگ لڳي ۽ وڏي تباهي کان پوءِ سوويت يونين جو انقلاب آيو. وري 1940ع ۾ دنيا چند سامراجي ملڪن جي قبضي هيٺ اچي ويئي هڪ طرف امريڪا، برطانيہ ، سوويت يونين، ته ٻي طرف جرمني، جاپان، اٽلي، سڄي دنيا گلوبل مارڪيٽ هئي برطانيہ لاءِ چوندا آهن ته ان سلطنت جو سج ئي ڪونہ لهندو هو. توهان ڏٺو تاريخ ۾ ٻي عالمي جنگ لڳي جنهن ۾ تقريبن 4 ڪروڙ ماڻهو ماريا ويا. ان کان پوءِ دنيا ۾ 30 ملڪ سوشلسٽ بنجي ويا. تيزي سان انقلاب اچڻ لڳا. سو وري بہ تاريخ ان موڙ تي اچي بيٺي آهي. هڪ وڏي تباهي ايندي دنيا جي اڌ آبادي ختم ٿيندي ان کان پوءِ وري نئون سماج جنم وٺندو.

آغا شورش ڪاشميري خوب چيو هو ته

ميري وطن کي سياست کا حال، مت پوچو
گري هوئي هي طوائف، تماش بينون ۾

جديديت پڇاڻان جو زمان ومڪان

Time and Space in Post Modernism

فيڊرڪ جيمس (Fredric Jameson) چيو هو ته جيڪڏهن جديديت پڇاڻان هڪ تاريخي حقيقت آهي ته ته پوءِ سندس اهڙيون ڪاوشون سامهون اچڻ گهرجن جنهن سان ڪو انساني ، اخلاقي، ثقافتي ۽ معاشي نقش پيش منظر اچڻ گهرجن . جنهن سان اسان کي اهو احساس اجاگر ٿئي ته شايد اسان جديديت پڇاڻان کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي .

جڏهن اسان تهذيب ، فطرت ، اخلاق ،قدر ۽ ثقافت جي ماضي ۾ جاچ ڪريون ٿا ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهه سامهون اچي ٿي اهي سب سلسلا تاريخ ۾ ڦهليل آهن جن جو زمان و مڪان ئي سان واسطو اهي. ڪارل مارڪس جڏهن تاريخي مادييت ۽ جدلياتي مادييت جي ڳالهه ڪئي هئي ته هن زمان و مڪان ۾ ڦهليل طبقاتي ڪشمش ۽ تاريخ ۾ فرد جي ڪردار واضح ڪيو هو. جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهه ثابت ٿي ته تاريخ ٽن حصن ۾ ورهايل آهي هڪ ماضي جي ٻيو مستقبل جي ٽيون حال جي . هنن ٽنهي صورتن ۾ انسان ۽ سندس معاشي نظام اهم جڳهه والاري ٿو. انسان جي ناهيل پيداواري اوزارن مستقبل کي ماضي کان ڌار ڪرڻ شروع ڪيو. يعني تبديلين جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿئي ٿو. انهيءَ سڄي عمل ۾ فطرت هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، جنهن ۾ انساني ثقافتي سرگرمين ذريعي هڪ تاريخ ٺهي ٿي. فطرت ۾ انسان جا روزمره واقعا پيداواري رشتا ۽ پيداواري اوزار ۽ جاگرافيائي حالتون ملي ڪري قوم جي نفسياتي ساخت ناهيندا آهن. انهيءَ سڄي نظام جي هڪ پنهنجي ساخت هوندي آهي. جيئن سنڌ جي ساخت جو مرڪز سنڌي ماڻهن جي نفسياتي ساخت، اخلاقي قدر، سنڌي ٻولي ۽ صوفي فڪر هو. اهي سڀ عنصر سنڌ جي

زمان و مڪان ۾ شامل هئا. سنڌ جي ثقافتي سلسلي جو پس منظر ئي آهي جو ماڻهو پنج هزار سال جي پراڻي تاريخ سان پنهنجو ناتو جوڙين ٿا.

اسان اڪثر پڌندا آهيون ته وڏيرو يا سنڌ جي ثقافت جو اهم حصو هو. ان جا قدر هئا. صرف ان ڪري ته وڏيرو سنڌ جي ساخت جو حصو هو. ان جو مرڪز اخلاقي قدر ۽ صداقت جو سرشتو هو. غيبي خان چانڊيو سماجي طور اخلاقي ۽ بزرگي جي ڪري سيني جي مٿان هٿ رکندو هو ته سندس خاندااني زمان جي تاريخ هئي. هو پنهنجي مڪان ۾ انهيءَ جو تسلسل هو . نتيجي طور هن کي قدر ورثي ۾ مليا انهن قدرن جي سنڌ ۾ ساخت موجود هئي . پر جيئن ساخت ٽٽي قدرن ۽ فڪر جو مرڪز ٽٽي ويو ۽ صداقت جهڙي ڪابه شيءَ نه رهي نتيجي طور وڏيرو هڪ طاقتور ظالم ۽ چڑواڳ شڪل ۾ ظاهر ٿي ايريو. جنهن جو ڪو به دين ايمان نه رهيو.

فطرتي طور زمان ماضيءَ جو تسلسل هوندو آهي. جنهن کي اسان تاريخ چوندا آهيون ان جي هڪ سري تي اسان جي وجود جو ماضي ته ٻي سري تي اسان جو حال هوندو آهي. جديديت پڃاڻان اسان کي حقيقتن کان مٿانهين حقيقت(Hyper Reality) ذريعي اسان کي ماضي کان ڪٽي ڇڏيو. ۽ تاريخ جو خاتمو ٿي ويو. جديديت ۾ جيڪڏهن اسان مارڪيٽ مان ٿي وي وڃندا هئاسين ته لڳ ڀڳ هڪ صدي تائين ٿي وي جي تاريخ هئي. بلڪ بليڪ وائيٽ کان رنگين ٿي وي جو سفر به اڌ صدي جو آهي. پر اوچتو رنگين ٿي وي ۽ LCD ڏسندي وري هڪدم LED وري سمارٽ ٿي وي ايترو تيزي سان جو ماڻهو وائڙو ٿي ويو. اهڙي طرح موبائل سيٽ مان Android set سمارٽ موبائل ، وري هڪ ڪمپني ڪا شيءَ ٺاهيندي ته ان کي ڏسي سئو ڪمپنيون اها شيءَ نقل ڪري ٺاهي وڃنديون،روز نيون شيون ۽ هزارين ڪمپنيون هر ڪمپني جي دعويٰ ته مهنجي شيءَ ئي سڀ اهي. توهان جيڪا شيءَ وڃندا ان جي تاريخ

صرف هڪ ڏينهن جي هوندي اهڙي طرح سياست ڪار چوندا ته سياست ۾ ڪابہ مستقل شيءِ ناهي دوستيون دشمنيون بہ دائمي ناهن ، ته پوءِ تاريخ ڪٿان ٿهندي؟؟ هي ته صرف جديديت پڃاڻان جو پنهنجو مڪان ٿهيل آهي جنهن ۾ اسان پوري طرح غرق آهيون .

بود ريلارڊ زمان و مڪان کي مختلف درجن ۾ ورهايو هو هن جو خيال هو ته پٽر جي دور کان جاگيرداري تائين هڪ زمان و مڪان جو تسلسل هو جنهن ۾ ثقافتي علامتون فطرت مان ڦٽي نڪتل هيون. ڪو بہ تصور يا خيال ڪنهن بنيادي حقيقت جي نمائيندگي ڪندو هو. قديم سماج ۾ خواب مقدس سمجهيا ويندا هئا. جن جو مسقبل سان رشتو ڳنڍيو ويندو هو. مثال حضرت ابراهيم جو خواب ، حضرت يوسف جي خوابن جي تعبير. پر ان سماج ۾ عڪس يا استعارا حقيقت جي نشاندهي ڪندا هئا. يا انهن حقيقتن جو زمان صدين تائين ڦهليل هو ، انهيءَ زمان جو مڪان حقيقيت جو تسلسل هوندو هو. مثال سنڌي سماج ۾ مصري ، ڳڙ ، مٺاڻ پيار جي علامت هو. پاڙو اوڙو پت برادري ، وڏي ننڍي جو حياءَ ، نياڻي ست قران ، مهمان نوازي فطرت تاريخ جي ارتقا مان ٿهيل تصور هئا . ڪو هڪ واقعو ٿيندو هو ته سماج کي لوڏي ڇڏيندو هو ۽ صدين تائين ڳائبو هو. انهيءَ جي ڪهاڻي هلندي هئي ڪو ڏوهہ ٿيندو هو ته تاريخ ۾ ان جو ڳاٽيٽو صدين تائين هلندو هو. مثال ان زمان و مڪان مان ڪو ماڻهو سئو سال نڪري وڃي ۽ وري موٽي اچي ان سماج ۾ شامل ٿئي ته ڪو خاص فرق نہ پوندو اهو ماڻهو صرف چهرن جي تبديلي ڏسندو ، پر قدر ، ثقافت، گهر گهاٽ ، رسم رواج ساڳيون هوندیون. پر توهان سوچيو ته جي اڄ ڪو ماڻهو هن سماج جي زمان و مڪان مان نڪري وڃي ۽ صرف 20 سالن کان پوءِ موٽي اچي ته اهو ماڻهو سماج ۾ ايلين هوندو سڀ ڪجهہ بدلجي چڪو هوندو. هر شيءَ جا نوان بدليل ماڊل اچي چڪا هوندا. ٽيڪنالوجي کا بي اچي چڪي

هوندي. ماڻهن جا رويا ڪي پيا هوندا. اهو ئي تصور آهي زمان و مڪان ڪي Capture ڪرڻ جو هي مارڪيٽ زمان مڪان ڪي پنهنجي وس ۾ ڪري چڪي آهي. هاڻ روز نئون زمان و مڪان آهي انهيءَ ڪي جديديت پڃاڻان جو The End of History جو نالو ڏئي ٿي.

جديديت پڃاڻان ۾ حقيقت کا به معنيٰ نٿي رکي کو به نقلي تصور حقيقت کان وڌيڪ حقيقت بنجي سماج ۾ ڦهلجي ٿو ماڻهو ان کي قبول ڪن ٿا. ڏئو وجي ته تصور جو ايپو افلاطون هو هن پهرين اها دعويٰ ڪئي ته تصور ئي حقيقت آهن جيڪي شين کان مٿان بالا تر ۽ معروضي طور موجود آهن. جديديت پڃاڻان وري تصور پاڻ ناهي ٿي مارڪيٽ ۾ تصورن جي نمائش ٿئي ٿي ماڻهو ان جا خريدار ٿين ٿا . تصور ، استعارا، علامتون اصل ۾ صرف حقيقت کي ڇاڻائڻ لاءِ تخليق ڪيا ويندا آهن پر جڏهن تصور ئي حقيقت کان مٿانهين حقيقت بنجي وڃن ته جو حقيقت جو گمان به نه رهي ته پوءِ خواب خود مختيار ٿيو وڃن جن جو ڪوبه تعبير ناهي. ڇو ته خواب جو ڪوبه زمان و مڪان نه هوندو آهي. خواب ۾ ماڻهو مختلف شڪليون ڏسي ٿو. جيڪي بي ترتيب هوندیون آهن. هڪ وقت ۾ ماڻهو جي شڪل ميڇي جي دڙ سان، ڪڏهن پکي بنجي اڏامي ٿو ، ڪڏهن مئلن سان پيو ڳالهائي. انهن واقعن ۾ وقت ۽ جڳهه جو ڪوبه تعين نه هوندو آهي ڏسندي ڏسندي واقعا ۽ جڳهيون تبديل ٿيو وڃن. جديديت پڃاڻان انهيءَ خواب مان جاڳائي ڪوڙ ٿي بلڪ خوابن جو حصار ايجا وڌائي ٿي . تان جو ماڻهو اصل حقيقت کي پيالڪ سمجهي ٿو.

طئي ٿيل هوندا آهن انهن جي خلاف signified ۽ signifierجاگيرداري ۾ ۽ signifierورزي ڪرڻ وارو منڪر يا باغي ٿي وجي ٿو پر خواب وارن تصورن ڪوبه طئي ٿيل ناهي صرف تصور ئي حقيقت هوندي آهي. مثال signified جاگيرداري ۾ عورت شرم حياءُ سندس عزت سماجي تصورن ۾ طئي ٿيل هو

پر جديديت پچاڻان ۾ قدر کا معنيٰ نڪا رکن ان کري هڪ بي حياءُ يا طوائف عزت دار بنجي توهان جي سامهون ايندي. جديد دور ۾ چوري ، ڏاڙي يا ڪرپشن جا تصور شخصيت لاءِ مسخ ڪندڙ تصور هئا. پر اڄ ڪرپشن ۽ ڏاڙا هٽندڙ شخصيت عزت دار ۽ ليڊر بنجي توهان جي سامهون ايندي ڇو ته جديديت پچاڻان مرڪزي صداقت جو خاتمو ڪري ڇڏيو. انهي ڪري روز جي صداقت نئي آهي ۽ هر ماڻهو جي پنهنجي تخليق ڪيل صداقت آهي. ٽيڪنالوجي جي ٻوڏ روز مارڪيٽ کي روز نئون زمان و مڪان ڏئي ٿي . ان ٽيڊ Familiarمڪان ۾ روز نيون شيون ۽ نوان ڪردار ايرن ٿا جن سان اسان کي لاءِ زمان نہ ملندوآهي. ڏسندي ڏسندي اسان هر چيز کان ويڳاڻان ٿي ويندا آهيون. دنيا هڪ شيزوفرينڪ لڳاءَ بنجي ويندي آهي. جنهن ۾ اسان کي پوت، ڪيڙا ماکوڙا، ڏاڪٽيون مطلب عجيب چهرا نظر ايندا آهن. اسان کي يقين ڏياريو ويندو آهي،ته اصل مسئلا ٻ اهي آهن انهن کان ڌڃو، اهڙي طرح اصل مسئلا ماڻهن کان وسري ويندا . مثال روڊ ٽٽل هوندو اتي روز حادثا ٿيندا پر اتي هڪ ملان پيتي کڻيو بينو هوندو توهان کي يقين ڏياريو ويندو ته اصل مسئلو مسجد ٺهرائڻ آهي. ان لاءِ چندو ڏيو. مثال هزارين ماڻهو بک ، بدحالي جو شڪار هوندا، نہ ڪورٽون انصاف ڏيندیون نہ صحت يا تعليم ڏانهن توجهہ هوندو پر توهان کي يقين ڏياريو ويندو ته ڪشمير جو مسئلو ضرور حل ٿيندو. اهڙي طرح ثقافت، مذهب، قدر، پيار، رحم جا جذبا ٻ مادي روپ ۾ ڪمرشلائيز ڪيا ويا آهن. جيڪي مارڪيٽ کان رليز ٿيندا انهن جو ڪوبہ وقت يا جڳهہ طئي ٿيل نہ هوندي. مثال پاڪ وطن، حلال ٻئنڪاري، قسطن تي قرباني جو ٻڪر، صدقي جي رقم 5000 هزار رپيا، تراويحن جو پيڪيج، صوفياڻو عشق، لاشن جا فوٽو، ريپ جي وڊيو، ٻارن کي ميڪدونالڊ جو چڪر لڳرائڻ. ،زنده هي پٽو، اهڙا لکين نعرا ۽ تصور مارڪيٽ جي طرفان روز نئين

انداز ۾ رليز ٿيندا آهن. اسان ان عڪسن جي ڪن ۾ گوتا ڪائي پنهنجي بي مقصد زندگي جي دوڙ ۾ اڇلجي چڪا آهيون. اسان مان فطرت موڪلائي ويئي آهي، سماج هڪ پوت خانو بنجي پيو آهي. نعرا ، تصور زمان و مڪان ڪان اڳتي نڪرڻ چاهين ٿا. انهيءَ جلد بازي جو اثر ماڻهو تي ائين ٿئي ٿو جڏ ڪو ماڻهو هڪ ئي وقت 50 ريڊيو اسٽيشنون ٻڌي رهيو هجي يا وري وچ چورايي تي منجهي بيهي رهي. ۽ سوين ماڻهو هن کي ڏسي رهيا هجن. اهڙي حالت ۾ ماڻهو ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿي ڇتو ٿيو پوي . توهان ڏسندا ته اڄ ڪلهه ماڻهوءَ مان سهپ ختم ٿي ويئي آهي. صبر ۽ ڪهل نه رهي آهي.

جديديت پڃاڻان مغرب ۾ شايد ڪي مثبت تبديليون ڪٽي آئي هجي پر ٻئين دنيا جا ملڪ ته جديديت پڃاڻان کي پوڳي رهيا آهن جو ته ته جديديت پڃاڻان سرمائيداري جي اها شڪل آهي جنهن سرمائيدارن کي دنيا مارڪيٽ ٺاهي ڏني ويئي آهي.

ادب جي نفسياتي تنقيد

Psychological literary Criticism

اسان ادب جي پرک ڪرڻ وقت هميشہ فن ،هولي، فڪر کي اهميت ڏيندا آهيون. پر اسان ادب جي نفسياتي پرک ڪرڻ جا عادي ناهيون. جڏهن ادب لاءِ شعور ، لاشعور، الهام ۽ وجدان جهڙا اصطلاح استعمال ڪندا آهيون تہ پوءِ خود بہ خود علم نفسيات جي دائري ۾ اچي ويندا آهيون. عالمي ادب ۾تنقيد جي شعبي ۾ اسان کي علم نفسيات جا تنقيدي رجحان گهڻا ملن ٿا. رومانوي تحريڪ جي ڪولرج جڏهن پنهنجي مشهور نظم "Kuba khan" لاءِ چيو هو تہ اهو نفسياتي عجوبو(Psychological Curiosity)[16] آهي تہ ان جو مطلب ڪولرج وٽ نفسياتي اهميت جو تصور موجود هو . اڳتي هلي ڪولرج جهڙي طرح تخيل جي تشريح ڪئي اڄ بہ فلسفي ۽ نفسيات ۾ ان جي اهميت آهي، ڪولرج جي تخيل جي نفسياتي اهميت کي هربرٽ ريڊ هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: "ڪولرج کي اهو يقين هو تہ تخيل پنهنجي اعليٰ تر توانائي ۾ هڪ جوش حيات (Vital force) آهي ۽ انهيءَ جو بنياد لاشعور ۾ آهي"[17] 1990ع ۾ ڊاڪٽر ارنسٽ جونز تحليل نفسي جي روشني ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي هيملٽ جي پرک ڪئي جنهن ۾ هن هيملٽ کي ايڊي پس مونجهاري (Oedipus Complex) جو شڪار ڏيکاريو:

---

[16] Read Herbert "The True Vice of feeling" London Faber and Faber, n,d. p-172

[17] محمد احسن فاروقي ڊاڪٽر "تخليقي تنقيد" ڪراچي اردو اڪيڊمي سنڌ 1981 ص 174

هيمليٽ ۾ فيصلي جي قوت گهٽ هوندي آهي هو پنهنجي مڪمل طاقت ساڻ بہ پنهنجي پيءَ جي بدلي وٺڻ ۾ دير ڪندو آهي. تحليل نفسي جي مطابق قوت فيصلہ ان وقت مفلوج ٿيندي آهي جڏهن لاشعوري محرڪ شعوري ارادي ۽ مقصد تي حاوي ٿي وڃن. ارنسٽ جونز انهيءَ ڪشمڪش کي ايڊيپس مونجهارو قرار ڏنو. هن جو خيال هو تہ هيمليٽ پنهنجي ماءُ سان وڌيڪ پيار ڪندو هو ۽ لاشعوري طور پنهنجي پيءُ سان نفرت ڪندو هو. انهيءَ ڪري پيءَ جي قتل جو بدلو وٺڻ ۾ دير ڪندو آهي.

ساڳئي طرح ارنسٽ جونز شيڪسپيئر جي شخصيت جو بہ جائزو سندس ادبي ڪاوشن ذريعي وٺڻ شروع ڪيو تہ خود هيمليٽ لکي پنهنجي نفسياتي تسڪين جو هڪ ذريعو پيدا ڪيو هو.

ارنيسٽ جونز بنيادي طرح سگمنڊ فرائيڊ جي نظريي جو پوئلڳ هو . تنهن ڪري فرائيڊ جي واضح ڪيل نفسياتي اصطلاحن مطابق تنقيد ڪئي.

1942ع ۾ ڊاڪٽر هانس شاس وري سگمنڊ فرائيڊ جي سوانح حيات :Freud "Master and Friend" ۾ انهيءَ ڳالهہ واضح ڪيو تہ فرائيڊ جو ادب ڏانهن لاڙو تمام گهٽو هو . خود فرائيڊ جو چوڻ هو تہ جي هو نفسيات دان نہ هجي ها تہ ناول نگار هجي ها. هن ڪتاب ۾ تخليق ۽ تخليقڪار جو لاشعور سان تعلق ۽ اثر اندازي جو گهرو اپياس ڪيو ويو آهي.

نفسياتي تنقيد ۾ ائڊمنڊ ولسن جو نالو بہ اهم آهي. هن تخليقڪار جي شخصيت جي ائبنارملٽي جو تخليق تي اثر جو مطالعو ڪيو ۽ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انسان بنيادي طرح وحشي جانور ناهي بلڪ مريض آهي.

هن سوفوڪليز(Sophocles) جي ڊرامي "Philotetes"جو تجزيو ڪندي مقالو لکيو جنهن جو نالو هو"The Wound and Bow" جنهن ۾ هن ثابت ڪيو

تہ تخلقيڪار جي بيماري نفسياتي طور وڏي اهميت رکي ٿي بلڪ تخليق ذريعي ليکڪ پنهنجي شخصيت ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿو.

هن ڊرامي جي ڪهاڻي هن ريت آهي تہ:

" فوج جنگ ڪرڻ وڃي رهي آهي هڪ سپاهي کي نانگ ڏنگي وڃي ٿو ، سپاهي مري نڻو پر سندس پير ۾ زخم اهڙو گهرو ٿئي ٿو جو ان مان روڳ ۽ بدبو پين لاءِ آزار بنجي وڃي ٿي .فوج ان سپاهي کي رستي ۾ ڇڏي اڳتي وڌي وڃي ٿي. "

جنگ جي دوران طلسمي قوتن جي تير اندازي جي ضرورت پوندي آهي تہ جنگ فيصلہ ڪن ٿي پوي . پر اهو فن صرف ان سپاهي وٽ هوندو آهي. جنهن کي هنن رستي ۾ ڇڏي ڏنو هو. ۽ آخر فوج جو سردار حڪم ڪندو آهي تہ وڃو انهيءَ سپاهي کي ڳرچائي وٺي اچو . آخر اهو سپاهي ايندو آهي اهو طلسمي تير اندازاي ڪري جنگ کٽي ڏيندو آهي . پر جيئن ئي تير اندازاي ڪندو آهي تہ سندس پير جو ناسور بہ ٺيڪ ٿيَ ويندو آهي ۽ آخر صحتياب ٿي ويندو آهي. "

هن ڊرامي ۾ نفسياتي طرح تشريح هيئن ٿيندي تہ زخم پير جو ناسور تخليقڪار جي اٻنارملتي آهي ، هڪ اعصابي خلل آهي، ، ڪمان تيز اندازي ڪرڻ تخليقڪار جو تخليقي جوهر آهي ۽ اهو ئي جوهر تخليقي عمل آهي، جڏهن تخليقڪار تخليق جي عمل مان گذرندو آهي تہ سندس اعصابي خلل بہ ٺيڪ ٿيڻ شروع ٿيڻ لڳندو آهي. هن بنياد تي ماڻهو جي صلاحيتن جي پرک بہ ڪبي آهي تہ ڪنهن ۾ ڪيتري صلاحيت آهي. پر سماج هن کان سندس صلاحيت مطابق ڪم نہ وٺي تہ ماڻهو ۾ اعصابي اڻ تڻ ٿيندي آهي. هن ڊرامي جو سماجي پهلو اهو بہ آهي تہ جيڪو ماڻهو سماجي لاءِ ناڪاڪ آهي پر ان جي صلاحيتن جي ضرورت پوي تہ قابل قبول آهي. پيو تہ جي ماڻهو جو ڪارج

هوندو ته ان جي اهميت وڌندي ان جو جوهر پيدا ٿيندو. اهڙي طرح ماڻهو پاڻ کي بيڪار نه سمجهندو انهيءَ کري سنڊي ۾ چوندا آهن "بيڪاريءَ کان بيگاري پلي"

نفسياتي تنقيد ۾ ائڊلر (Alfred Adler 1870-1937)۽ ڊاڪٽر جنگ (Carl Jung 1875-1961) جي نظرين جو به وڏو اثر موجود آهيءَ جيئن فرائيڊ جو چوڻ هو ته " دنيا جنس جي چوڌاري گهمي ٿي" اهڙي طرح ايڊلر جو خيال هو ته[18] " Fundamental drive in life is the desire for power". هن خيال جي بنياد تي ايڊلر احساس ڪمتري وارو نظريو ڏنو.

هن نظريي جي مطابق ماڻهو ۾ ڪا ازلي ڪوٽ آهي. جنهن جي پورائي لاءِ هو لکائيندو رهندو آهي ڪانه ڪا ڳالهه ، ڪو هنر ، ڪو فن، ڪا تخليق ڪري پنهنجي اندر جي ڪوٽ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هن نظريي مطابق جڏهن ڪوبه تخليقڪار تخليق ڪندو آهي ته در اصل هو پنهنجي احساس ڪمتري مان جند ڇڏائڻ چاهيندو آهي. جيئن جيئن ڪردارن جون ناآسودگيون ، محروميون ۽ اڻپوريون خواهشون پيش ڪندو آهي ۽ تيئن ليکڪ جو ڪٿارسزم ٿيندو آهي ۽ سندس اندر آسودو ٿيندو ويندو آهي. ڪهاڻي لکڻ سان دراصل ليکڪ پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي سنوارڻ چاهيندو آهي. ساڳئي وقت اديب جي ذات جو اظهار سندس ناموس ۽ تعريف سندس انهيءَ ڪوٽ کي پوري ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي. پر اها ڪوٽ مڪمل پوري ڪٿي نٿي سگهي. انهيءَ ڪري هي احساس ڪمتري جو سلسو هلندو رهندو آهي. جيڪڏهن اها ڪمتري نفسياتي روڳ بنجي وڃي ته زندگي تباهه و برباد

---

[18] J.A.C Brown "Distressed Mind" P-63 London Walts Co 1949.

ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو فرعون ، هٽلر، چنگيز خان، يا وري خوني ، ضدي ، ڪروڌي جهڙو ڪردار ٿي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر جنگ وري اجتماعي لاشعور جو نظريو ڏنو . فرائيڊ لاشعور جو انفرادي تصور ڏنو پر جنگ جي تصور اجتماعي لاشعور نفسيات جي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪيو . هن جو چوڻ هو ته لاشعور صدين کان ماڻهو جي جين ۾ گردش ڪندو آهي، جنهن بنياد تي ڪنهن به خاندان يا قوم جي نفسياتي ساخت جڙندي آهي .

اسان غور ڪنداسين ته سنڌي اديب جيڪي قومي جذبي تحت ناول لکيا يا شعر چيا ته يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ان جي پٺيان قوم جي اجتماعي لاشعوري جذبو هو .جيڪو تاريخ ۾ ظلم ، قرون ، ڏاڙا، جنگين جي نتيجي ۾ ردِعمل ۾ پيدا ٿيو هو. خاص طور سان سراج جا ناول، آغا سليم جو " اونڌائي ڏرتي روشن هٽ" علي بابا جو " موهن جو ڏڙو" انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته تخليق ڪارن جي لاشعور ۾ پنهنجي قوم سان محبت، ڏک ڏولائن جا اثر لاشعور ۾ ويٺل آهن. ساڳئي وقت ائدلر واري احساس ڪمتري واري نظريي تحت پرک ڪئي ويجي ته اها ڳالهه ظاهر ٿيندي ته سنڌي قوم جو زوال ۽ غلامي جو احساس اديب کي سندس احساس ڪمتري ۾ ڏکي پيو جنهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ هو پنهنجي قوم جي سنهري دور کي خوبصورت ڪارنامن سان پيش ڪري مونجهاري مان جان ڇڏائڻ پيو چاهي.

اسان وٽ سنڌي ۾ نفسياتي تنقيد ايڏا آڳاهون نه ٿي آهي پر ايترو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ۽ اديب جي نفسياتي پرک ڪرڻ لاءِ گهٽو مواد پيو آهي.

هتي آئون غلام رباني آگري جي کهاڻي " اڪڙيون اڇايون"[19] جو مثال ڏيندس هي کهاڻي آب حيات ڪتاب جيڪو 1960ع ۾ ڇپيو هو ۾ موجود آهي. هن کهاڻي ۾ فرائيڊ جي ٿيوري مطابق ته خواب اسان جي ناآسوده خواهشن يا ناآسوده جنسي جذبن جو روپ آهن وارو فڪر موجود آهي. کهاڻي ۾ هڪ ڪردار خواب ۾ ڏسي ٿو ته هن ڪنهن حسين ڇوڪري جي اک ۾ استيل(قلم)اڇلائي هنئي آهي.

نفسيات جو شاگرد سندس دوست هن خواب جو تعبير کيس ٻڌائي ٿو ته سندس خواب اندر ڊپيل جنسي جذبن جو لاشعوري اظهار موجود آهي.

هن سڄي کهاڻي ۾ فرائيڊ جي نظريي مطابق ڪردار جنسي خواهشن جو ڊپيل اظهار ڪندو رهندو آهي.

فرائيڊ چيو هو ته جنسي خواهش صرف جنسي عمل ناهي بلڪ " انسان جي سڄي ذات ۾ جنس جاري و ساري هوندي آهي ۽ هر ڪم ۾ جنس مداخلت ڪندي آهي يعني پيانو وڄايون يا دهل پر ان ۾ جنس جو عمل دخل هوندو آهي "[20]

غلام رباني آگري صاحب هي کهاڻي ڏاڍي فني پيرائي ۾ فرائيڊ جي نظريي جي پوئيواري ۾ لکي آهي.

نفسياتي تنقيد جي دنيا ۾ هربرٽ ريڊ Sir Herbert Edward Read, 1893— (1968)اهڙو تنقيد نگار هو جنهن فرائيڊ، جنگ ۽ ايڊلر ٽنهي جي نظرين ۾ توازن آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽنهي نظرين جي اهميت ۽ افاديت کي

---

[19] غلام رباني آگرو، " آب حيات"، زندگي پبليڪيشن گاڏي کاتو حيدرآباد 1960

[20] روزنامہ "نصرت" لاهور 03 جولاءِ 1961ع

سمجهيو. هن جو چوڻ هو ته تنقيد دراصل وضاحت ڪرڻ جي هڪ اهڙي سلسي جو نالو آهي جيڪو هڪ طرف ذهن جي عجيب و غريب پراسرار لڪل رازن کي ظاهر ڪري ٿو ته ٻي طرف وري خارجي دنيا جي رنگن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اهڙي طرح هن يورپ جي ڪلاسيڪل ۽ رومانوي شاعري کي خارجي ۽ داخلي عڪسن جو نالو ڏنو.

اسان وٽ سنڌي ادب اساسي دور کان وٺي اڄ تائين نفسيات جي مختلف رنگن سان گونا گون رنگن سان پريل آهي.

مثال شاهه لطيف ۽ سندس شاعري جو جائزو ورتو وڃي ته شاهه وٽ گهڻ رخو فڪر ۽ زندگي جا پراسرار رنگ ملندا . مثال شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ عورت جي زبان جو استعمال ڪيل آهي؟

اديون عبدالطيف چئي ،

پينر هن پنيور ۾ ،

آيل ڪريان ڪيئن.

يعني شاهه عورت جي الميي کي ڏک کي وڌيڪ ڳايو آهي. ته ڇا اسان چئي سگهون ٿا ته شاهه صاحب ايڊيپس مونجهاري جو شڪار هو. ؟

شاهه صاحب جي لاشعور ۾ مورثي طور ، فردي طور ،۽ اجتماعي طور ڪهڙا سبب شامل هئا جو شاهه صاحب ايڏو وڏو تخليقڪار ٿيو.

ساڳئي طور جديد ادب ۾ شيخ ايار جي فڪري لاڙن ، رومانويت ۽ دعائن جا سبب ۽ نفسياتي تنقيد ذريعي ڳولي سگهجن ٿا. اهڙي طرح گهڻن اديبن جي خودڪشي جا سبب ۽ سندن تحريرن ۾ ڳولي سگهجن ٿا.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ پيار نه حاصل ڪري سگهڻ جو درد جو بنيادي سبب نفسياتي طور فردي ۽ اجتماعي لاشعور ۾ لڪل آهي. سنڌي قوم جي

اجتماعي محرومي ، ڏرتي ۽ سرتي سان پيار جو سبب ، سنڌي ماڻهو جو رومانٽڪ هئڻ جا سبب ڪنهن اجتماعي لاشعور ڏانهن اشارو ڪن ٿا.
ساڳئي طرح موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين ۾ زندگي جو خالي پڻو ايترو گهرو آهي جو زندگي جي رومانيت جي انتها تي پهچڻ کان پوءِ به پورو نٿو ٿئي. يعني موهن ڪلپنا ايڊلر جي ان نظريي مطابق هڪ اهڙي ڳولا ۾ آهي جيڪا ڪڏهن به پوري نٿي ٿئي . سوين حسين خوبصورت عشقن جي قصن سان پريل ڪهاڻيون دراصل موهن جي اندر جو هڪ فرياد بنجن ٿيون ته فرد جي داخلي پيڙا ۽ خال نه پرجڻ جو آهي.
فرائيڊ چيو هو دنيا ۾ ڪو به ماڻهو نارمل ناهي بلڪ نارمل ڪابه شيءَ نه ٿيندي آهي. هر فرد ڪنهن نه ڪنهن موجهاري جو شڪار آهي پر جڏهن مونجهارو شدت اختيار ڪري ۽ فرد کي اهڙا عمل ڪري جيڪي سماج کي يا ٻين ماڻهن کي پريشان ڪن ته اهڙو ماڻهو اسان وٽ نفسياتي مريض سڏبو آهي. پر دراصل آهي هر ماڻهو مريض کو ٿورو کو گهٽو. اديب به دراصل خودڪار پاڻ بچاءَ جي طاقت تحت تخليق ڪري پنهنجي اڻ تڻ مان جند ڇڏائيندو آهي . ساڳئي وقت تخليقڪار جنسي دٻاءُ تحت تخليق ڪري جمالیات جي دنيا ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. ڇو ته اديب جو شعور ، لاشعور سگهاري طرح ڪم ڪن ٿا جنهن ڪري ڪيس الهامي اديب به چيو ويندو آهي. علم نفسيات ايترو وسيع ۽ پيچيده موضوع آهي جو انهيءَ جي حوالي کان تنقيد ڪري سيئي پاسا جاچڻ کو آسان ڪم ناهي . پر ان تي ضرور ڏيان ڏيڻ گهرجي.

حاشيہ

1. هن مقالي کي لکڻ لاءِ ڊاڪٽر سليم اختر جي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز بعنوان، " اردو ادب ۾ نفسياتي دبستان" جيڪا هن پنجاب يونيورسٽي ۾ 1978ع ۾ پيش ڪئي ۽ پوءِ

سنگ ميل پبليڪيشن لاهور وارن 1998ع ۾ ڇاپي؛ جو مطالعو ڪيو ويو ۽ مدد ورتي وئي.

2. سراج صاحب جا ناول، علي بابا ، ۽ آغا سيلم جي ناولن جو مطالعو ڪيو ويو.
3. سوفوڪيلز جا تقريبن سڀ ڪن ڊرامہ لکيل آهن . سندس پيدائش جو دور 496 ق م آهي. هي يونان جو مشهور ڊرامہ نگار هو. هن فلوطيطيس نالي ڊرامو 409 قم ۾ لکيو.
4. ايڊيپس موجهارو دراصل فرائيڊ يونان جي ڏند ڪٿا داستان مان مشهور ديوتا ايڊي پس تان ورتو آهي . جنهن بي خبري ۾ پنهنجي پيءُ ڪي ماري پنهنجي ماءُ سان شادي ڪئي هئي. فرائيڊ ان ڪردار کي اصطلاحي طور استعمال ڪيو آهي.
5. الفريڊ ايڊلر آسٽريا ۾ 07 فئبروري 1870ع ۾ ڄائو. 28 مئي 1937ع تي وفات ڪيائين . هي ميڊيڪل ڊاڪٽر ۽ سائڪالوجسٽ ب هو.
6. ڪارل جنگ 26 جولاءِ 1875ع ۾ هڪ ننڍي ڳوٺ سوئيز ۾ ڄائو هو. فرائيڊ جو دوست هو. 1907ع ۾ فرائيڊ سان ويانا ۾ مليو. 06 جون 1961ع Zurich ۾ وفات ڪيائين.
7. سگمنڊ فرائيڊ 8156ع ۾ فرائيبرگ ۾ ڄائو، لڏي اچي ويانا ۾ وينو. پاڻ ميڊيڪل ڊاڪٽر ۽ سائڪالوجسٽ هو.

مارڪسي تنقيد جا ٽي دور ۽ انهن جو ادب تي اثر

مارڪسي تنقيد جا ٽي دور آهن

1. ڪلاسيڪل مارڪسي تنقيد
2. نئين مارڪسي تنقيد
3. ساختياتي مارڪسي تنقيد

سڀ کان پهرين اسان ڏسون ٿا ڪارل مارڪس جو تخليق جي باري ۾ ڪهڙو خيال هو. سن 1857ع ۾ ڪائوتسڪي جي ڪتاب جا پيش لفظ لکندي چيو هو ته

"there is an unequal relation between the development of material production and for instance , artistic production " [21]

هن رائي مطابق مارڪس فن ۽ مادي پيداوار عمل کي الڳ الڳ خانن ۾ ورهائي ٿو ، ائين چئي سگهجي ٿو ته تخليقار هڪ خودمختيار لقاءَ آهي . مارڪس يونان جي ادب جي مطالعي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو هو ته عظيم تخليقي ادب اعليٰ مادي ترقي جو نتيجو ناهي . ڇو ته يونان ۾ معاشي زوال پذير نظام هو ، تڏهن عظيم ادب پيدا ٿيو هو . ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته مارڪسي ادب جي تخليق ان جي تاثر کي زمان و مڪان کان بالا تر قرار ڏنو هو . مارڪس جو اهو وري هن جي تاريخي ماديت مان ثابت ٿئي ٿو . مارڪس سماجي ۽ فطرتي ارتقا لاءِ جدلياتي ماديت طريقي ڪار واضح ڪيو هو . مارڪس وٽ ٻه اصطلاح هئا 1. جدلياتي ماديت 2. تاريخي ماديت.

---

[21] D.W Fokkema & Elrud Kunne –ibsch , Theories of Literature in 20 century , page 87s

جدلياتي مادیت اهو طريقي کار آهي جنهن جي بنياد تي دنيا ۾ پيڇ ڏاهه ،ارتقا ۽ تبديلي اچي ٿي. جدلياتي مادیت جا اهي اصول پوري فطرت ۾ يڪسان ۽ اٽل آهن . جنهن جي بنياد تي مارڪس مابعد الطبعيات ۽ تصوراتي روايتن ۽ مذهب کي رد ڪيو هو . پر جڏهن ان جدلياتي مادیت جي ذريعي سماجي ارتقاءَ جي پرک ڪئي ويئي تہ تاريخي مادیت جو نظريو پڌرو ٿيو . جدلياتي مادیت هم گير ۽ Deductive Method تي ڪم ڪري ٿي پر تاريخي مادیت جز کان ڪل يعني Inductive Method تي ڪم ڪري ٿي ، ڇو تہ جدلياتي مادیت ارتقا جي اصولن جو هڪ اٽل قانون آهي ، جنهن ڪري سندس مزاج ۾ جبريت (Determinism)

وارو آهي ۽ تاريخي مادیت عمل ۾ انساني ارادي جي شرڪت جي ڪري ۽ تاريخ ۾ فرد جي ڪردار جي ڪري رضاڪاري (volunteerism) ڏانهن مائل آهي .

تاريخي مادیت جي ڪري مارڪسزم خالص جبريت جو فلسفو ناهي . هاڻ ادب ، فن، تخليق جو خانو تاريخي مادیت ۾ آهي.

پي طرف اينگلس جو موقف بہ انهيءَ کان مختلف ناهي .هن مِانا ڪائوتسڪي (Minna Kaustsky) جي ناول 1884ع تي راءِ ڏيندو لکيو هو تہ

" ....the poet is not obliged to present the readers with historical future solution of the social conflicts described by him" [22]

اينگلس ليکڪ جي آزادي تي يقين رکندي چوي ٿو ليکڪ جي سياسي ۽ نظرين ۽ ان جي تخليق ۾ فرق هوندو آهي يعنيٰ سماجي شعور ۽ تخليقي شعور

---

[22] D.W Fokkema & Elrud Kunne –ibsch , Theories of Literature in 20 century , page 88

جا دائرا الڳ الڳ آهن . غور سان ڏٺو وڃي ته تاريخي مادیت جو اصول جدلياتي مادیت جي ابتڙ آهي ۽ جو ته تاريخي مادیت حتمي اصولن کان وڌيڪ انساني ارادي ۽ جدوجهد تي يقين رکي ٿي . اهو ئي سبب آهي جو مارڪس سماج کي بدلائڻ لاءِ هڪ انقلابي پارٽي ۽ انقلابي طبقي جي جدوجهد جي ڳالهه ڪئي .

کلاسيڪي تنقيد

استالن جي دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ثقافتي ۽ ادبي پاليسي سرڪاري منشور مطابق هئي ليڪڪ تي لازم هو ته هو سرڪاري پارٽي جي منشور مطابق لکي نه ته باقاعده سزا مقرر هئي .

سرڪاري پاليسي ۾ بنيادي هي ڳالهه طئي ڪئي ويئي ته :

"The communist writer is allowed and even encouraged to dream, but his dream should remain within the confines of Marxist logic and comprehensible to party censors"[23]

مطلب ته ليڪڪ کي سرڪاري پاليسين جو پابند بنايو ويو ٻي صورت ۾ ليڪڪ جي تخيل جي وسعت ۽ موضوعي پيچيدگين ۽ حياتياتي پراسراريت کان انڪار ڪيو ويو . 1930 ۾ پهرين سوويت رائٽرز ڪانفرنس ۾ سوشلسٽ حقيقت نگاري ادب جي سرڪاري پاليسي طور واضح ڪئي وئي . جنهن ۾ ادب کي سوشلزم جي راهه هموار ڪرڻ جو هٿيار بنايو ويو . جنهن اهو واضح ڪيو ويو ته تخليقڪار پنهنجي تخليق جي نتيجي جو خيال رکي . ادب جو ڪوبه حصو پرولتاري جدوجهد ۽ سوشلسٽ انقلاب جي برخلاف نه هجي . اها

---

[23] D.W Fokkema & Elrud Kunne –ibsch ; Theories of Literature in 20 century , page 97- 98

حقيقت آهي تہ سڄي دنيا جي هر پرت کي مارڪسزم متاثر ڪيو ، پر ائين نٿو ڇئي سگھجي ترقي پسندي صرف مارڪسزم متعارف ڪرائي . ترقي پسندي اڳ بہ هئي بلڪ جڏهن کان دنيا وجود ۾ آئي آهي انسان جا رويا ۽ سوچون ٻن قسمن جا رهيا آهن 1. ترقي پسند 2. رجعت پسند رويو . ترقي پسند رويو يا ڏنگ آهي جنهن ۾ هر عمل کي مثبت ۽ انساني ادب ۽ قدر سان ڀيٽيو ويو آهي . بلڪ آئون ائين چوندس تہ ترقي پسند انسان ٿيندو آهي ۽ رجعت پسند جانور ،چوتہ انسان هر عمل کي مهذب طرح عقلي بنيادن تي پورو ڪندو آهي ۽ جانور هر عمل تي Reaction ڪندو آهي ، ائين ڇئجي "ترقي پسند اديب سنجيده ، اميد پرست ۽ حوصلہ انگيز هوندو آهي" [24] اسان وٽ سڌ ۾ مارڪسزم جي تنقيد جو ڪلاسيڪل تنقيد جو رجحان رهيو، جنهن ادب کي ادب برائي سياست بنايو ويو جنهن ڪري هڪ تہ ادب جو فن ۽ وسعت متاثر ٿئي . ٻيو تہ ادب کي فارمولائيز ڪيو ويو ڄڏهن تہ زندگي رينڊم آهي . ادب جي آئيڊيالاجي طئي نٿي ڪري سگھجي ۽ نہ ئي زمان و مڪان ۾ قيد ڪري سگھجي ٿو . سڌ ۾ مارڪسزم کي صوفي مت جي ٽڪراءَ ۾ نہ اچڻ گھرجي ها . جيڪڏهن اسان صوفي مت کي مارڪسزم جو روح بنايون ها تہ هڪ تہ اسان مارڪسزم جي مڪينيڪل ماديت کان بچي وڃون ها ٻيو تہ اسان صوفي مت کي اوتارن ۽ خانڪائن ما ڪيي عوامي سطح تي ڪٽي اڇون ها نتيجي طور اسان شاهہ لطيف جي فڪر سان تسلسل کي ڳنڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ها . سنڌي ادب پنهنجي روح ۾ مزاحمتي رهيو آهي ، انهيءَ ڪري جڏهن ون يونٽ جي خلاف ادب جو سونهري دور شروع ٿيو هو اهو ڪلاسيڪل مارڪسي تنقيد

---

[24] مقالات فيض، مرتبہ شيما مجيد، فيروز سنز لاهور ، ڪراچي پهريون ڇاپو 1990ع ص 101

جي تلوار سان اسان زخمي ڪري وڏو . نتيجو اهو نڪتو ته هڪ پاسي اديبن وجوديت جي تحريڪ ۾ پناهه ورتي پيو محبوبا جي زلفن ۾ اٽڪي بيهي رهيو . مارڪسسٽ تنقيد نگار ڪتر رهيا جنهن ڪري هڪ طرف رجعت پسندي جي ٽڪراءَ ۾ ترقي پسندن جو رويو لبرل ۽ اعتدال وارو نه رهيو پي طرف اديبن ۽ تنقيد نگارن ۾ به ٽڪراءَ واري صورتحال رهي . بقول علي سردار جعفري جي ته " سياسي تحريڪن سان وابستگي اسان کي ورثي ۾ ملي آهي تنهن ڪري ترقي پسند ادب جي گهٽي ۾ سياست پيل آهي [25]."

نئين مارڪسي تنقيد

نئين مارڪسي تنقيد جنهن کي حقيقي مارڪسي تنقيد به چيو وڃي ٿو ان تنقيد جي تشڪيل روس کان ٻاهر ٿي هن جا اهم نمائيندا جن ۾ بريخت برٽالٽ (Bertolt Brekht) ٿيوڊر ڊرائيرنو (Theodor Adorno) ميڪس هورخي مر (Max Horkhrimer) هربرٽ مارڪيز (Herbert Marcuse) والٽر بنجمن (Wlter Benjamin) ۽ لائوس گولڊ مان (Lucien Goldmann) شامل آهن . هنن سيني جو رايو هو ته آرٽ کي زياده کان زياده خودمختيار شعبو هئڻ گهرجي . هنن جي خيال مطابق "اسٽالن جي دور ۾ پيدا ٿيل ادب ۾ مارڪسي جارحيت جو روح سمايل آهي اهو نڪرڻ گهرجي ، جو ته ان سان ادب جو اعليٰ معيار قائم نٿو رکي سگهجي اديب رڳو پڙهي ڏيڻ وارو بنجيو وڃي". [26] نئين مارڪسي تنقيد مطابق سپر اسٽرڪچر انفرا اسٽرڪچر جي تابع ناهي پر ان کان متاثر ضرور ٿيندو آهي . پين لفظن ۾ ائين چئجي ته معاشي ڍانچي ۽ پيداواري

---

[25] علي سردار جعفري، " ترقي پسند ادب کا سماجي پس منظر" سوايرا آگست، سيپٽمبر 1952 ص 129

[26] روايات اور ادب ، ص 249

رشتن مان سياست ، آرٽ ، فلسفو، مذهب، ٻولي ۽ تخليق جنم نه ونندي آهي ، پر متاثر ضرور ٿيندي آهي . ڇو ته ليڪڪ تخيل پرست ۽ تخليق پرست هوندو آهي ان ڪري هو پنهنجيون ڪيتريون دنيائون آباد ڪري وڃندو آهي . جيڪي زمان و مڪان جي گرفت ۾ نه هوندیون آهن . انهيءَ ڪري فن ۽ فڪري اڏام مٿانهين هوندي آهي . جيئن شاهه لطيف جي شاعري کي زمان ومڪان جي قيد ۾ نٿو آڻي سگهجي . پر سندس فن ، فڪر ۽ جماليات تنهي جو سنگم شاعري ۾ موجود آهي. ٻلي ڪلهوڙن جي دورجو ڪلاسيڪل ادب هجي يا اڄ جي دور جو پوسٽ ماڊرن ازم جو ادب هجي پر شاهه جي شاعريءَ جي اهميت ۽ جمالياتي هز اهو ئي آهي .

ساختياتي مارڪسي تنقيد

ساختيات شعور کي لساني نظام جي پيداوار قرار ڏي ٿي ۽ مارڪس انساني شعور کي مادي حالتن جي پيداوار سمجهي ٿو .اهڙي ساختيات ۽ مارڪسسٽ فرد ۽ موضوع جي بجاءِ اجتماعيت ۽ معروضيت تي يقين رکي ٿي . ساختيات فرد ۾ داخليات کي مسترد ڪندي ڪلچر کي اهم سمجهي ٿي ۽ مارڪسسٽ معشيت ، تاريخ ۽ سياست کي سماجي ارتقا جو جز قرار ڏين ٿا . اهڙي طرح ٻنهي فڪرن جو بنياد اجتماعيت يعني ڪل آهي .

آلٿس سر (Louis Althusier) ساختياتي مارڪسي تنقيد جو پهريون نقاد هو هن جو خيال هو ته معشيت ، سياست ۽ نظرئي مان ڪنهن جي به مرڪزي حيثيت ناهي پر اهي اضافي خودمختياري يعني (Relative Autonomy) آهن اهڙي طرح هن ادب کي به اضافي خودمختياري قرار ڏنو هن جو چوڻ هو ته ادب نه ته نظريي جو عڪس آهي ۽ نه وري حقيقت جو بلڪ ٻنهي کان ڪجهه فاصلي تي آهي اها ئي ادب جي خودمختياري آهي .

ساختيات جو بنياد لفظ آهن جن کي معنيٰ ناهي هڪ لفظ کي ڄاڻڻ لاءِ ٻي لفظ کي سمجهڻو پوندو آهي . مثال ڪانگ انهي ڪري ڪانگ آهي ته اهو ڪبوتر ناهي پر ڪبوتر کي ڪبوتر ڪنهن چيو ؟ يعني اسان هڪ لفظ کي سمجهڻ لاءِ ٻي لفظ سان پيٽ ڪرڻي پوندي ۽ لفظ ڪانگ مان هرگز به اها هوبهو ڪانگ جي معنيٰ نڪري. اهڙي طرح اسان معنائون طئي ڪندي ويچي هڪ ڪلچر جي نظام ۾ داخل ٿيندا سين پر معنيٰ نه ملندي يعنيٰ بصر جون ڪلون لاهيندي اسان خالي پٽي تي وڃي بيهندا سين جتان اسان وري ساختيات پڃاڻان تحريڪ ۾ داخل ٿي ويندا سين .ڪابه شئي انفرادي طرح ڪجهه به ناهي پر ڪنهن نه ڪنهن ڪلچر جو حصو آهي يعنيٰ لفظ صرف ساخت آهن جن کي معنيٰ ڪلچر ڏئي ٿو ، وري هر ڪلچر ۾ لفظ جي معنيٰ الڳ الڳ آهي .اسان غور سان ڏسندا سين ته ساختيات جو بنياد ليڪڪ جو موت (Death of Author) تحريڪ آهي جيڪا رولينڊ بارٿس شروع ڪئي . جنهن ۾ ليڪڪ جي حيثيت ثانوي بنجي وڃي ٿي . هي بي روح ماديت جي تحريڪ آهي جنهن ۾ تخليق کي معنوي روپ پڙهندڙ پنهنجي ڪلچر مطابق ڏي ٿو .

اسان غور سان ڏسون ته سنڌي سماج ۾ ون يونٽ جي دور جو هڪ پنهنجو ڪلچر هو جنهن تخليقڪار لفظن جا انبار پڙهندڙ کي ڏي ٿو ۽ پڙهندڙ ان وقت جي ڪلچر مطابق ان کي معنيٰ جو لباس پهرائي ٿو . پر جيئن ئي اهو ڪلچر ختم ٿئي ٿو . ته ليڪڪ بي معنويت جو شڪار ٿئي ٿو ، اهو ئي جمال ابڙو موجود آهي پر اهي شاهڪار ڪهاڻيون نه پيو ڏئي ، اهو ئي امر جليل موجود آهي پر سندس سندس ادبي چاشني ختم ٿي ويئي ، شيخ ايار ته موجود هو پر خوبصورت ، مزاحمتي ۽ جمالياتي شاعري گم ٿي ويئي ۽ دعائون پيو لکي .جيڪي نوان تخليقڪار آيا اهي صرف لفظن جي پاري زري ڪرڻ لڳا سندن تخليقون بي روح ۽ سماجي نه بنجي سگهيون . ڇو ته پوسٽ مادرن ازم اينٽي

ڪلچرآهي جنهن ۾ ذرو ذري کان ڌار آهي . جڏهن ته "ساختيات دنيا جي وسعت ۾ شين کي الڳ الڳ نہ پر انهن کي هڪ وسيع رشتن سان منسلڪ نظام ذريعي سمجهي ٿي" [27] ان صورت ۾ ساختيات نہ پر پس ساختيات وڌيڪ نظر اچي ٿي ، جيڪا معنيٰ کان ئي انڪار ڪري ٿي .

جيڪڏهن ادب بي روح مادیت جي بنياد تي پرورش پائيندو ته اهو سپر اسٽرڪچر جي بجاءِ انفرا اسٽرڪچر بنجي ويندو . نتيجي طور ان کي پنهجو ڪلچر ٺاهڻو پوندو . جيڪو ذري گهٽ سرريئلزم جي خاني ۾ هليو ويندو . دنيا ۾ ناول جي صنف وڌيڪ مقبول ٿي ان ڪري ته ائنٽي ڪلچر کي هڪ وسيع کاٽي ۾ ڪلچر جي جڳهه ڏي ٿو . سنڌ ۾ اديب زياده تر شاعري جي صنف تي طبع آزمائي ڪئي، جيڪا صرف فني قالب ۽ لفظن جو جمالياتي رنگ ظاهر ڪري ٿي . ڪارل مارڪس جي ادبي تنقيد ترقي پسندي کي هڪ سائنسي ۽ نئون رخ ڏنو پر ادبي نقادن مادیت پسندي جي عينڪ پائي تخليقڪارن تي جارحانہ حملہ ڪيا ۽ جتي اديب تخيل ۽ فطرتي جي گهرائي ۾ پنهجي روح سميت نہ پهتو اتي اديب بي روح بنجي رهجي ويو .بي طرف ساختياتي تنقيد بہ مادیت پرست ۽ فارولائيز آهي جنهن ڪري ادب جو وسيع تخليقي روح متاثر ٿئي ٿو. اسان جو اديب جيستائين ادب لاءِ سرمائيداريءَ سماج مان ڪمرشل فاعدو ڳولیندو رهندو ، يعنيٰ شهرت جي بک، سرڪاري ايوارڊ جي بک ، نام چاري، واهہ واهہ . مطلب ادب کي مادي فاعدي لاءِ استعمال ڪندو يا ادب کي نوڪري ٺاهيندو ته لازوال تخليق نہ ڪري سگهندو .

---

[27] گوپي چند نارنگ، ساختيات پس ساختيات اور مشرقي شعريات، ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوسن دهلي 1993 ص 37

جمالياتي تنقيد Aesthetical Literary Criticism

ادبي تنقيد جا مختلف قسم ٿيندا آهن. جيڪي ادبي دنيا ۾ رائج ڪن نظرين ، رجحانن ۽ لاڙن موجب هڪ ٻئي کان مختلف ٿيندا آهن. مثال ادب جي ڪارج کي بنياد بنائي هڪڙا اديب ۽ نقاد ادب برائي ادب ٻيا ادب برائي زندگي، يا ادب برائي مقصد جا قائل آهن. ادب برائي ادب يا ادب برائي فن ۾ يقين رکندڙ ادب کي صرف ان جي پنهنجي فني سونهن (جماليات) سبب ڪري اهميت ڏيڻ جا قائل آهن ۽ اهي ادب جي پرک پڻ انهيءَ مفروضي موجب ڪندا آهن. اهڙي قسم جي تنقيد کي جمالياتي تنقيد سڏيو ويندو آهي.

جمالياتي تنقيد (Aesthetic Criticism) جو ادبي طور بنياد اسان کي ڪانٽ جي انهيءَ ڳالهه مان ملي ٿو ته :

"Art can be judged by its own criteria" [28]

فن سندس پنهنجي گهرجن پٽاندڙ پکي سگهجي ٿو. انهيءَ خيال جي بنياد تي يورپ ۾ جمالياتي تنقيد جو بنياد اهو بنيو ته :

"Art is an end in itself and does not need to have any moral, religious, political or educational purpose."[29]

ترجمو: فن پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مقصد آهي، جنهن ۾ اخلاقيات ، مذهب، سياست يا تعليم جو مقصد هئڻ ضروري ناهي.

جمالياتي تنقيد نگار فن جي فارم تي وڌيڪ زور ڏيندا آهن ، ۽ مواد ثانوي شيءَ آهي، يعني خيال کو سگهارو هجي يا نه هجي پر لفظن جي جادوگري

---

[28] www.bartle by .com/60/147.html. date 2-4-2005

[29] www.mnstate,edu/grack/courses/phil. date 20-03-2005

فني شهپاري کي نکاريندي آهي. ڪنهن چترڪار جا رنگ هڪ عام شيءَ کي اهڙي طرح پيش ڪندا آهن جو خيال پلي سمجهه ۾ نه اچي پر پوءِ به شيءَ خوبصورت لڳندي آهي. آخر ڪار ڪا شيءَ اسان کي پلي چو تي لڳي ؟ ان ۾ ڪهڙي خوبصورتي آهي؟ يا اهو ته خوبصورتي ڇا آهي؟

اناطول فرانس (Anatole France (1844-1924 چيو هو ته " اسان اهو ڄاڻي ئي نٿا سگهون ته سونهن ڇا اهي؟ ڪهڙن سبب جي ڪري ڪا شيءَ سهڻي لڳي تي"[30]

اسان انهيءَ خيال کي هيئن به سمجهي سگهون ٿا ته انسان غير منطقي جِيو آهي. سندس لاشعور ۾ ڪهڙا محرڪ ڪيس ڪيڏانهن وٺي وڃن ٿا ڪجهه نٿو چئي سگهجي. انهيءَ ڪري سونهن جو وٽس تصور ڪو فارمولي وارو ناهي. خبرناهي ڪڏهن ڪهڙي شيءَ پسند ڪري.

آخر سونهن ڇا آهي؟

افلاطون حسن کي معروضي حقيقت جو نالو ڏنو هو. هن جو خيال هو ته حسن خود هڪ حقيقت آهي ۽ حسن دائمي جوهر آهي . مختلف شين ۾ دراصل حسن جو هڪ دائمي جوهر موجود هوندو هوندو آهي . اهڙي طرح هيگل به معروضي حسن جو قائل هو . هن جو چوڻ هو ته حسن هڪ مطلق (Absolute) تصور آهي، جيڪو پنهنجي پاڻ کي حواسن ذريعي ظاهر ڪري ٿو. يعنيٰ ڪا شيءَ ايتري حسين هوندي آهي جيترو ان ۾ هڪ خاص تناسب سان حسن هوندو آهي.

---

[30] شيخ انعام ، سونهن ، عشق ۽ پيار، نئون نياپو ، سنڌ پبلشنگ هائوس ڪراچي . 1998

پر ڳالهه اها آهي ته ڪهڙي قوت آهي جنهن سان اسان حسن کي پرکيون ٿا اها قوت سيني ۾ هڪ جهڙي ڇو ناهي ؟ ان جو مطلب ته حسن جو بنياد ته وري به پرک تي آهي. اهڙي طرح وري حسن جيڪڏهن معروضي آهي ته پوءِ اهو يڪسان طور سيني کي هڪ جهڙو حسين لڳي پر ائين ناهي. ڪنهن کي گلاب ٿو وڻي ته ڪنهن کي خوبصورت نظارا وٺندا آهن ته ڪنهن کي بور لڳندا آهن. ڪنهن کي سانورو رنگ ٿو وڻي ته ڪنهن کي ڳورو. ان جو مطلب ته حسن جو معروضي تصور صحيح ناهي.

اسپينوزا (Benedic de Spinoza 1632-1677) چيو هو ته "اسان خوبصورت شيءَ جي خواهش انهيءَ ڪري ڪندا آهيون جو اها اسان جي امنگن جي ترجمان هوندي آهي . [31]

يعنيٰ ڪا شيءَ انسان جي فطرتي ضرورت پوري ڪري ان ۾ جمالياتي فيض ڏيڻ جا امڪان موجود هوندا آهن.

مثال هڪ بکئي ماڻهو لاءِ ڪاڏي جي ٿالهي ڪان وڌيڪ ڪا خوبصورت شيءَ نه هوندي آهي. وري ڪنهن جوان جاننئي لاءِ جوان ڇوڪري ڪان وڌيڪ ڪا خوبصورت شيءَ ناهي. پر ان کي پنج ڏينهن بکيو رکو ٿا موچڑا هٺوس پوءِ چئوس ته بابا خوبصورت ڇوڪري کپي يا ماني؟

هڪ اديب لاءِ سندس نئين چپيل تخليق ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوبصورت شيءَ هوندي پر هڪ هاري صبح جو ان سان هٿ صاف ڪري اڇلائي ڇڏيندو ان لاءِ وري مڪئي جا سنگ، ڏڏ جو لوتو وڌيڪ خوبصورت آهي.

نيٽشي (Friedrich Nietzche 1844-1910) جرمن فلسفي چوندو هو ته سونهن ٿا بدصورتي حياتياتي تصور آهن . جيڪا شي ڪنهن به نسل لاءِ نقصانڪار

---

[31] ساڳيو ص 38

آهي. اها بدصورت آهي ۽ جيڪا شيءَ نسل لاءِ فائيديمند آهي اها خوبصورت آهي. .

معنيٰ اسين ڪنڊ مان اسان کي ڪيلريز ملن ٿيون ان ڪري سڻي آهي. پر شوگر جي مريض لاءِ ڪنڊ خراب آهي. [32]

هڪ ٻيو نظريو سونهن متعلق هي آهي ته سونهن فاعدي جي ابتڙ فرحت ۽ سڪون سان لاڳاپيل آهي. جنهن جي پٺيان اسان جون سڌون لڪيل آهن. مثال پٺسو، دولت ڪنجوس لاءِ ڪنهن فاعدي ۾ ناهي پر هو دولت کي ڏسي فرحت محسوس ڪري ٿو . يعنيٰ ڪو آواز ، ڪو سريلو گيت ڪو نرم ڇهاءَ فرحت بخشي ٿو ته اهو سهڻو آهي. جارج سنتيانا جو چوڻ آهي ." سونهن لطف جو ٻيو نالو آهي" يعني سونهن پٺيان جنسي جذبي جو به اثر موجود آهي. هن نظريي مطابق تخليق لاءِ به جنسي جذبو متحرڪ آهي. ۽ ان جي اثر ۾ ماڻهو تخليقڪار ٿئي ٿو ۽ پيار سونهن جي تخليق ڪري ٿو. هڪ عاشق کي پنهنجي محبوبہ کان وڌيڪ ڪا ٻي شيءَ حسين نہ لڳندي ان پٺيان به اهڙو ئي سبب موجود آهي. ڊاڪٽر سليم اختر جي خيال آهي ته " جيڪڏهن عورت جنس جو ڪليو اظهار نٿي ڪري سگهي ته لپ استڪ لڳائي مرد ۾ عاشقي واري خواهش کي ايباري سگهي ٿي. [33]

---

[32] شيخ انعام ، سونهن ، عشق ۽ پيار. نئون نياپو ، سنڌ پبلشنگ هائوس ڪراچي .ص 39 1998

[33] ڊاڪٽر سليم اختر ، عورت جنس ۽ جذبات، ص 70 سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1999ع

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهو حسن تہ لازوال ناهي. همالیہ جي چوٽي سر ڪرڻ کان پوءِ حسن جا تجلا گھٽجيو وڃن . نپولين بوناپارٽ سندس محبوبہ جي بي وفائي جو سبب ڳولي نہ سگھيو . هن چيو تہ مان حسين . دولت مند، طاقتور ۽ افعالن وارو آهيان پر پوءِ بہ محبوبہ کي حسن ڪنهن ٻيءَ ۾ نظر آيو.

جڏهن ڪنهن سان عشق ٿي وڃي ٿو تہ اها دنيا جي خوبصورت ترين شيءَ بنجيو وڃي . دل چاهي ٿي تہ رڳو پري کان سندس ديدار ٿئي . بس اهائي سڀ ڪجهہ آهي ۽ ان سان ڳالهيون ان جا تصور هجن!! پر ڪيستائين جڏهن ان جي حسن کي پنهنجي وجود ۾ ضم ڪرڻ جي خواهش زور وٺي ٿي تہ اهڙي حسن جي پٺيان هوس جو جذبو اڀري ٿو .

بقول غالب جي

" هو چڪا عشق اب هوس ٻي سهي

ڪيا ڪرين فرض هي ادائي نماز.

انهيءَ ڪري سونهن کي مايا قرار ڏنو ويو جنهن جي اصل حقيقت ڪجهہ بہ ناهي.

فطرت جا اصول اسان ڪنهن هڪ فارمولي سان نٿا سمجهي سگھون ڇو تہ عالمگير اصولن جا بہ هزارين روپ آهن. جنس جو جذبو فطرت جي مختلف رنگن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. جنهن جو تعلق مخصوص جنسي چڪ سان بنهہ ڪونهي. هڪ ماءُ لاءِ سندس ٻار جيڪو پلي ڪوجهو ڪنو هجي پر ان کان وڌيڪ خوبصورت ڪو بہ ناهي. آهستي آهستي سونهن ڪائنات جي ڪثرت ۾ ڦهلجي مختلف روپن ۾ ظاهر ٿئي ٿي . ان لاءِ صوفين جو چوڻ آهي تہ هر شيءَ خوبصورت آهي. بجا طور سمجهہ ۾ اچي ٿو.

" خدا سونهن جو ڳجهو خزانو هو ڪيس جنبش جاڳي ته پاڻ سڃاڻجان ۽ پوءِ ڪائنات خلقيائين"[34]

معنيٰ ته آهي ئي سونهن ! ڇو ته خدا سونهن آهي انهيءَ صورت ۾ سونهن کي محسوس ڪرڻ جي سگهه شعوري پختگي ڪانپوءِ حاصل ڪريون ٿا. جيترو شعور پختو هوندو تخيل ۽ وجدان جي سگهه اوتري وڌندي. جاهل تي الهام نه ٿيندو نه وري جاهل وٽ تخيل جي سگهه هوندي آهي. ان جو مطلب ته سونهن جو احساس جاهل ۽ جانور کي نه هوندو آهي. . شايد اهو ئي سبب آهي جو شعوري علمي سگهه وارو ماڻهو وڌيڪ رومانٽڪ ٿيندو آهي يا وري امن پسند ٿيدو آهي.

ڪروچي (1892-1952) benedetto croce جي خيال ۾ سونهن کي شعوري ۽ ذهني پختگي نه پر وجدان ذريعي محسوس ڪري سگهجي ٿو. جماليات هڪ روحاني عمل آهي. جيڪو وجدان جي صورت ۾ هڪ تاثر ۾ بدلجي ٿو. اسان هيئن سمجهون ته انسان اندر ۾ الهامي صورت سونهن جو احساس جاڳائي ٿي. اها سونهن تخليق ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته ينائي پيدا ٿئي ٿو. شيخ اياز پيدا ٿئي ٿو. اها قوت محبت ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته رضيه سلطانه ، ياقوت شيديءَ سان پيار ڪري ٿي ۽ ان شيديءَ کان وڌيڪ حسين شيءَ رضيه سلطانه کي نظر نه آئي. اها ئي وجداني قوت ڪنهن عاشق کي ڦاهيءَ تي وڃي ٿي ۽ بادشاهي ڏڏي ڇڏڻ تي مجبور ڪري ٿي يا زهر جو پيالو پياري ٿي.

ڇا سونهن وجداني احساس آهي.؟

---

[34] ڈاڪٽر نواز علي شوق، سچل سارو سچ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيشن 1989ع، ص 122 ع

ڌارون جي خيال ۾ سونهن مر نسلي ، علاقائي ۽ شخصي پهلو آهن . هر قوم ۽ علاقي جي ماڻهن وٽ پنهنجا سونهن جا معيار آهن. وري هر شخص وٽ سونهن سندس تجربي ۽ ڄاڻ جي آڌار تي آهي. يعنيٰ پلا پلي جو چيهه ڪونهي، حسين شيون هڪ کان هڪ پيون آهن. توهان جي تجربي ۾ ايندين ويندين ۽ توهان جو معيار وڌندو ويندو.

هاڻ اسان موٽي اچون ٿا ڪانٽ جي ان ڳالهه ڏانهن ته ادبي تخليق جي ڄاڻ جو پنهنجو معيار آهي. ان جي سونهن ان جو پنهنجو فن آهي. جماليات ابد جي تخليق جو اهم محرڪ آهي هاڻ جماليات جا ماڻ ماپا هر هڪ لاءِ الڳ الڳ آهن. ڪنهن سوشلسٽ ريئلسٽ ليکڪ لاءِ ته پورهئي جو عمل جماليات جو اهم ذريعو آهي. پر ڪنهن عاشق لاءِ جماليات جو ذريعو الڳ آهي.

شاهه جو هي بيت ڏسو:

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون مور نه موچاريون،
ڪٽي ويڻيون وات تي ککي جون کاريون،
انهن جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

پورهيو ڪندڙ مهاڻيون ، مڇي وڪڻندڙ ڏڦ هاڻيون عورتون جن جا ڪپڙا ڪاٽل، رنگ سندن ڪارو پر سمي بادشاهه کي انهن ۾ حسن نظر آيو. اها ڪهڙي سونهن هئي؟ اتي سونهن جو اخلاقي پهلو ظاهر ٿئي ٿو ته سونهن انسان جي افعالن ، سادگي، عاجزي ۽ ڪردار جي عظمت ۾ آهي.

پر هتي اسان جماليات ڪنهن فني شهپاري ۾ ڳولينداسين ته ڇا فن ۽ فڪر کان جماليات بالاتر آهي؟ ته جواب آهي جماليات هوا ۾ لٽڪيل ناهي سادن لفظن ۾ ڪا ڳالهه اهڙي طرح ڇئي وڃي جو خوبصورت لڳي.

تنهنجي ديدن ۾ دلبر

انتر منتر ، جادو جنتر [35]

استاد بخاري جي هن شعر ۾ عام لفظ مروج اصطلاح انتر منتر جادو جنتر آهي جو ان جو روپ جمالي ٿي پيو آهي. پر هتي اها ڳالهه بہ بحث طلب آهي تہ ڇا جماليات هڪ انتهائي تنظيم ڪاري يا منظم شيءَ جو نالو آهي؟

هي شعر ڏسو:

راند ڪريندو ڪير
سنڌيا جو ڏوڙيندي،
ڦٽجي پيو آهي پير.

سحر امداد جي هن ٽيڙوءَ ۾ هڪ سادو خيال آهي. پر شعر هڪ خوبصورت تاثر ڇڏي ٿو تہ جمال ترتيب جو هڪ حسين امتزاج آهي. جيڪو پڙهندڙ ۽ شاعر جي وچ ۾ هڪ تعلق قائم ڪري ٿو اهو تعلق ٻڌندڙ تي هڪ جمالياتي ڪيفيت طاري ڪري ٿو. وري هي شعر ڏسو. :

تون ئي تنها رهجي ويندين،
هوءَ تہ ڪنهن جي بہ ٿي سگهي ٿي

سميع بلوچ جو هي خيال جيترو سگهارو آهي اوترو من کي ڇهندڙ آهي . ڪڏهن ڪڏهن من کي ڇهندڙ جذبا لفظن جو روپ ونڻي سا مهون بيهن تہ خوبصورت لڳندا آهن . اهڙي طرح ڪو منظر جيڪو بار بار توهان ڏٺو هجي پر شاعر ۾ اها طاقت آهي تہ هو ان جي جماليات جا رنگ نروار ڪري ڇڏي ٿو.

شيخ اياز جو هي خيال ڏسو.

تنهنجا منهنجا چپ

---

[35] ڪلاڇي، (جرنل) شمارو 3 ۽ 4 2001ع شاهه عبداللطيف يٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي

جيئين چمي ماتلي
ٻئي قليليءَ کپ
جنهن ماتلي جو شهر ڏٺو هوندو اهو ئي هن ٽيڙو جي خوبصورتي کي پرکي سگهندو. پر ساڳي وقت جي کو روز ماتلي ڏسندو هوندو پر وري هن شعر پڙهڻ يا ٻڌڻ کانپوءِ انهيءَ منظر کي ڏسي ته ان جي خوبصورت وڌي ويندي .
آسکر وائلڊ واري ڳالهه ته آرٽ کي آرٽ سان مطلب هوندو آهي. "Art for Art's sake" سو فن جي خوبصورتي جيکڏهن کنهن پيغام ، مذهب ، نظريي کان بالاتر ٿي ماڻهو کي متوجه ڪري ٿي ته آخر اها کهڙي شيءِ آهي ؟ ڇا اها خوبصورتي کا الڳ شيءِ آهي ۽ اها ڏسڻ واري جي اک ۾ رهي ٿي ؟
ڏٺو وڃي ته سڄي فطرت پنهنجي لقاءَ مان هڪ آرٽ آهي. پر اهو آرٽ ڇا پنهنجي حقيقي وجود ۾ ڪا خوبصورتي رکي ٿو.؟ ڏسڻ وارن جي اک ۾ اها فطرت پري کان حسن جي جلون کي متوجه ڪري ٿي ؟.
جيئن شاعر لاءِ چنڊ هميشه خوبصورتيءَ جي علامت رهيو آهي پر حقيقيت ۾ چنڊ تي پهچڻ کان پوءِ سائنسدانن چيو ته چنڊ ۾ خوبصورتي جهڙي ڪابه شيءِ ناهي . بلڪل اهڙي طرح ماڻهو هڏن جو پڃرو، گوشت، رنگ ، چمڙي جو ٺهيل آهي، کهڙي شيءِ خوبصورت آهي. ماڻهو مري پوي ته ان کي ٻه ڏينهن ٻه رکي نٿو سگهجي ڏپ ايتري ٽيو پوي جو نڪ تي هٿ اچيو وڃي، ته پوءِ خوبصورت کهڙي شيءِ آهي ؟
اتي هڪڙي ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته خوبصورتي اندر جي ڪا طاقت آهي، جيڪا ماڻهو منجهه تخيل جي صورت ۾ موجود رهي ٿي. بس ماڻهو انهيءَ تخيل کي کنهن تي آڻي يا ٺهڪائي ٿو يا فٽ ڪري ٿو. ته اها شيءَ خوبصورت لڳي ٿي. پر اصل ۾ ڪابه شيءِ خوبصورت يا بدصورت ناهي. معيار پرک سان تخيل جي

جديديت پڃاڻان

سگهاري پن سان يا اندر جي ان سگهه سان آهي جنهن ۾ جماليات جا رنگ وکريل آهن. .

مثال شاهه جو هي شعر ڏسو:

ڪر موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون

اڻليس آهون پري ، پري متي يون،

سا جي ڏسين تون ته موٽين ڪين مينڊرا.

اتي خوبصورتيءَ جو معيار پرک سان آهي. مومل ته مينڊري به ڏني پر هو غلط فهميءَ ۾ ان کي ڇڏي هليو ويو، هن جي خوبصورتي پرکي ڪين سگهيو. شاهه ان جو تجلو پي معنيٰ ۾ پيو ڏسي ، جيڪو زمان و مڪان کان بالاتر آهي، بلڪل ادب به ائين اهو سگهارو ۽ دائمي رهي ٿو جيڪو جمالياتي طور وجداني تاثر رکندو هجي ، زمان و مڪان جي سرحدن ۾ قيد نه هجي.

فيمينزم
(فڪري، نفسياتي، سماجي ۽ ادبي بحث)

انسان جو بنيادي مسئلو سندس ذات جي سچاڻپ جو آهي. سوال اهو آهي ته انسان ڇا آهي ؟ جوب آهي ته انسان اها فطرت آهي جنهن کي پنهنجي آگاهي جو شعور آهي . فطرت ۾ن قسمن جي آهي هڪ لقاءَ واري (phenomenological) ۽ ٻيو حرڪي (Vibrant) . انسان لقاءَ مان ايري پاڻ کان آگاهه ٿئي ٿو۽. هن وسيع ڪائنات ۾ پنهنجي هئڻ جو وجدان حاصل ڪري ٿو. پر اهو جوهر کان بغير صرف وجود جو وجدان.

انسان جا ٻه اهم مسئلا آهن.

1 وجود جو عظيم خال جنهن ۾ جوهر پرٽو آهي.

2. آزادي جو بي پناهه وجدان جنهن جو بوجهه ناقابل برداشت آهي.

دنيا ۾ هر تحريڪ جو بنياد انهن ۾ن مسئلن تي رکيل آهي. جيستائين انسان ۾ شعور ناهي تيستائين وجود جو خال ظاهر نٿو ٿئي ۽ جيستائين انسان آزاد ناهي تيستائين بي پناهه آزادي جو وجدان ناهي نه ئي آزادي جو بوجهه ڪيس مٿي ۾ سور وجهندو.

انهيءَ ڪري غلام ۽ جاهل پنهنجي عمل ۽ ذات جي آگاهي جي پريشاني کان آزاد آهي.

اهي ٻئي عمل هڪ ٻئي جي مخالف رخ ۾ آهن ، جڏهن ذات جي آگاهي اچي ٿي ته غلامي قبول ناهي ۽ جتي غلامي قبول ڪئي وڃي ٿي اتي ذات جي آگاهي ناهي. فيمينزم جي تاريخ انهن ئي تضادن جي ڪهاڻي آهي. فيمينزم جي شروعات عورت جي پنهنجي ذات جي شروعات سچاڻپ کان شروع ٿئي ٿي .

فيمينزم چا آهي؟

جوب سڌو آهي تہ عورت ذات جي وجود جي الڳ سڃاڻپ جي ڪوشش آهي. چو تاريخ ۾ عورت پنهنجي خودي ۽ ذات جي عرفان کان محروم رهي آهي . تاريخ ۾ عورت جي تشريح سندس الڳ حثيت سان نہ پر مرد جي رشتي سان ڪئي ويئي آهي. تاريخ هجي يا تهذيب ، اخلاق هجي يا فلسفو، مذهب هجي سياست، سماج هجي يا گهر ور عورت جو جيڪو بہ حصو ۽ ڪردار اسان جي سامهون اچي ٿو ان کي اينيي فيرگوسن پنهنجي ڪتاب "Images of women of literature" ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي.

"Man has been defined by his relation ship to the out side world .to nature, to society, indeed to God ... where as woman has been defined in relation ship to man".[36](1)

عورت جي تشريح جڏهن بہ ڪئي ويئي آهي تہ ان کي ڪنهن نہ ڪنهن رشتي سان سڏيو ويو آهي. عورت ماءُ آهي يا زال ، ڌيءُ آهي يا ننهن عورت پيڻ آهي يا ياڃائي آهي . سوت آهي يا ماسات آهي. محبوبہ آهي يا معشوقہ آهي. انهن لقبن ۾ عورت معزز آهي پر ڪيس حقير رشتن سان بہ نوازيو ويو جنهن ۾ عورت ٻانهي آهي ، رکيل ، ويشيا، ڊائڻ آهي، ان کان علاوه بہ عورت کي لقب مليا انهن ۾ عورت ديوي آهي . پر اها ديوي ڪالي آهي يا ايفروڊائيٽ يا ماتا ديوي. جنهن سان پڻ مرد ۽ عورت جو مخصوص رشتو ئي لڪيل آهي. سوال اهو آهي تہ عورت جي غلامي يا ڪمزوري جو بنيادي سبب چا آهي ؟ چا

---

1. [36] Mary Anne Ferguson image of women in literature, Boston, Mifflin company 1981 Page .5

عورت جي اها حالت حياتياتي جبر جي ڪري آهي يا سندس ان حالت جي ذميداري ثقافتي عمل تي آهي؟

سگمنڊ فرائيڊ چيو هو ته (2)"[37] The anatomy is destiny" جنهن جو مطلب ته بدني ساخت ماڻهوءَ جي قسمت طئي ڪري ٿي هن نڪتي نظر موجب عورت جو ماءُ بنجڻ وارو عمل جيڪو عورت کي ديوي جي رتبي تي پهچائي ٿو اهو ئي ڪيس تاريخ جي ابتي چڪر ويو ۾ بہ ڦاسائي ٿو . "Primitive" سماج ۾ جڏهن عورت خاص ڏينهن ۾ ڏوڙي نہ سگهندي هئي، اتي ان کي کاڌ خوراڪ ۽ حفاظت ڪير ڪري ، اهو ڪم مرد ڪرڻ لڳو .پر آخر مرد اهو ڪم چو ڪرڻ لڳو انهيءَ ڪري ته بنهي جي وچم جنسي رشتو هڪبئي لاءِ چڪ جو سبب هو. آهستي آهستي عورت هڪ جڳهه تي رهڻ لڳي. ۽ مرد باهر شڪار لاءَ ڏوڙ ڏڪ ڪندو هو. ڪٽنب جي شروعات اتان ٿئي ٿي. ان جو مطلب ته عورت جي Anatomy هي عورت ۽ مرد جي سماجي ڏانچي ۾ ڦيرو آندو ۽ گهر ۽ ڪٽنب جو رواج وڌو.

ان کان پوءِ عورت بني پاري جي دريافت ڪئي زراعت جو بنياد وڌو. شڪار ڪڏهن ملي يا نہ پر زراعت وڌيڪ فاعدي مند ۽ هر وقت موجود هئي. تنهن ڪري مرد آهستي آهستي شڪار ڇڏي زراعت ڏانهن ڏيان ڏنو. هن وقت تائين عورت جي بدني ساخت مطابق نظام استوار ٿيو عورت ڪٽنب ۽ قبيلي جي

---

[37] Freud, Sigmund, "The Dissolution of the oedipal Complex." On Sexuality. Vol. 7 of Penguin Freud Library. Trans. James Strachey. Ed. Angela Richards. Harmond sworth: Penguin, 1976. Page: 313-322.

سردار هئي ان وقت مدري نظام هو. ان کان پوءِ طبقاتي نظام شروع ٿئي ٿو. جنهن جو بنياد ڏاڏو سو گابو واري قول تي هو.عورت ڪمزور هئڻ سبب کيس بي دخل ڪري گهر پيڙو ڪيو ويو . اهڙي طرح طبقاتي نظام عورت جي پدري نظام کي جنم ڏنو ان کان پوءِ عورت جو ڪردار ثقافت طئي ڪري ٿي .
هر نظام ۾ عورت جو ڪردار طئي ٿيل آهي جاگيرداريءَ ۾ عورت جائز وارث پيدا ڪرڻ جي مشين هئي . سندس تشريح رشتن ۾ محدود هئي. جاگيرداريءَ ۾ سماج جو بنيادي قدر خاندان ، شادي ، اولاد ، رشتا ۽ ڳوٺ ريتون رسمون هيون. هي نظام صدين تائين هليو. جنهن ۾ عورت پنهنجي ذات جي سڃاڻپ ۽ شعور وڃائي ويني . ڪيس غلامي ۾ ئي عافيت ۽ اهميت هئي . بغاوت ڪرڻ جي صورت ۾ وٽس کو به ٻيو رشتو نه هو سواءِ وحشيا ٿيڻ جي .
ان کان پوءِ يورپ ۾ سجاڳيءَ جو دور شروع ٿيو. دراصل اهو دور جاگيرداريءَ مان سرمائيداريءَ ۾ تبديلي جو دور هو . سرمائيداري نظام جي ضرورت اها هئي ته هو عورت کي گهر کان ٻاهر آڻي جو ته جاگيرداريءَ جو بنياد گهر هو پر سرمائيداريءَ جو جو بنياد مارڪيٽ آهي . جاگيرداريءَ جو بنياد ٿيوڪريسي هو پر سرمائيداريءَ جو سڪيولر ازم آهي. جاگيرداريءَ ۾ مان مريادي هئي ، اخلاق هو فطرت هئي پر سرمائيداريءَ ۾ بناوت ، نتيجي پرستي (Pragmatism) ۽ مارڪيٽ جو ڪلچر جيڪو فطرت کان ڪٽيل آهي. .سرمائيداريءَ سڄي دنيا کي منڊي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هر ماڻهو کي وکر بنائي ڇڏيو. هر ماڻهو ۾ جيڪي به صلاحيتو آهن اهي مارڪيٽ ۾ وڪٽي سگهي ٿو. جو ته سرمائيداريءَ نظام کي صارفين جي ضرورت آهي ان ڪري دنيا جي اڌ آبادي عورت کي سرمائيدار گهر کان ٻاهر اچڻ جي ترغيب ڏني . هي اهو ئي دور آهي جڏهن عورت وري تاريخ جي وهڪري ۾ شامل ٿئي ٿي. عورت پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولا ۾ نڪري ٿي .

ميري والسٽن ڪرافٽ (Mary Wollstonecraft) ڪتاب لکيو (A vindication of the rights of woman) جنهن ۾ هن عورتن جي تعليم جو مطالبو ڪيو. جنهن کان پوءِ جان اسٽورٽ مل ڪتاب (The subjugation of woman) لکيو . جان اسٽورٽ مل جو خيال هو ته عورت کي علم ڏئي عورت کي بهتر شهري بنائي سگهجي ٿو. فيمينزم جي انهيءَ تحريڪ کي لبرل فيمينزم جو نالو ڏنو ويو. جنهن تي فيمينسٽ تنقيد نگارن تنقيد ڪندي چيو ته "در اصل پدري نظام جي مفادن کي اڳيان رکي عورت کي باشعور بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي پر حقيقت ۾ عورت جي ذات اجاگر نه ڪئي ويئي." لبرل فيمينزم عورت کي سٺو گهر هلائڻ ۽ ٻارن جي سٺي پرورش ڪرڻ تائين محدود هئي جنهن جو اثر سنڌي ادب ۾ پڻ اسان کي ملي ٿو بادام ناتوان جو "خوش خصلت خاتون" ۽ مرازا قليچ بيگ جو "زينت" ناول لبرل فيمينزم جون ئي ڪوششون آهن. اها فيمينزم جي پهرين لهر هئي. 1920 ع ۾ عورت کي ووٽ ڏيڻ جو حق ملي ويو ۽ ساڳي وقت سوويت يونين جي انقلاب دنيا ۾ عورتن جي سجاڳيءَ جي هڪ نئين لهر پيدا ڪري ڇڏي جنهن ۾ عورت پدري نظام جي غير مساوي رشتي کي چيلينج ڪرڻ شروع ڪري ڏنو . 1949ع ۾ سيمون ڊي بوارا (Simone de Beauvoir) ڪتاب (The second sex) لکيو جنهن فيمينزم کي نئون موڙ ڏنو سيمون ڊي بوارا پدري سماج جي ثقافتي عمل کي چيلينج ڪندي چيو ته

"One is not born, but becomes a woman. No biological, psychological, or economical fate determines the figure that the human female present in the society: it is civilization as a whole that produces this

creation, intermediate between male and eunuch which is described as a feminine" [38](3).

سيمون ڊي بوارا جي اها ڪوشش هئي ته عورت جي اصلي حقيقت ۽ سجاڻپ کي ڳولجي .

عورت جي اها ڪهڙي حقيقي سجاڻپ هئي جيڪا پدري سماج ۾ گم ٿي ويئي ،انهيءَ جو جواب ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ، جو ته عورت پدري سماج جي ثقافتي عمل ۾ جيڪو روپ عورت اختيار ڪيو انهيءَ کي بدلائڻ لاءِ هڪ نئين ثقافتي عمل جي ضرورت آهي . جو ته انسان جو جوهر طئي شده ناهي عورت اها ئي ڪجهه بنجي ويئي جيڪو هن کي سماج ٺاهيو . هاڻي اهو ڪهڙو آئيڊيل تصور عورت جو آهي جنهن مطابق هوءَ پاڻ کي ٺاهي . انهيءَ ڪري سيمون ڊي بوارا ثقافتي عمل کان بغاوت ڪندي پنهنجي مرضي جو استعمال ڪري سارتر سان گڏ بغير شادي جي سڄي عمر گذاري انهيءَ جو جواز وجودي فلسفي ۾ ته ملي ٿو پر فيمينزم ۾ نٿو ملي .

سيمون ڊي بوارا پنهنجي انهيءَ عمل سان پنهنجي ذات جي ڪا نئين سجاڻپ نه ڳولي سگهي بلڪ اهو عمل خود فرانس جي آزاد ثقافتي عمل جو حصو هو. .

يورپ جي واپاري دنيا هڪ نئين ثقافتي عمل جي تشڪيل ڪئي. جنهن ۾ عورت کي پنهنجي ذات جو شعور ته ڏنو پر جوهر نه ڏنو. واپاري دنيا عورت کي آزادي ته ڏني پر آزادي استعمال ڪرڻ جي ڪا واٽ نه ڏني. تنهن ڪري

---

2. Simone De Behavior, "The Second Sex" translated by parshley. H.M, Alfred A knopf vintage books edition 1989 page 7.

جيئن جيئن شعور وڌڻ لڳو عورت ۾ پنهنجي ذات جي اشتها Excitement وڌڻ لڳي . نتيجو اهو نڪتو ته فيمينزم جي ٽيئين لهر ۾ ڪجهه فيمينزم جون اهڙيون تحريڪون شروع ٿي ويون جن عورت جي ذات کي مسخ ڪرڻ شروع ڪيو. جهڙوڪ


Punk feminism, lipstick feminism, lesbian feminismوغيره، جنهن ۾ عورت (4)[39] right of nymphomania, جهڙا مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا. موجوده دور ۾ فيمينزم جي چوٽين لهر ۾ شروع ٿي وئي آهي . جنهن ۾ عورت حڪمران ۽ مرد کان سواءِ دنيا هلائڻ جي ڳالهه ڪئي ويڄي ٿي بلڪ مدري سماج واپس آڻڻ جي ڳالهه ڪئي ويڄي پئي.

فيمينزم جي نفسيات.

ڊاڪٽر ڪارل جنگ (Carl Jung) جي خيال ۾ هر عورت اندر Animus هوندو آهي جيڪو عورت ۾ مرد جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ اهڙي طرح مرد اندر Anima هوندو آهي ، جيڪو مرد اندر عورت جي نمائدگي ڪندو آهي. جيڪڏهن عورت ۾ اينمس وڌيڪ هوندو ته عورت ۾ مرداني خصلتون ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن مرد ۾ اينيما وڌيڪ هوندو ته اهو مرد عورتن واريون خصلتون رکندو. يعني مرد ۽ عورت بنيادي طرح هڪ ئي وجود آهن پر ٻنهي جا سماجي دائرا الڳ الڳ آهن. ڊاڪٽر شرلي Shirley ۽ Endrin

[39] .."Riot grrrl" From Wikipedia, the free encyclopedia. http://en.wikipedia.org/wiki/Riot_grrrl on 06-06-2011

(5) [40] Ardenesان دائري کي هن ريت واضح ڪيو آهي



غور سان ڏسنداسين تہ عورت جي دائري مٿان مرد جي دائري جو پاڇو حاوي آهي . دراصل اهو وچ جو حصو ئي سماجي نوعيت جو حصو آهي. باقي عورت ۽ مرد جو Original Secret Wild zone الڳ آهي . عورت ۽ مرد جي وچمر ڪشش ۽ هڪ ٻئي کي ڇاڻڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي جنگ ۽ پيار جو بنياد اهو wild zoneآهي . ڇوتہ اصل ۾ عورت ۽ مرد پنهنجي wild zone ۾ رهن تا ، مرد جو wild zone ظاهر ظهور آهي. ۽ سماجي آهي جنهن ڪري مرد پنهنجي آزادي

[40] Modern Criticism and theory (Edited by David Lodge) London. Longman 1990, Page 288.

جي وجدان ۽ جوهر ڳولڻ ۾ تخليق ۾ جڏهن پناهه ونڊي ٿو ته سندس تخليق ۾ ڪائنات، فطرت، سماج، جماليات ۽ عورت موجود آهي. پر عورت وٽ wild zone کان علاوه ٻيو ڪجهه به ناهي ان ڪري سندس تخليقن ۾ داخليت، احساس، جذبا ۽ ڪيفيتون زياده هوندين آهن. خاص طور سان ماءُ جي روپ ۾ هوءَ پنهنجي داخليت ۽ wild zone ۾ تسڪين ماڻيندي آهي . پر جڏهن بغاوت ڪري ٿي ته تخليق ۾ پنهنجو wild zoneعيان ڪري ٿي . جيئن اسان وٽ نورالهدىٰ شاهه "جلاوطن" لکي ۽ خيرالنسان جعفري "حويلي کان هاسٽل تائين"

"لکي پنهنجو wild zoneعيان ڪيو. فيمنزم جي نفسياتي جائزي ۾ هڪ ٻي ڳالهه اهم آهي اها آهي حساس ڪمتري ۽ ٻيو جنسي ڪجروي. تمام گهٽا مونجهارا اهڙا هوندا آهن جن کي ماڻهو لڪائڻ لاءِ ڪنهن تنظيم يا ڪنهن مذهب يا وري منفي ڪنهن ڪردار جو سهارو وٺندا آهن . فيمينزم به ڪجهه اهڙين عورتن جي پناهه گاهه آهي . مثال ڪا عورت خوبصورت ناهي منجهس ڪو مرد دلچسپي نٿو وڃي هوءَ مرد کان بدلي جي باهه ۾ فيمينزم جو سهارو وڃي مرد جي خلاف ڳالهائي سگهي ٿي. يا وري ڪنهن مرد ان کي دوکو ڏنو آهي ، انهيءَ دوکي جي بدلي ۾ هوءَ سيني مردن کان نفرت ڪري فيمينزم ۾ پناهه وڃي سگهي ٿي.

فيمينزم ۽ مذهب

مذهب ۾ عورت تاريخ جي ڪناري تي ملي ٿي ، گهٽو ڪري مصيبتن جو ڪارڻ سمجهيو ويو آهي. عورت کي هڪ مايا جو ڇار سمجهي ان کان پري رهڻ جي تلقين ڪئي ويئي. يوناني ڏند ڪٿا موجب پينڊورا انساني مصيبتن

جو سبب آهي.[41](6) يهودي ڪتا موجب بيبي حوا آدم جي زوال جو سبب بني. هنڌو سماج ۾ عورت صرف پتي جي داسي آهي. ڊاڪٽر مبارڪ شايد انهيءَ ڪري پيو هو ته "هندو ۽ مسلمان گهٽ ۾ گهٽ عورت جي معاملي ۾ گڏ ٿي ويندا آهن"[42] (7) اسلام ۾ ڪنهن حد تائين لبرل فيمينزم جو تصور موجود آهي. جنهن ۾ شادي جي باري ۾ راءِ ونڻ، طلاق جو حق، تعليم جو حق وغيره جو تصور موجود آهي. انهيءَ بنياد تي ڊپٽي نذير آحمدجو "مره الروس" ۽ بهشتي زيور لکيا ويا. ڏنو ويجي ته فيمينزم جو بنيادي مسئلو عورت جي جوهر جي تلاش آهي پر مذهب ۾ جوهر ته طئي ٿيل آهي. ان ڪري جيڪو مذهبي آهي اهو فيمينسٽ نٿو ٿي سگهي . فيمينزم جي ٽيئن لهر ته سڏو سنئون مذهب سان ٽڪراءُ ۾ اچي ٿي . بقول ڪشور ناهيد جي ته

" مردن جي بالا دستي جي سڃي عمارت عورت جي ڪنوارپڻ ۽ عصمت تي بينل آهي.[43](8)" اهو فيوڊل سماج جو تصور هو. جنهن ۾ عورت جي غلامي ۾ مرد جي عزت هئي . پر اڄ جو دور بلڪل مختلف آهي ، عورت جو باعصمت

---

[41]. مترجم يوسف سنڌي، "قيديم يونان جون ديويون ۽ ديوتا" سنڌ بڪ ڪلب نوابشاهه /حيدر آباد2003

[42].46. ڪشور ناهيد عورت ، زبان سي زبان حال تڪ، فڪشن هائوس لاهور ص 93.

[43]مبارڪ علي ڊاڪٽر ، تاريخ اور عورت، فڪشن هائوس لاهور 1993 ص64.

هئڻ ، عورت شرم حيا جو زيور هئڻ ، عورت جو غير محرم کان پردو ڪرڻ ڏند ڪٿائي ڳالهيون ٿيون لڳن.

سنڌ ۾ فيمينزم

سنڌ ۾ فيمنزم جي ڪا خاص تاريخ ناهي بلڪ چند فيمينسٽ عورتن جا نالا اسان کي ملن ٿا جن فيمينزم تي ڪجهه مضمون لکيا آهن ، ان کان علاوه ڪجهه عورتن ۽ مردن جا فيمينزم تي مضمون لکيل آهن . مان سمجهان ٿو عورتن جي مسئلن تي ڳالهائڻ کو فيمينزم ناهي اسان جي ادب ۾ بيشمار عورت ليکڪائون آهن . جن پنهنجي جذبن ۽ احساسن جا انوکا رنگ چٽيا آهن . انهن سپني کي اسان فيمينسٽ نٿا چئي سگهون . عورتن جي حقن ۽ برابري لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪميونسٽن جا ڪوڙيو پر اهي فيمينسٽ نه هئا.

سحر گل پٽي پنهنجي هڪ مضون " ڇا رڳو عورتن جي ڳالهه ڪرڻ انتها پسندي ناهي" ۾ لکي ٿي عورتا زاد تحريڪ يا فيمينزم تحريڪ جو مطلب آهي ته "عورتن جي الڳ ٿلڳ تحريڪ جنهن ۾ عورت جي گهٽ سماجي حيثيت جو سبب مرد کي ڄاڻايو وجي ٿو". عام طور سان اسان وٽ فيمينزم مان ته اها ئي مراد ورتي وجي ٿي ته عورت جي مظلوميت جو بنيادي ڪارڻ مرد جو رويو آهي ۽ پدري سماج آهي.

عطيه دائود پنهنجي مضمون " feminine voices in sindhi poetry "۾ لکي ٿي

" Shakh Ayaz's wife said that she spent her entire life waiting for him , when ever he asked her to pack his clothes , she asked how many to pack? His writer friends would come and suddenly in the middle of night they would all leave, even during illness and old age. He studied sixteen to seventeen hours a day. He slept little. The famous poet,

shamshir ul Hadris's wife, once told me affectionately marries a thief, dacoit, or scoundrel if you will, but never marry a poet". [44](9)

مون اڳ ۾ ٻڌايو ته مرد جي سوچ جو محور آفاقي آهي، پر عورت جي سوچ جو مرڪز مرد آهي، جيڪو يقينن ارتقائي ، ڪلچرل نقص آهي پر شيخ ايياز جيڪڏهن سندس زال جي دلجوئي ۾ پنهنجو عظيم ڏک قربان ڪري ڇڏي ها ته شيخ ايياز اڄ شيخ ايياز هجي ها . اسان جو نوجوان نسل 1960 کان 70 ڏهاڪي ۾ شهرن ۾ آيو اهو مرد پڙهيل لکيل ۽ پهرين نوڪري جي سلسي ۾ فيوڊل سماج مان نڪري شهر ۾ آيو پر ان سان ٽرئجڈي اها ٿي ته ڪيس شادي پنهنجي پهراڙي ۾ اڻ پڙهيل سوت ماسات سان ڪرٽي پئي. هي اها ٽرجڈي آهي جيڪا رڳو شمشير الحيدري نه پر اسان جي گهٽن ئي نوجوانن پوڳي.اها ٽرئجڈي اسان جي عورت نه پوڳي ڇو ته ڪنهن هڪ عورت جو اهڙو مثال نه ملندو ته اها پڙهيل لکيل ڊاڪٽر انجنيئر ، پروفيسر هجي ۽ شادي وري پهراڙي جي ٻڪرار سان ڪئي هجي.

عطيه دائود اڳتي لکي ٿي

"Poets and intellectuals actively participate in literary activates. Their drawing rooms echo with literary debates and arguments. The intellectual or poet's wife brings is in the tea and then closes the door, puts the children to sleep and recreates into the kitchen. The debate

[44] Attiya dawood, "Feminine voices in Sindhi poetry"
www.attiyadawood.com/arti01.html – dated 06-06-2011

on woman's emancipation in the drawing room does not reach her ears.[45](10)

اها ذهني وچوٽي آهي ، ان عورت کي خبر ئي ناهي ته هوءَ غلام آهي يا آزاد . اهو پڙهيل لکيل عورت ۾ مرد جو مسئلو آهي . ان عورت جو ناهي جيڪا گهر ۾ پنهنجي روزمره زندگي پئي گذاري. فيمينزم آزاد عورت جو مسئلو آهي جيڪا شهر ۾ سهولتن سان رهي ٿي . باقي عورت جي سماجي ناهمواريت ، پسماندگي ، ظلم جو سبب مرد نہ پر موجوده طبقاتي سماج آهي انهيءَ طبقاتي سماج ۾ غريب تي وڏيرو ، جاگيردار ۽ رياست جو ظلم آهي ان ۾ جيتري عورت مظلوم آهي اوترو مرد بہ مظلوم آهي. توهان ڏٺو ته نورالهدیٰ شاھ جڏهن حويلي خلاف بغاوت ڪري جلاوطن لکيو ته ان کي پذيرائي عورتن نہ پر مردن ڏني اهو مرد جيڪو ان سماجي ناهمواريت کي سمجهي ٿو پڙهيل لکيل آهي. پر فيمينزم جو ٽارگيٽ ان جاگيردار خلاف ناهي ان وڏيري خلاف ناهي ان رياست خلاف ناهي بلڪ صرف ان مرد خلاف آهي جيڪو شهري آهي پڙهيل لکيل آهي ، انهيء ڪري ايرڪ فراهم پنهنجي ڪتاب "The sane society" ۾ لکيو هو يو هو ته ماضي جو خطرو اهو هو ته انسان غلام هو پر مستقبل جو خطرو اهو آهي ته انسان روبوٽ هوندو ۽ روبوٽ سالم دماغ نٿو رهي سگهي اهو جلدي پنهنجي دنيا پاڻ تباه ڪري ڇڏيندو[46](11) انهيءَ ڪري سرمائيدار جي پيٽ يا روبوٽ بنجڻ لاءِ اسان جي هن ناهمواري سماج ۾ جنس

---

[45] Attiya dawood, "Feminine voices in Sindhi poetry" www.attiyadawood.com/arti01.html - dated 06-06-2011

[46] Erick Fromm, "The sane society" Adlai Stevenson at Columbia University in 1954: page 145

جي بنياد تي نئين سياست جو چيپٽر کولڻ طبقاتي جنگ کي ڪمزور ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن مرد ظالم آهي هو عورت کي آزادي نٿو ڏيڻ چاهي يا آزادي ۾ رڪاوٽ آهي، تہ پوءِ اسان جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ تمام وڏو انگ عورتن جو ڪيئن ٿو پهچي ، سنڌي عورت زندگي جي هر شعبي ۾ پهچي ويئي آهي. ايتري قدر جو اليڪٽرانڪ ميڊيا تي روز ڇگو خاصو تعداد ڇوڪرين جو اچي ٿو ، جيڪي ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهن ، ان جي باوجود اسان جي پهراڻين ۾ اڃان ڪاري ڪاري جا ڪيس ٿين ٿا ، اڃان ڇٽين ۾ سنگ ڏنا وڃن ٿا . اڃان عورتن کي ڇوڪرن جي مقابلي ۾ گهٽ ترجيح ڏني وڃي ٿي ، اڃان بي جوڙ شاديون ٿين ٿيون. پر ان سماج کي اسان فيمينزم جي ذريعي نہ پر تعليم ڏئي بدلائي سگهون ٿا ، نہ تہ توهان بلوچستان ۾ وڃي ڏسو ، مجال آهي سرداري حڪم کان ڪير ٻاهر وڃي، اسان وٽ تہ عورتن جي مظلوميت جا داستان اخبارن ۾ ڇپجن ٿا پر بلوچستان ۾ ڪنهن صحافي کي جرعت بہ ناهي تہ ڪا رپورٽ ڪري سگهي پوءِ فيمينزم جي ضرورت تہ وڌ ۾ وڌ ان سماج کي آهي. پر فيمسٽ تحريڪ سان ان سماج کي بدلائي نٿو سگهجي اتي وڏي انقلاب جي ضرورت آهي تعليم جو انقلاب ، سرداري ڇوڙاهٽ ختم ڪرڻ جو انقلاب.

مان سمجهان ٿو تہ فيوڊل دور کان بہ وڌيڪ عورت اڄ جي واپاري سماج ۾ مظلوم آهي. جنهن ۾ بظاهر تہ عورت آزاد آهي پر ڪهڙي آزادي مارڪيٽ جي وکر ٽيڻ واري آزادي؟ اڄ جي دور ۾ عورت جي وار کان وئي آواز تائين بازار ۾ وڪجي ٿو بلڪ عورت کي اها ترغيب ڏني وڃي ٿي تہ هوءَ پنهنجي خوبصورتي کي ڪيش ڪرائي. ٻاهر مارڪيٽ ۾ اچي تہ ان جي حيثيت آهي. ڇا مذاق آهي ؟ عورت فيوڊل دور ۾ گهر جي گڏي هئي ۽ سرمائيداريءَ ۾ مارڪيٽ جي سيڪسي گڏي آهي اسان ان کي آزادي ٿا سمجهون جنهن عورت

جي پنهنجي ذات جي سچاڻپ نہ رهي آهي. صرف هن جي جسم ۽ نقشن جي مجتا آهي، توهان جي ميڊيا کان وٺي بئينڪ، اسپتالن کان وٺي اسڪولن تائين سيني اهو ڏنڏو شروع ڪيو آهي تہ خوبصورتون عورتون رکٹيون آهن جيڪي گراهڪن کي من لبائي قاسائي وٺي اچن.جنسي ادائون ناز نخرا، فيشن جي نالي ۾ اگهاڙپ، هر طرف ماٹهو کي چتو ڪيو وڃي ٿو پر الٹو مرد تي اهو الزم لڳايو وڃي ٿو تہ هن وٽ جنسي مفاد کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ناهي. اسان وٽ ترقي پسند ، لبرل ۽ آزاد خيال مرد نہ ان کي سمجهيو وڃي ٿو جيڪو عورت کي مارڪيٹ جي وکر بنجڻ کان نہ روکي اسان جي فيمينزم جو ٽارگيٹ صرف ٻهراڙي جو سماج آهي جنهن ۾ عورت ايجا مارڪيٹ جو وکر نہ بٹي آهي هاڻ توهان ئي ٻڌايو تہ فيمينزم تحريڪ ڪنهن جي لاءِ ڪم پئي ڪري؟

سنڌ جو سماج تعليمي طور پسماندگيءَ جو شڪار آهي، جاگيردار ۽ وڏيرن جي ڪرپشن کان علاوہ بيروڪريسي جي ڪرپشن ۽ عياشيون سنڌي سماج کي پوئتي ڏکڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون . گذريل ڏهاڪي کان سنڌ جي تباهي ۾ ميڊيا جو ۽ سياست دانن جو بہ وڏو هٿ آهي . هر مسئلي تي اسان وٽ سياست ٿئي ٿي ، اسان وٽ سياست جي وبا ڦهليل آهي. ٻئي طرف ميڊيا جڙتو مسئلا اپاري سنڌ جي ڪيس کي وڌيڪ ڪمزور پئي ڪري. اسان وٽ علمي ۽ اخلاقي بحران آهي ، اسان کي هڪ وڏي ڪلچرل انقلاب جي ضرورت آهي باقي هر مظلوم جي آزادي ۽ برابري جا حق صرف غير طبقاتي ۽ هڪ نئين ثقافتي نظام ۾ ملي سگهن ٿا .

جدیدیت پسگاں

ڈاکٹر غفور میمن



Professor. Dr Ghafoor Memon's book "Postmodernism" (society and literature) is an original and provocative treatment of both critique of modernism and postmodernism, he has successfully given a very clear account of parallels between critical social theory, modernism and postmodernism that depicts the novelty and plausibility of philosophical argument by the writer. The 14 chapters in this book make an important, illuminating contributions to explaining the complexity and influence of basic thoughts in postmodernism. The book on postmodernism is unrivalled in its scope and quality. Its comprehensiveness makes it the most useful writings so far available on postmodernism in Pakistan. It demonstrates writer's rich understanding of conceptual framework embedded with critique of modernism via general views of deconstructive historicity of rational beings (world view), philology, individualism, perspectivism, de-constructionism and post-structuralism.

Professor Dr Ghafoor Memon has tried to give a concise guide on postmodern thinking, deconstructive values, ideas and critique of moral precepts through postmodern critique of modernism. The book opens up by focusing on the most significant issues in terms of the postmodern condition (Lyotard's specification of postmodern epistemes of knowledge relegated to information), critique of Rationalism, hyper realism. The book than goes on to provide a systematic and comprehensive exploration of postmodern thoughts. The contribution proceeds chronologically begening with the discussion on primative of postmodernism in relation s to mysticism, abnormality, Darridian critique of structuralism and constructivism through his attack on the metaphysics of presence, and moving on to the problems of sex and religion, spactio-temporality aggregates of postmodernism in terms of deconstructing teleological history (foucault's critique of historical materialism and Marxism), modern values and, above all culture as a whole. Professor Dr Ghafoor Memon conducts a careful analysis of major themes of postmodernism, and examines with painstaking care and objectivity, the shifting structures of argument from modern to postmodernism epismtemes. I think professor g m has opened up critique of modern literature (especially in Pakistan) via challenges of postmodernism to a far wider audience than they have appealed to at all until now (in Pakistan). Certainly Dr Memon's book on postmodernism is enormously required to further research in the postmodernism and critique of literature.

Dr Syed Alam Shah
Sheffield UK.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن **The Reading Generation**